# مهراڻ

ABC CERTIFIED

نمبر 2/ 2010ع



سنڌي ادبي بورڊ

سائين سدائين ڪرين مٿي سنڌ سڪار
دوست تون دلدار عالم سڀ آباد ڪرين

## معصوم تہ فقط الله جا پيغامبر آهن

تنقيد ۽ ان جا افادي پهلو تہ اڪيچار ۽ بيشمار آهن. پر ان جي فني اصولن ۽ شرطن کي نباهڻ ۽ ڪنهن تعمير پسند ۽ اصلاحي تعبير تائين پهچڻ. البت ڏکيو معاملو آهي. غلطي ڪير نٿو ڪري؟ غلطين کان ڪير پوتيءَ پاڪ آهي؟ ڪمال جي ڪنهن کي دعويٰ آهي؟ معصوم تہ فقط الله جا پيغامبر آهن. باقي هرڪو چڱن ۾ گتو بيٺو آهي ۽ هرڪو پاند پسايون پيو هلي چلي! علم ۽ فن. عمل ۽ ادب جي دنيا ۾ وڏن وڏن کوپڙ ڪڙن کان لغزشون ٿيون آهن. فيلسوف هجن يا عالم هجن. شاعر هجن يا مؤرخ هجن. محقق هجن يا ناقد هجن. مذهبي پيشوا هجن يا طريقت جا صاحب هجن: انسان خطا جو گهر آهي. ڪٿي نہ ڪٿي انهن کان بہ غلطيون ٿيون آهن. جن ماڻهن جي نگاهہ. اهڙن عالمن جي 'اعترافات' تي آهي. اهي چڱيءَ طرح پروڙي سگهن ٿا. تہ ڪهڙن ڪهڙن نيڪ مردن ۽ اولي العزم ماڻهن کان خطائون ٿيون آهن.

علم ۽ فن جا سڀ ڪاڳر ۽ دفتر بہ ڪمال ۽ صحت جي دعويٰ نٿا ڪن. هرڪو پنهنجي وت آهر پيو پڙهي ۽ لکي، پرجهي ۽ سوچي. هرڪنهن جي راهہ جدا ۽ راءِ جدا. هڪ جو خيال ٻئي سان نٿو ٺهڪي. ۽ ٻئي جي راءِ. ٽئين کي نٿي آنڊي. بس اهو آهي سلسلي ۾ سلسلو. جاٺ سڃاڻ. سمجهہ ۽ پروڙ جو. ان کان ٻاهر تہ ڪوبہ ڪين سجهي. هرڪنهن فن جي اها حالت آهي. ۽ هرڪنهن عالم ۽ ڄاڻوءَ. فنڪار ۽ دانشمند جي اهائي پڄاڻي آهي. هرڪنهن جو اهو حال آهي. جنن لطيف چيو آهي:

مون کي مون پرين. ٻڌي وڌو ٻار ۾.
ايا اينن چون. تہ مڇن پاند پُسائيين!

**غلام محمد گرامي**

{ٽہ ماهي مهراڻ 1967/2ع جي گذارش تان کنيل اقتباس صفحو 3-4}

P - 46589
23.6.10

ABC CERTIFIED

ٽماهي

# مهراڻ

[سنڌي ادبي بورڊ جو ٽماهي علمي، ادبي ۽ ثقافتي دستاويز]

جلد 60 اپريل – جون 2010ع نمبر-2

سرپرست

**مخدوم جميل الزمان**

چيئرمن، سنڌي ادبي بورڊ

نگران اعليٰ

**شيخ عزيز**

وائيس چيئرمن، سنڌي ادبي بورڊ

نگران

پروفيسر سيد زوار حسين شاهه نقوي

سيڪريٽري، سنڌي ادبي بورڊ

ايڊيٽر

طارق عالم ابڙو

اسسٽنٽ ايڊيٽر

دين محمد ڪلهوڙو

**گوشهء رباني**



سنڌي ٻوليءَ جي نامور قصه گو اديب

**غلام رباني آگرو**

تي سنڌ جي ليکڪن جون تحريرون

**سنڌي ادبي بورڊ**

ڄامشورو، سنڌ

ريسرچ لائبريري



ٽماهي مهراڻ

(Regd No. NS-20) سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، سنڌ.

The "Mehran", Quarterly
Vol: 60 , No 2/2010
(Established in 1955)

* An ageold leading journal of scholarship in Sindhi language, acknowledged in all literary circles of Pakistan and abroad.
* Contemporary creative writings, history, civilization, education, music, folklore, archaeology, lexicography, General culture of Sindh and translations from world literature are the main topics of material usually published in this periodical.
* Published by <u>SINDHI ADABI BOARD</u> for the promotion of Sindhi literature with the financial assistance of <u>PAKISTAN ACADEMY OF LETTERS</u> Islamabad.

• <u>Publication contact:</u>
Editor, Mehran Quarterly
Sindhi Adabi Board,
<u>Jamshoro</u>
Sindh, Pakistan
Tele: 022-2907074
2771276
Fax: 2771602
(E.mail: sindhiab@yahoo.com)
Website: www.sindhiab.com
www.sindhiadabiboard.org

**ايڊيٽوريل بورڊ**
ڊاڪٽر قاضي خادم
ڊاڪٽر غلام محمد لاکو
نصير مرزا

<u>Subscription contact:</u>
Manager
Sindhi Adabi Board's Kitab Ghar
Tialk Incline
Hyderabad, Sindh, Pakistan
Telephone: (022) 2633679

خريداريءَ لاءِ رابطو:
مئنيجر، سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گهر، تلڪ چاڙهي، حيدرآباد، سنڌ

ساليانو چندو: ٽي سو روپيا | فون نمبر: 2633679 | في پرچو: پنجهتر روپيا

Printed and Published by Secretary Sindhi Adabi Board, at the Board's Printing Press, Sindh University New Campus, Jamshoro, Sindh, Pakistan.

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

گذارش

پئي پراڻو نہ ٿئي

# واڇي وانگر وڃ، مَٿي کي مُرلي ڪري



هن دؤر جي وڏي محقق ۽ مؤرخ پروفيسر آرنولڊ.جي.ٽوئن بي جي خيالن ۽ راين کي مطالع ڪريو، جو هن دؤر ۾ انساني تاريخ ۽ تهذيب جو وڏو عالم ڇيو وڃي ٿو، لکي ٿو:

"هن دؤر جو انسان اُن جواريءَ وانگر آهي، جنهن جواخاني ۾ پنهنجو سارو اخلاقي ۽ تهذيبي سرمايو وڃائي ڇڏيو آهي، هاڻي سندس معاش ۽ زندگيءَ جا سڀ اسباب آخري داوَ تي اڇي چڪا آهن. هو چاهي ٿو تہ ڪيس اها راند کٽڻ گهرجي، پر ڪيس اهو بہ يقين آهي تہ سندس تاش ۽ هنر ۾ اهو زور نہ رهيو آهي ۽ هارائڻ سندس مُقدر ٿي چڪو آهي."

پئي هنڌ فرمائي ٿو:

"مون انساني تاريخ جا ايڪيهہ تمدني دؤر مطالع ڪيا آهن. انهن کي ڏسندي مون فيصلو ڪيو آهي تہ انسان جي موجوده اخلاقي زوال هوندي، اها اميد ڪري ٿي نٿي سگهجي تہ هو مادي مفاد ۽ خود غرضيءَ کي وساري ڪو صحيح اخلاقي فيصلو ڪري سگهندو. بيشڪ نوع انسان جي محبت هڪ تاريخي طاقت آهي؛ پر اها بہ تڏهن ٿيندي جڏهن انسانذات سان محبت، الله تعاليٰ جي محبت مان پيدا ٿيندي. منهنجي زوردار راءِ اها آهي تہ هن دؤر جي وڏي ضرورت آهي: هڪ 'اخلاقي نظام' ۽ ان سان گڏ 'مافوق الطبعيات ذات تي ايمان'."

ٽوئن.بي جي مٿين تحقيق ۽ راءِ، جا هڪ وڏي دانشمند، صاحبِ مطالع، مؤرخ ۽ عمرانيات جي ڄاڻوءَ جي راءِ آهي، هن دؤر لاءِ وڏي اهميت رکي ٿي. ڪاش! هن دؤر جو حيران ۽ پريشان انسان، دوباره پنهنجا انساني تعلقات، باقي انسانن سان خلوص ۽ محبت جي بنياد تي استوار ڪري، جنهن سان ئي امن ۽ امان قائم رهي سگهي ٿو.

ٻيو مفڪر ۽ عالم، ڊاڪٽر اليڪس ڪيرل، پنهنجي جڳ- مشهور ڪتاب "انسان نامعلوم" ۾ هن دؤر جو تنقيدي جائزو وٺندي فرمائي ٿو:

"مشيني ايجاد ۾ اضافي ڪرڻ سان هن دؤر جي تقاضائن ۽ حالتن کي بهتر بنائي نٿو سگهجي. ان طرح رڳو طبعيات، فلڪيات ۽ سائنس جي مختلف شعبن ۾ ايجاد ۽ انڪشاف کي ڪا ايڏي وڏي اهميت ڏيئي نٿا سگهون. انسانذات لاءِ واجب آهي تہ هو پنهنجي ذهني ۽ اخلاقي زوال ڏانهن نهاري. پنهنجي تمدن ۾ رڳو عيش پرستيءَ ۽ مفاد پرستيءَ جي پيچيدگين کي وڌائڻ مان ڪهڙو فائدو؟ اصل حقيقت اها آهي تہ انسانذات کي پنهنجي حقيقي مفاد ڏانهن وڃڻ کان سندس اخلاقي زوال ئي روڪي رهيو آهي.

"اها ڪا مفيد ۽ تعميري صورت ڪانہ آهي، جو پنهنجي زندگيءَ جو نظام جيئن پوءِ تيئن منجهائيندا رهون، ۽ ان ۾ پنهنجين قوتن کي ناس ڪندا رهون. اسان جون اهي ڪوششون ۽ ڪاوشون اخلاقي زوال کي اڃا بہ وڌيڪ وڌائين ٿيون ۽ اسان جي عظيم نسلن جي صالح عناصر کي برباد ڪرڻ لاءِ نئين سج نيون ترڪيبون ناهين ٿيون.

"وڌ ۾ وڌ تيز رفتاريءَ لاءِ، بَري ۽ بحري جهاز ناهڻ، آرام ڏيندڙ سواريون بنائڻ، سستا ۽ اُچا ريڊيا ناهڻ ۽ خلا جي اٿاهہ دنيا کي مطالع ڪندڙ دوربين کان وڌيڪ ضرورت آهي تہ انسان خودشناس بنجي."

ان مان مراد اها نہ وٺڻ گهرجي تہ علم ۽ سائنس، ايجاد ۽ انڪشاف جي ڪا ضرورت ناهي! چوڻ جو مطلب اهو آهي تہ بااخلاق ۽ خودشناس انسان جي تخليق کي سڀ تي ترجيح حاصل آهي.

هن دؤر جو ٻيو وڏو محقق، پروفيسر ساروڪن، هن طرح ٿو انسان جي زوال تي ماتم ڪري:

"هن دؤر م اخلاقي زوال جي ڪري، انسان ڪافي طور تي ذليل ٿي چڪو آهي. اڄوڪو انسان رڳو مفاد پرست رهجي ويو آهي؛ مفاد ذاتيءَ کان ٻاهر هو ڪنهن بہ چڱيءَ چيز کي قبول ڪرڻ لاءِ جڻ تيار ئي ناهي. اڄڪلهہ جو انسان پنهنجي ذاتي مفاد ۽ مصلحت کي پنهنجو دين ۽ ايمان، شعار ۽ شان بنائي چڪو آهي. ان غلط روش جي ڪري، پوريءَ دنيا ۾ مستقل نموني ۾ دشمنيءَ ۽ مردم آزاريءَ جو ٻج پوکجي چڪو آهي. ڪو انسان اڄ اخلاقي دائري اندر پاڻ کي محفوظ نٿو سمجهي. اگر اها حالت اڃا بہ رهي تہ پوءِ اخلاقي دنيا ۾ انسان تہ مري ويندو، باقي مادي دنيا م سو زندهہ رهندو."

اسان جي سنڌڙيءَ جي تهذيب ۽ تصوف جو بہ اهوئي ارشاد آهي. انسان خودغرض نہ بنجي، پر هڪ آدرشي ۽ مثالي ڪردار پيدا ڪري؛ انسانذات جي محبت بنا ڪنهن مادي مفاد جي پيدا ڪري؛ دل مان ڪينو ۽ ڪپٽ ڪڍي، سيني کي آئيني وانگر اوجر ڏئي؛ نفرت ۽ حقارت، انسان دشمنيءَ ۽ مردم آزاريءَ جا نفسياتي عناصر ڪڍي، پاڻ ۾ محبت پيدا ڪري ۽ ٻين سان بہ محبت ڪري. "لطيف" فرمايو آهي:

وَلر ڪيو وتن، پرت نہ چنن پاڻ ۾،
پَسو پکيئڙن، ماڻهنئا ميٺ گهڻو!

اڄڪلهہ جي چوٽيءَ وارن مغربي مفڪرن جي مٿين ماٺ سرائي هڪ اعتراف آهي ۽ اخلاقي اعتبار سان هڪ جرائتمندانہ قدم آهي. مٿين محققن جي تحقيق جي روشنيءَ ۾ سڀ کان اول اديبن ۽ دانشورن، شاعرن ۽ ليکڪن تي اهو فرض ٿو عائد ٿئي تہ هو هن دؤر جي صحيح ترجماني ڪن، اخلاقي زوال ۾ پيڙهيل ۽ زخميل انسان تي مرهم پٽي رکن ۽ منجهن خودشناسي ۽ اخلاقي شعور پيدا ڪن. پنهنجي فن ۾ اهو رنگ پيدا ڪن، جو فرسوده ۽ زنگ آلوده انسانن ۾ ولولہ انگيز زندگي پيدا ڪري سگهي، اسان جي دل ۽ دماغ ۾ اوجر پيدا ڪري ۽ گم ٿيل نعمتن تائين رسائي سگهي. هي دؤر پنهنجي نازڪ مسئلن جي ڪري دانشمندن جي رهنمائيءَ جو محتاج آهي، ۽ ان تقاضا کي جديد دؤر ۾ حال جي تقاضا ٿو چئجي. ان حال لاءِ صديق فقير چيو آهي:

جيڪي آهي اڄ، سُيان ناهہ "صديق" چئي،
واڇي وانگر وَڄ، مٿي ڪي مرلي ڪري.

غ.م.گ
جلد 20 نمبر 1-1971ع جي
**گذارش** مان کنيل

قلم تازو:



تازن اطلاعن موجب،سنڌي ادبي بورڊ جي انتظامي جوڙجڪ ۾ تبديلي آندي وئي آهي، جنهن موجب سنڌ جي قابل احترام مخدوم خاندان جي چشم و چراغ جناب مخدوم جميل الزمان صاحب کي بورڊ جو چيئرمن مقرر ڪيو ويو آهي. جيڪا انتهائي سرهائي واري ۽ اداري جي ڀلائي لاءِ ڪنيل بهترين وک آهي. مخدوم جميل الزمان صاحب 'وزير بين الصوبائي تعاون'، نہ فقط سياست ۾، پر ان سان گڏ سنڌي شاعري ۾ ڪهنہ مشق شاعر جي حيثيت سان ڄاتا سڃاتا وڃن ٿا. سندن ڏاڏا سائين جناب مخدوم محمد الزمان طالب المولىٰ صاحب جن جي پاڪستان جي سياست سان گڏوگڏ سنڌي ادب ۽ سنڌي ادبي بورڊ لاءِ ڪيل خدمتن کي هميشہ تحسين جي نظرن سان ڏٺو ۽ لکيو ويندو..

ادارو مهراڻ ۽ بورڊ جا ملازم هن سهڻي ۽ ساڪائتي ڪنيل قدم لاءِ وزيراعلىٰ صاحب جن جا ٿورائتا آهن ۽ گڏوگڏ گذريل انتظاميہ ۽ سابقہ چيئرمن جناب پير مظهر الحق صاحب سينئر منسٽر ۽ وزير تعليم جي ڪيل هاڪاري ڪمن کي پڻ نٿو وساري سگهجي.

**غلام رباني آگري نمبر بابت گذارش**

مهراڻ 1-2010ع جي ايڊيٽوريل ۾ اداري طرفان اعلان ڪيو ويو هو تہ ايندڙ پرچو مهراڻ-2، سنڌ جي نامياري داستان گو اديب ۽ دانشور غلام رباني آگري جي ياد ۾ 'غلام رباني آگرو نمبر' ڪري شايع ڪيو ويندو، پر باوجود اداري ۽ سندس پونيرن جي ڪوشش جي مواد جي سُتت پهچ نہ ٿيڻ سبب، اداري جي اها دلي خواهش ان طرح پوري نہ ٿي سگهي، جهڙي طرح اداري چاهيو پئي، پر ان هوندي بہ جيڪڏهن غلام رباني آگري جي باري ۾ ڪو اهم مضمون مليو تہ مهراڻ-3 ۾ ضرور شايع ڪنداسين. 'مهراڻ' کي وقت سر شايع ڪرڻ اداري جي اهم ترين فرضن مان هڪ اهم فرض آهي، ڇو تہ ڪنهن بہ رسالي جو ٽائيم تي شايع ٿي ليکڪن ۽ پڙهندڙن جي هٿن تائين رسڻ، انتهائي ضروري آهي. اهڙي عمل سان رسالي جي وقري ۽ ساک کي برقرار رکي سگهجي ٿو. بهرحال: جيڪو پلئہ پيو سو پڙهندڙن جي خدمت ۾ پيش آهي.

**ڏُور ٿيندا وڃن روز جوڳيئڙا!!**



موت بيحد ڪڙي ۽ روح کي ڇيتيون ڪندڙ حقيقت آهي. هر نئون سال، جتي نيون اميدون ساڻ کڻي اچي ٿو، اتي ڀڃي ڀور ڪندڙ ڏک بہ ڏئي وڃي ٿو.

هيءَ خبر نهايت دل سوزيءَ مان پڙهي ويندي، تہ سنڌي ٻوليءَ جي علم و ادب ۽ تاريخ جو قابلِ احترام نانءُ، قريشي حامد علي خانائي، 15- مارچ 2010ع تي هن فاني جهان مان خالي هٿ کڻي مالڪ حقيقي جي حضور ۾ وڃي پيش پيو. سندس قلمي پورهيو سنڌي ٻوليءَ جي علم ۽ ادب جي ڪهڪشان ۾ روشن ستاري جيئن چمڪي، پنهنجي روشنيءَ سان ادب ۽ تاريخ پڙهندڙن جي اکين ۾ هميشہ- چلڪندو ۽ چمڪندو رهندو. الله پاڪ کيس جنت الفردوس ۾ جاءِ ڏئي (آمين) ادارو سندس پونيرن سان ڏک ۾ برابر جو شريڪ آهي.

جيئي لطيف- جيئي لطيف جي ٻولي
-طارق عالم ابڙو

# لڳي لڳي واءُ ويس انڱڙا ڏڪجي.

"شاهہ"



عمل. انصار سولنگي

امپريشن ازم

# چوليون

## وکر سو وهاءُ


هيون آباد محفلون جن جي دم سان…

- مير عبدالحسين خان سانگي 12
- حافظ محمد احسن 13
- حيدر بخش جتوئي 14
- مظفر حسين "جوش" 15
- نياز همايوني 16


## شاعري


- احمد خان مدهوش 19
- غلام حسين "مشتاق" سچاروي 20
- سوز هالائي 21
- ادل سومرو 22
- ذوالفقار سيال 23
- مير محمد پيرزادو 24
- مانڪ ملاح 25
- اطهر منگي 26
- خالد احمدائي،پريم پتافي 27
- روبينه ابڙو 28
- حبدار سولنگي 30
- اقبالِ ابڙو 31
- فياض چندڪليري 32
- پشپا ولڀ، مخمور بخاري 33
- حاجي خان ملاح 34
- عبدالحميد آس ٻبر 35
- خليل عارف سومرو 36
- علي اظهار 37
- شبنم گل، أمر ڪهاوڙ 38
- آزاد قاضي 39
- شفيع محمد شاد 40
- 'نور' راهوجو 41
- رياضت برڙو 42
- وسيم گبول، پريت گهمرو 43
- امتياز عادل سومرو 44
- علي محمد سولنگي 45
- ساغر ابڙو 46
- عارف مظهر 47
- سنجها سرواڻ 48
- سائل پيرزادو 49
- علي چوهاڻ ڪيبرائي، "بهادر" فقير رند 50
- نياز گهايل ڪوسو، رحمت سومرو 51
- مشتاق گبول، رضوان گل 52
- فراخ جانوري، رحيم داد جوکيو 53
- طارق عالم 54


## ڪهاڻيون


- دل جي نديءَ ۾ ٻڏي ويل چوڪري- منور سراج 57
- ڳوگل لرٽ — قاضي اياز مهيسر 60
- آئس برگ — فياض چندڪليري 64
- خالي هنج جو ڏک — شبنم گل 71

ڪوهه ڄاڻان اڄ ڪوهه نيوم،
جيڏيون ڙي ڪا مون سمجهائي.
شرم شعور نه هوش هشياري، فهم فڪر حل ڊينداري،
ڪيڏانهن ڪل ڪيوم.

پير محمد اشرف

# وڪر سو وهاءِ







# هيون آباد محفلون جن جي دم سان...



## مير عبدالحسين خان "سانگي"

[جنم: 1851ع، وفات: 12- جون 1924ع]

## ڪلام

جنهن تي ڏٺو مون ڪي تنهن چيو تي چريو چريو،
پنهنجي پرين ڏي مون به ڏٺو تي وريو وريو.

سچ سخت آهي سنگ کان انسان سنگدل،
جنهن ري نه دم سريو تي سو "سانگي" سريو سريو.



## حافظ محمد احسن

[جنم: 12- اپريل 1900ع، وفات: 19- جون 1988ع]

## وائـــي

اوگڻ منهنجا عيب اپار،
ڏوليا ڍڪيندڙ تون ئي ڍڪيندين.
تون ڪيچ ڏٺي، مان آهيان ڏوهياٽي، تون ساٿ سندو سردار،
ڏوليا ڍڪيندڙ تون ئي ڍڪيندين.
پاند ٻچيءَ ۾ پائي پائي، حيلا ڪيان ٿي هزار،
ڏوليا ڍڪيندڙ تون ئي ڍڪيندين.
دامن ۾ تنهنجي آهيان لِڪل مان، ڪر نہ ڪڏي مون کي ڌار،
ڏوليَا ڍڪيندڙ تون ئي ڍڪيندين.
عشق ازل کان توسان لاتم، نينهن نسنگ نروار،
ڏوليا ڍڪيندڙ تون ئي ڍڪيندين.
محبت تنهنجي من ۾ مدامي، پَرِ ۾ تنهنجي پچار،
ڏوليا ڍڪيندڙ تون ئي ڍڪيندين.
تو ريءَ واھ وسيلو ناهي، ڪنهن جي ڪانهي درڪار،
ڏوليا ڍڪيندڙ تون ئي ڍڪيندين.
پاڻ سڃاڻج پنهنجو پيارل، پارج قول قرار،
ڏوليا ڍڪيندڙ تون ئي ڍڪيندين.
’احسن‘ کي آهي آس اندر ۾، ساجن لهندين سنڀار،
ڏوليا ڍڪيندڙ تون ئي ڍڪيندين.



## حيدر بخش جتوئي

[جنم: 10- آڪٽوبر 1901ع، وفات: 21- مئي 1970ع]

# غزل

محبت آشنا ۾ سينو ساهي، جنهن جو جِي چاهي،
بلائي عشق تي سورهيہ ٿي ڪاهي، جنهن جو جِي چاهي.
رهِ الفت ۾ سورن سان نباهي، جنهن جو جِي چاهي،
سِڪون وصلِ صنم جون پوءِ لاهي، جنهن جو جِي چاهي.
تڪبر مان ۽ جادو سان ٿي پنهان تو ڪري حيران،
اُميدون سڀ سندس ڳولا ۾ لاهي، جنهن جو جِي چاهي.
صنم چاهي، ڪڍي زلفن سان چاهي چاهه ۾ لاهي،
چڪي سڀ چاهه مان سر چاڙهي ڦاهي، جنهن جو جِي چاهي.
ڪنڍا ۽ ڏنگ زهري سمجهي آسان ماڪي، چوٽيءَ تان،
برهه جي باهه جي دونهين سان لاهي، جنهن جو جِي چاهي.
بهاريءَ لئہ سدا تڙ آهه جاري، ليڪ ٿي هاري،
ڏيئي ٻيلون ۽ ٽيلون، نار ڪاهي، جنهن جو جِي چاهي.
نمازيءَ جو آ ڪعبي رخ، اتر ڏي ۽ ڪڌهن اوڀر،
صفا ٿي جاتي ڪاٽي قبلو ٺاهي، جنهن جو جِي چاهي.
بخيلن ۾ اُميدِ قدرداني آهه ناداني،
ٿي خوشگو تن اڳيان ڪُتن جان ٻاهي، جنهن جو جي چاهي.
ڇڏي مس ڪاري يا ڳاڙهيءَ ڪي 'حيدر' ساڻ گڏ هيڪر،
اچي خونِ جگر سان شعر ٺاهي، جنهن جو جِي چاهي.

◘



## مظفر حسين "جوش"

[جنم: 22- ڊسمبر 1919ع، وفات: 12- اپريل 1995ع]

## غـــزل

جهانَ عشق ۾ ديوانہ وار آياسين،
اوهانَ جي راهہ ۾ مثلِ غبار آياسين.

اسان کي پنهنجي وفائن جو ڪو صلو نہ مليو،
اگرچہ دل ۾ ڪٽي تنهنجو پيار آياسين.

اسان جا اشڪ تہ افسوس، گل بڻي نہ سگهيا،
اوهان جي بزم ۾ گو اشڪبار آياسين.

نہ انتها ۾ خوشي ۽ نہ ابتدا ۾ سڪون،
وياسين گريہ ڪُنان سوگوار آياسين.

گهٽو ئي دردِ محبت کي ضبط ڪيوسين مگر،
وفورِ شوق ڪان ٿي بيقرار آياسين.

◘



## نياز همايوني

[جنم: 1- اپريل 1930ع، وفات: 2- جنوري 2005ع]

### گيت

تنهنجي دنيا سپ رنگ، سانول،
مون وٽ روپ نڪو ٻهروپ اَلا!
تنهنجي دنيا اندلٺ ريکا،
منهنجي دنيا گدلا بادل...
تنهنجي دنيا سج جا پاچا،
منهنجي دنيا چنڊ جان گھايل...
تنهنجي دنيا لهريون لوڏا،
منهنجي دنيا اُجڙيل ساحل...
تنهنجي دنيا چيٽ جا ميلا،
منهنجي دنيا هيکل وياکل...
تنهنجي دنيا سُندر سپنا،
منهنجي دنيا اکڙيون اوجاڳيل...
منهنجي دنيا مرگھ ترشنا،
تنهنجي دنيا رَمندا بادل...
مون وٽ روپ نڪو ٻهروپ، اَلا!

## وائي:

ٽولڻ مُنهنجي ساٿ اڃا ...
صَديون اورانگهي وڃي!

جيون اوکي ڳالهه ۾
دُوريءَ جي هڪ رات اڃا ...
صَديون اورانگهي وڃي!

ميهر تنهنجي موڪ ۾
مُون جا ساڻي ساٿ اڃا ...
صَديون اورانگهي وڃي!

منهنجي مَن جي مُنجهه ۾
يادن جي برسات اڃا ...
صَديون اورانگهي وڃي!

دَرويشن جي ديس ۾
ميڏي جو فڪر رات اڃا ...
صَديون اورانگهي وڃي!

سيني ۾ جا سوز ڪي
ڪويل تنهنجي لات اڃا ...
صَديون اورانگهي وڃي!

جَنم جَنم جي پاڻ ۾
مِهڪ پَل جي پرڀات اڃا ...
صَديون اورانگهي وڃي!

ٿَڪجي ٿي جن عين ۾
ڏونگر جهڙي ڏات اڃا ...
صَديون اورانگهي وڃي!

"روبينه ابڙو"

# غزل

اُوندهہ سان وير ڏيئن جو،
هُجي شل خير ڏيئن جو.

ٻيجي کهڙا ٻيجيندين تون،
اسان وٽ ڍير ڏيئن جو.

اجهاميا ڪينَ سازش ڪان،
جگر آ شير ڏيئن جو.

ڏين ٽا سوجهرو سڀ کي،
نہ ڪنهن لئہ غير ڏيئن جو.

(خليل عارف سومرو)



## غزل

### احمد خان مدهوش

ڪٿ شوخ جو تڪبر، ڪٿ انڪسار منهنجو،
ڪِٿ ڪاروبار هُن جو، ڪِٿ ڪاروبار منهنجو.

هُو خود پرست آهي، مان حق پرست آهيان،
ڪٿ اعتبار هُن جو، ڪٿ اعتبار منهنجو.

هُو خُلد جو خواهان، مان يارجي، قدم جو،
ڪٿ انتظار هُن جو، ڪٿ انتظار منهنجو.

هُو پاڪباز آهي، مان خاڪسار آهيان،
ڪِٿ اقتدار هُن جو، ڪِٿ اقتدار منهنجو.

دَمُ آ سهارو هُن جو، غم آ گذارو منهنجو،
دم تي مدار هُن جو، غَم تي مدار منهنجو.

هُن وٽ غرور هَستي، مون وٽ سُرور مستي،
ڪٿ ڪيف آهِ هُن جو، ڪٿ آ خمار منهنجو.

هُو پاڻ کي تو ناهي، مان پاڻ کي تو ڏاهيان،
ڪٿ اختيار هُن جو، ڪٿ اختيار منهنجو.

باهوش تو سڏائي، مدهوش تو سَڏايان،
شيوو آ ڏار هُن جو، مَسلڪ آ ڏار منهنجو.

## غزل

ٻول ٻاراڻو ڪري، ڪنهن سان نہ ٻاراڻي ڪجي،
جيڪڏهن ڪنهن سان ڪجي، ڪا ڳالهه مَرداڻي ڪجي.
ٻولَ ڪان اڳ سوچجي، ۽ واعدو سمجهي ڪجي،
اَڳرين سان ليڪ پائي، ڏار چو پاڻي ڪجي.

چاڙهي ٻيڙيءَ تي نہ ڪيجن ڪنهن جا تختا اي سڄڻ،
وقت تي واهر ڪجي، ۽ ساهُ سِرُ ساڻي ڪجي.

پيار جا جي پير ڪٽجڻ، ڪين غفلت ڪا ڪجي،
نينهن لائي پوءِ ڪڏهن هرگز نہ اَڻ ڄاڻي ڪجي.

مُڙس تي سهجي، مصيبت، مُڙس تي مهلوُن ڪجن،
درد ڏکندا ئي رهن، پر دل نہ ويڳاڻي ڪجي.

حال پنهنجي دل سندو، ڪنهن کي ڏيڻ آهيَ غلط،
سُور سامهون ٿي پوَن، تن جي بہ سرواڻي ڪجي،

دل جي چوري ٿي وڃڻ جي واءُ ويلا چو ڪجي؟
چورُ جي، سُجهندو هجي، تہ بہ سُرت ساڏاڻي ڪجي

لائجي ڪنهن سان تہ ان سان زندگي ڀر ڏورجي،
توڙ اي مدهوش پنهنجي نيٺ آڳاڻي ڪَجي.

## قطع

نہ جهيڙي جهڻي ۾، نہ فِتني، ڦڏي ۾،
مزي ۾ مزي ۾، وتان تو مَزي ۾،
وٽي جنهن کي جيئڻ، تيئڻ چوي پيومگر
مان، وِجهان سُور ڇا لاءِ پنهنجي مَتي ۾،
محبتَ جي مذهب ۾ مدهوش آهيان،
پوان ڇو وچي ڪنهن ٻئي ماسري ۾.

P - 46589
23.6.10



# غلام حسين "مشتاق" سچاروي

## غزل

عجيبن جي اکڙين جا احسان بي حد،
لکڻ کان قلم آهي نالان بي حد.

سڄڻ تنهنجي شوخي تہ مشهور هُئي،
مگر شوخ ٿيا تنهنجا دربان بي حد.

محبت جي منزل آ مشکل کان مشکل،
لڳي ابتدا ۾ ٿي آسان بي حد.

قصو حسن ۽ عشق جو ڪَٽو ناهي،
لِکن روز شاعر ٿا ديوان بي حد.

محبت جو سودو نفعوئي نفعو آ،
پلي ٿي وڃن هن ۾ نقصان بي حد.

جتي شمع هوندي تہ پروانا ايندا،
کيا قرب تنهنجي بہ قربان بي حد.

محبت جو آهي مرض لاعلاج،
بئي هر مرض جا ٿيا درمان بي حد.

هجي ڪو ڪو ماڻهو ته ماڻهوءَ مثال،
نظر ٿا اچن توڙي انسان بي حد.

سنڀالي رکو هر قدم اهلِ عزّت،
ٿيا شهر ۾ شودا شيطان بي حد.

رڳو ناهہ "مشتاق" مستان تنهنجو،
خدا جي خدائي ٿي مستان بي حد.



## سوز هالائي

## غزل

عطائون باثر هوندي بہ چو بي اختيار آهن،
ادائون مختصر ۽ ڪجهہ ادائون بيشمار آهن.

سراپا احتجاج آهن، هوائون ديس منهنجي جون،
فضائون چو الاجي ٿي ويون ناسازگار آهن.

مسافر پيار جا آهيون، مگر ڪو همسفر ڪونهي،
تمنائن جي وستيءَ ۾ تمنائون هزار آهن.

ڏنا جن نيڻ نرمل جا، انهن عمرو ادا ڄڻ ڪيو،
مگر حاجي ٽيڻ بدران اهي ٿي پيا زوار آهن.

وساري مان سگهيو ناهيان ۽ ساريو هُنِ بہ ڪونهي ڪو،
چوڻ وارا اهي ڳالهيون، چوڻ لءِ بيقرار آهن.

اهي لمحا جيڪي مون سان پرينءَ گڏ گذاريا ها،
بظاهر مختصر ليڪن، بباطن يادگار آهن.

نہ ڪي وسريون، نڪي وڪريون، نہ ئي ضايع ذرو ٿيڙيون،
اوهان جون ڳالهيون ساريون، اسان ڪي ياد يار آهن.

غزل جي شهر ۾ شاعر بہ هڪڙو گيت. گهر ناهيو،
چون ٿا سوز جي شعرن جا درشن ڏار ڏار آهن.

◘



## ادل سومرو

## غزل

جِنهن وٽ هيٺان گوتم هو،
اُن جي پَن پَن ۾ غم هو.

سونهن سڏايو ڌرتيءَ تي،
هونئن نہ مون کي ڪو ڪم هو.

پنهنجو خيال رهيو نہ ڪوئي،
تُنهنج* -و اُلڪو هردم هو.

ميلي ۾ ٻي تو بن مون تي،
درد وسيو جڻ ڇم ڇم هو.

چئن اکين جا ساڳيا سپنا،
'سُندريءَ' ۾ ٻي 'اُتم' هو.

گُل ڇو ايڏو شرمايو هو،
ڪيس ڇيو ڇا شبنم هو؟

ماءُ، مٽي کان توکي پيارو،
دربدريءَ جو درهم هو.

سنڌوءَ جي واڪاڻ ڪئي مون،
هر درٻاري برهم هو.



ذوالفقار

## گيت

رم جهم رم جهم بادل برسيا،
مارو مرڪيا ٿِي وسڪار.
تنهنجي اچڻ جي ٿي مهڪار.

سرها سارا رستا ٿي ويا،
خوشبو وکري، گل ٽڙي پيا.
جيڏي ڌرتي، تيڏو پيار.

چنڊ ڪئي چانڊاڻ وري آ،
چانڊوڪيءَ ۾ رات ٺري آ.
دور ٿي مون کان ڪين گذار.

مند ملڻ جي موٽي آئي،
ساروٽين آ جان جلائي.
موٽي مون ڏي آ دلدار.

تو نہ چيو هو، موٽي ايندين،
پيار جي واعدي کي پاڙيندين.
ڇو ٿي ويو آن، زلف کان ڌار.

## مير محمد پيرزادو

### غزل

ساوڻيءَ ۾ ناڻ سنڌوءَ تي، پُورَ مٿان ٻيو پُور هيو؛
تون وقت وڃائي آيو آن، ڪالهہ ساري ٻيلي ٻُور هيو.

جاٽ جو ميڙو هاري موٽيو، ڦاڏُو مڙس ڪنواٽ هو ڪوپو،
جهڙي چوڏس ساک سنڌوءَ جي تهڙو ان جو تُور هيو.

سُنُ ٿي سوچڻ ٻيٺو گنريل جڻ تہ ڏينهن وَهيءَ جا هو،
پُورُ ٻِيانيءَ ساڻ کلهي تي، پيو کو هن کي پُور هيو.

ڏپ ڪري ۽ ڪٽ تي مرندي ماڻهوءَ هن کي مُور نہ وڻيا،
پرزا ٿي پيو ڪالهہَ پٽيءَ تي مُڙَڻ نہ جنهن ۾ مُور هيو.

وِيسا گهاتي! پيار ۾ ڦوڪو! هِن هو سوچيو ڪين ڪڏهن ٻي،
ڳل ٿي رَڦِيَسِ، چپ ٿي ڦِرِڪيَسِ، چت اندر هو چور هيو.

جڻ تہ اُڏيهي جسم سڄي کي پورو پئي کيو کاٽ جيان،
آراٽي جيان اندران اندران سُرَندو آيو سور هيو.

نيڻ ڏرا ڏئي حال ٿا اورن، مُکَ جا گهنج سلن ٿا سڀ ڪجهہ،
جڻ تہ جُڳَن جي لڳي نشاني هي جو پوڙهو جهور هيو.

نيڻ اُولاري هوءَ نهاري دگ مٿانئي ايئن وئي هي،
چالِ ڏئي جڻ ڪالهہ ڪَکي ويو نانگُ جيئن سَنگچور هيو.

وڻن ٽڻن هئي تالِ ملائي، واءُ بہ چوري ساز ڇڏيا،
ڪوئل جي ان ڪُوڪَ ۾ ڳايل ڀيرو سُرُ پرپور هيو.

◙

# ماڻڪ ملاح

## گيت چولي

چولي آئي چولي ڙي.
سنڌوءَ سينڌ سنواري پنهنجي.
ڦيريون پائي ڪن ٻڌي ٿو
ڄڻ تہ ڪائي.
مولهي ڙي!

سينو تُنبي ساڻ لڳائي. مَلاحَ سوچيو سپنو آهيان،
ڪيئي پيڙهيون پوءِ بہ جيان ٿو، آد جڳاد کان نپنو آهيان.
سنڌو منهنجي ماءُ لڳي ٿي.
بيڙي پانيان
جهولي ڙي!
چولي آئي چولي ڙي!

صبح سويرو ٻانهياريءَ جو، سنڌو پاڻ آئينو آهي،
جنهن ۾ جوهہ وجهي هو چوري، چاتيءَ جو ٿي تر چتائي،
ڪير انهيءَ جي من ۾ آهي،
گهولي ڙي،
چولي آئي چولي ڙي!

رونبو سارين جو رُنبيندي، رونبي هُن جو روح آ، ريجو،
پورهيو پنهنجو پرٽو سمجهي، ڏڪڙا پنهنجو سمجهي ڏيجو.
روز انهيءَ لئہ پيءُ ٿو سوچي.
ڪارو ٿاهي،
ڪولهي ڙي،
چولي آئي چولي ڙي!

لاڪُڙُ لاءِ ٿي ٿارا لاڙي، لاڪُڙُ جهڙي پاڻ لَڙي پئي،
ڪهڙي ياد آندر ۾ آيس، ڪيڏا ڳوڙها پاڻ ڳڙي پئي.
ڪير سلي هيءَ ڳجهہ ڳجهاندر،
ماڻڪ! پيار،
پرولي ڙي،
چولي آئي چولي ڙي!

# اطهر منگي

## غزل

زماني جي رفتار تي، سوچيو!
ڪٿي پيار آ، پيار تي، سوچيو!

بَدلجي پئي، هَر پُراڻي ڪهاڻي،
نئين سوچ جي، پارَ تي، سوچيو!

ڪٿي آهيون ۽ ڪيون، ڇاپيا،
پنهنجي حال، اختيار تي سوچيو!

ڪيو غور، ڇا پيو، وَهي واپري،
ارادن جي للڪار تي، سوچيو!

اوهان راند جي پڙ ڪان، ڏايو پَري،
پنهنجي سوڀ ۽ هار تي، سوچيو!

گُلن سان ڳليون، وينديون والِجي پر،
سَياون جي سَنسار تي، سوچيو!

گهٽي نندِ تي، هاڻي جاڳي پئو،
سَويرن جي سينگار تي سوچيو!

لُلسي جون اطهر! هَوائون گهُلن پيون،
وڏي عزم اِقرار تي سوچيو!

◙

## غزل

سوا، محنتن جي ته، ڪو، مانُ، ڪونهي!
منهنجو هٿ - لڪيرن ۾، ايمان، ڪونهي!

ائين ناهه، سُوريءَ چڙهي پيارُ ۽ پوءِ،
اسان ڪي انهيءَ جو، ڪو، ارمان ڪونهي!

ڇڏي ٻار، گهر، سِرُ، سَهڻي جو نڪرون،
اڃا ڪوئي اهڙو ٿيو، اعلان، ڪونهي!

اُتاهين اُڏامي، سَدا سوچ پنهنجي،
مگر آسماني ڪو، فرمان ڪونهي!

ڏُکن جي ڏني ماڻ، لولي آ، اطهر!
سُکن جو، اسان وَٽِ ته، سلمانُ، ڪونهي!

◙

## خالد احمداڻي

### غزل

تون نہ ايندين وري شام چوندي رهي،
خواب ويندا مري، شام چوندي رهي!

سچ لهڻ کان اڳي هل تہ موٽي هلون،
ڪونہ کُلندي دري، شام چوندي رهي!

ڪوڙ ايندا هتي، ڪوڙ ويندا هليا،
ڪير رهندو ڇري، شام چوندي رهي!

ڏور منزل اٿئي، آشيانو نہ ڇڏ،
رات پوندئي نري، شام چوندي رهي!

غلط رسمن هٿان سنڌ جي هر دفعي،
ٿي قتل دلبري، شام چوندي رهي!

جاهلن جيِّ ذهن ۾ علم جي اجا،
لاٽ ناهي ٻري، شام چوندي رهي!

هاڻ هُن جا قصا ڪير ڇيڙي نہ هِت،
خالد پوندو پُري شام چوندي رهي!

## پريم پتافي

### غزل

ڪوڙ مِلندئي سلام نيڻن ۾،
پيار جا ڪي پيام نيڻن ۾.

تنهنجون اکڙيون حَسين مندرجان،
جڻ تہ رهندو آ، رام نيڻن ۾.

صبح منهنجو، اوهان جي ڇهري تي،
۽ رهي آهي شام نيڻن ۾.

هاءِ ڪيڏا نہ جام آڇن ٿا،
آهي ويٺو خيام نيڻن ۾.

تنهنجي نيڻن جو لوڪ شيدائي،
تو رکيو ڪهڙو دام نيڻن ۾.

روز لڙڪن جا قافلا ڏسجن،
هيءُ ڇو هيڏا هشام نيڻن ۾.

## روبينہ ابڙو

### غزل

ٿَيا ٿَيا عشق نچايا...
مون اڄ پيرين گھنگھرو پايا...

سارا سجدن جيئن سجايم،
دنيا جي الزام لڳايا...

ديوانن سان ڪي داناء پي،
رقصم رقصم ٿي لهرايا...

پاڻ ٻئي گم ٿي ويندا سين،
رهجي ويندا پنهنجا سايا...

پنهنجي دِل جي ديوارن تي،
رمِ جهم ڪيڏا رنگ رچايا...

رات ڏٺو جيڪو سپنو تنهن،
سپني ۾ سپني جي ڇايا...

پاڻ ٻنهي جا ٽهڪَ ٻُريا ها،
يا ڪي جامَ هُيا ٽڪرايا...

ٻاهر ٻاڦُ نہ ڪائي نڪتي،
دِل ۾ ڪيڏا دُودُ دُکايا...

جنهِن هِي دِل ۾ دُنيا ناهي،
دَردُ بہ تَنهن جَي آهي مايا...

پنهنجي مَنَ جي ڦلواڙيءَ ۾،
مون ڪي مگرا هِن مهڪايا...

آءُ هَلون هُن پار او پيارا،
هو ڏس بادل پرجي آيا...

# حُبدار سولنگي

## بيتَ

صُوفيِ! ڇا سمجهي وئين، رمزن واري ريت،
کهڙي جيون جِيتِ، کهڙي هارَ حياتِ جِي!؟

•

صُوفي ايڏي انت ۾، ڇا ٿو ٻُڏين تون،
ٻُوٽيِ ائين اکيون، کهڙا پارَ پسين پَيو.

•

کهڙيون ڳالهيون ٿو ڳٺين، ويهي ڳٺتيءَ ۾،
تنهنجا ڏرتيءَ ۾، پير وجن ٿا پُورِبا!

•

روڳي جيڪو روح آ، جوڳي جيڪو جيءُ،
تنهن وٽ آهه وسيعُ، ڳولا اجري عشق جِي.

•

اندر منجهه ٽُٻي هڻي، ڳولي اَڄُ موتِي،
جيون جِي جوتِي، ماڻِ ته موچارو ٿيئن!

•

پڙيان ڇڏي پنڌ ۾، جڳ جو جهوراٽو،
چُپ چُپ ويڳاٽو، پنهنجي واٽَ وَني وَيو.
تون کهڙو اسرارُ آن، تون کهڙو آن رازُ؟
ماڻهو چون مجازُ، پر تون حَقَ جو پرتوو!

•

تِرڪيو هڪڙو تِرورو، نيڻن ٻاٽيءَ تان،
وِيو اُپ ڏي اُڏرندو، ڪنهن جُڳنوءَ جيان،
انهيءَ جي پڙيان، اکيون اپ ٽِٻي ويون.

•

نهنا نيڻَ لطيف جا، اُپ اورانگهي ويا،
رمزن واري راند ۾، ڪاٿي هِنِ پهتا،
جُوڳين جُوءِ نہ ڪا، هرپل پنڌ پريت ۾.

•

نِهنا نيڻَ لطيف جا، ڳولن پارَ عجيب،
آهي حق حبيب، ساڻ سدائين شاهہ سان.



## اقبالِ ابڙو

## ٻہ غزل

پرينئڙا! پيچ پائڻ جو هُنر تو وٽ عجبُ آهي،
اکين سان اک اڙائڻ جو هنر تو وٽ عجبُ آهي.

جُڙيل دلين کي ٽوڙڻ جو طريقو آ ٻين وَٽ پر،
ٽُٽل دل کي ملائڻ جو هُنر تو وٽ عجبُ آهي.

چپن تي مَرڪ جا موتي وِکيرڻ صرف تون ڄاڻين،
اداسي کي اُڏائڻ جو هُنر تو وٽ عجبُ آهي.

مڃائڻ ڳالهہ پنهنجيءَ جو عجبُ انداز آ تنهنجو،
ٻئي جي ڳالهہ ٽارڻ جو هُنر تو وٽ عجبُ آهي.

خوشيءَ کي ٻارَ نندڙي جيئَن کيڏائڻ بہ تون ڄاڻين،
مگر ڏک کي لڪائڻ جو هُنر تو وٽ عجبُ آهي.

سدا اقبالِ آ مضمون تنهنجي پيار جو سائين،
غزل مونَ کان لکائڻ جو هُنر تو وٽ عجبُ آهي.

◘

اوهان جي سُونهن کي سارِ ،ِ تہ دل ۾ پيارُ جُهومي پيو،
اوهان جو نانءُ جهونگاريم، تہ دل ۾ پيارُ جهومِي پيو.

اکيون پٽکيون هُيون ڏاڍيون محبت جي پُنيان جڳ ۾،
اچي تو وٽ جو بيهاريم، تہ دل ۾ پِيار جُهومِي پيو.

محبت مان، مون تنهنجي لئہ، جيڪا گفتِ ۾ آندي،
گهڙي سا توکي پارايم، تہ دل ۾ پيارُ جهُومِي پيو.

ٻہ ٽي پَلَ فون تي توسان گلابي ڳالهڙيون اوريُ،
ٽکل هِي جِيءُ گرمايم، تہ دل ۾ پيارُ جُهومِي پيو.

◘

# حاجي خان ملاح

## غزل

اٺم ياد هر پل، تنهنجو ناﺀُ دلبر.
جيئڻ ياد پل پل، اٺم ناﺀُ دلبر!

جڏهن نيڻ مون ڏي، ڪٺي ٿو نهارين،
ٺري ٿو پوي هي، منهنجو هاﺀُ دلبر!

اگهڻ سامهون وڻ تي، لنوي پيو ٿو هر هر،
آ نياپو اوهان جو، ڏنو ڪاﺀُ دلبر!

ڇڏي در اوهان جو، وڃون هاڻ ڪاڏي،
سوا تو حياتي، پڳل ٿاﺀُ دلبر!

اجا ياد آهن، ڏُمر ڏينهن حاجي،
وِڪيري زُلف تو، ڪئي چاﺀُ دلبر!

## غزل

دل کي ڏئي ويچار هليو وئين،
ڏکڙن جا ڏئي هار هليو وئين.

ساٿ اسان سان هلندي هلندي
مُنهن مٽائي يار هليو وئين.

پنهنجي وکريل زلفن سان تون،
مون لئہ ناهي چار هليو وئين.

ڪين اندر ۾ جهاتي پاتئي،
لفظن ۾ ڏئي پيار هليو وئين.

نند ڦٽائي راهہ رُلائي
تحفي ۾ ڏئي سار هليو وئين،

قرب جي بدران يار اڏائي،
دوکي جي ديوار هليو وئين.

دل، مثل هئي درخت جهڙي،
ٽوڙي جنهن جو ڏار هليو وئين.

# عبدالحميد آس ٻبر

## غزل

عشق لهندو آهي اوهيرا ڪري،
عاشقن کي ٿو چڙهي هيرا ڪري.

چنڊ کي گرهڻ لڳي ٿي ڪيس چئو،
مُنهن ڏيکيندڙ وارَ، پاسيرا ڪري.

جيئن ڪنيئي مُرڪي اکيون نيريون پَريان،
تو ڇڏيا منظر سڀئي نيرا ڪري.

تنهن ٻُنديندڙ کي ڪٿان ڳولي لهان،
جنهن جي نَهَڪرَ وئي ڇَتيوُن چيرا ڪري.

جن ڳِچيءَ جو رَتُ آڇيو پُونءِ کي،
پُونءِ سي جهوليءَ رکيا هيرا ڪري.

## غزل

هُو جو ويندو رهِئي ٿو بيابانَ ڏي،
ٿوڙو ئي سَهي، اُن ڏي ڪُجهه ڏيانَ ڏي.

ڏينهن گهاري حياتي جون ڊوئي پَريوُن،
راتيون جاڳي، اوجاڳن کي ڪجهه مانُ ڏي.

با وُضو ٿي جُهڪي ڪوڙ سجدا ڪري،
پوءِ به رهجيو وجي قرضُ اِنسانَ ڏي.

توڪي ايندو نشانو ونڻ آ تہ وَٽُ،
منهنجو سينو سڌو آ تنهنجي ڪانَ ڏي.

هاءِ درويش! گهرُ ٻي گُهري جند ٿو،
فقيري بہ گُهرندي آ "جندَ جان ڏي".

ترقيءَ جون تِرڪڻ وتيون چاڙهيون،
ماٺهو چڙهندو رهي ٿو پنهنجي زيانَ ڏي.

# خليل عارف سومرو

## غزل

چوي ٿي دِل تہ مون کي هُو، ڄُمين جي شهر ۾ آڻي،
وَڏائي زندگي منهنجي، خوشين جي شهر ۾ آڻي.

ڀرين جي پيار جو پاڻي، پيارڻ ٿو گهري مون کي،
دريائن، آبشارن ۽ ندين جي شهر ۾ آڻي.

الائي امن ٿيڻو آ، الائي موت ملڻو آ،
سَدائين خواب مون کي ٿو، پکين جي شهر ۾ آڻي.

هيو نوٽيس ڪورٽ جو، "ککلوان گهر ڪيو خلي"
ڇڏيو تنهن زلزلو هو ڪو، جُهڳين جي شهر ۾ آڻي.

رڳو وحشت رڳو نفرت، رڳو دهشت جو گهيرو آ،
خدا خوشبو محبت جي، بتين جي شهر ۾ آڻي.

نگر پٿرن جو هيءُ آهي، ٿيان ٿو روز مان زخمي،
هَوا ڪي ڇنو ڪٽي مون کي، دلين جي شهر ۾ آڻي.

زماني کان نہ رهندو خوف خطرو، ڪوبہ عارف کي،
رڳو هڪڙو دفعو پنهنجي، اکين جي شهر ۾ آڻي.

## غزل

اُونڌھ سان وير ڏيئن جو،
هُجي شل خير ڏيئن جو.

هوا جي دشمني هوندي،
نہ پنتي پير ڏيئن جو.

اجهاميا ڪينَ سازش کان،
جگر آ شير ڏيئن جو.

ٻڌو مون ذڪر محفل ۾،
هيو ڪجهہ دير ڏيئن جو.

انڌيري کي سيئي چاهِن،
هتي آ ڪير ڏيئن جو.

ڏين ٿا سوجهرو سڀ کي،
نہ ڪنهن لئہ غير ڏيئن جو.

ٻجي کهڙا ٻجيندين تون،
اسان وٽ ڍير ڏيئن جو.

ڏسو 'عارف' ڏياري ۾،
مزو ڇوڦير ڏيئن جو.

# علي اظهار

## نثري نظم

قيدي خاني جي
جهيڻي جهيڻي روشنيءَ
قيديءَ کي
سندس محبوب جي
پيشاني ياد ڏياري ڇڏي
هو پاسو ورائيندي پڙڪيو:
”مان جلدي ايندس
منهنجو انتظار ڪجان!!“

## غزل

روز آهي نئين تمنا روز آ نئين آرزو،
زندگي ڀٽڪي رهي آ، آرزو در آرزو.

ٿورڙو سوچي ڏسو جي ڏور آ ڏاڍو آ ڏور،
جي ڏسو مرڪي ته هر هڪ وک آ ڇڻ مشڪبو.

يار سان جي آهي ملڻو سڪ ٿي گهرجي رڳو،
ٻيا سڀئي آهن بهانا، ڇا وضو ڇا بي وضو.

مون کي منهنجي بي خودي توڏي ڇڪي ڇوتي اچي،
ڇا تنهنجي اندر ڦٽي آهي ڪٿي ڪا نازبو.

عڪس جو ڪو عڪس ڪونهي نقش جو ڪو نقش نه،
زندگي ڳولي پئي ڪلهي پهنجو جلد و ضُبو.

روح سان آ روح بيٺو جسم سان آ جسم سنگ،
پيلر پهنجو جنگ آهي جنگ ڪلهي دوبدو.

هاڻ مون کي من پسند خوشبوءِ ۾ ڳولين متان،
وئي جواني پاڻ سان گڏجي ڪٺي سڀ رنگ وبو،

جسم وڪٽي اُن اپڻي خواب جوڙي ڳٽي گيت،
هڪڙي ماڻهوءَ جي جيئڻ ۾ آهي ڪيڏي جستجو.

## شبنم گل

### غزل

هڪ خمار آهي جام شوري جي شامن ۾،
ڪو قرار آهي جام شوري جي شامن ۾.

چانڊوڪي پوي ٿي مرڪي جڏهن سنڌوءَ مٿان،
اکين ۾ اقرار آهي جام شوري جي شامن ۾.

ڏات جا گل گلابي ٽڙندا رهن ٿا
شاعريءَ جي بهار آهي جام شوري جي شامن ۾

اکين ٿي اکين ۾ ڪي اڻ چيل ڪهاڻيون آهن،
ڪو اڌورو پيار آهي جام شوري جي شامن ۾.

وڇائجي ويل لمحن کي ڳوليندا ٿي رهون هرپل،
خلش بي اختيار آهي جام شوري جي شامن ۾.

## آمر ڪُماوڙ

### غزل

ساٿ تنهنجو ڪپي اَجهي وانگي
پيار ڏي ٽورڙو ڳيي وانگي

تون وئين ديد آ ڇڏي ويئي،
هاڻ ٽڙندو وتان انڌي وانگي.

پاهران رونقون ڪراچيءَ جون،
جيءُ پنهنجو مهين دڙي وانگي.

موسمن سان تو موٽ ڪاڏي آ
ها مگر ناهين تون اڳي وانگي

دوستن لئہ بهار جي موسم
دشمنن کي لڳون تتي وانگي

آجپي ڪانسوا گذاري خوش!
شخص ٿو پانئجي ڊڳي وانگي

تون رهين بي خبر ڍاڪي ڪان
منهنجي گهر عيد پي تڏي وانگي

هوش تي برف وئي ڇمي جنهن دم،
جوش اوڊيم ڪٽي ڪٽي وانگي.

ڳالهه هُن جي امر ڏُڪايو آ،
ڪنهن وڏيري جي فيصلي وانگي.

# آزاد قاضي

## بيت

## هوٽل جو تلاءُ

ٻوڏيسر جي پڪ ۾، هوٽل جو تلاءُ،
سِياڻا بت ماڻ پيو ڪڍي، چوليءَ جو چهاءُ،
اندر منجهه اُهاءُ، تنهنجو ٿيو آ سپرين.

هوٽل جي تلاءَ تي، تنهنجي آئي سار،
ڪيئن ڪريان اوپار، آءٌ اڪيلو هيڪلو.

ڪارونجهر جي هير، هوٽل جو تلاءُ،
اندر ۾ آ تاءُ، جانب جلدي تومِلان.

هوٽل جو هڳاءُ، سپرين جي سار،
تنهنجي چاهت چاءُ، ماريو منهنجي من کي.

مسجد مندر وچ ۾، هوٽل جو تلاءُ
آءُ پرين تون آءُ، تولئه تانگي هينئڙو.

## ٻالوا جي ٻٽ

ٻالوا جي ٻٽ تي مارئي جو ميلو،
هاءِ آءٌ اڪيلو، ڳوليان توکي ڳوٺ ۾.

ٻالوا جي ٻٽ آ، جڻ ڪو هڪ نشانُ،
تنهن کي ايڏو مانُ، مارئيءَ جي محبت ڏنو.

ٻالوا جي ٻٽ تي، محبت جا ميڙا،
آهن سڄي ملڪ ۾ جهيڙا ئي جهيڙا.
ٻاڳ وند ٻيڙا، اچي ٿيا آهن هتي.

# شفيع محمد 'شاد

## غزل

من ئي من ۾ ٻري رهيو آهيان،
ميڻ وانگي ڳري رهيو آهيان.

جيءُ ۾ جوش اڄ بہ آ ساڳيو،
سوز سک ۾ سڙي رهيو آهيان.

عڪس تنهنجو ذهن تي آ طاري،
سوچ ڪان ڪٽ ٻَري رهيو آهيان.

يادگيرين جي ئي سهاري ۾،
تار درياہ تري رهيو آهيان.

ظاهري 'شاد' من اُداس آهي،
مل سِگهو مان مري رهيو آهيان.

## وائي

جوڀن رُت جو ساءُ.
ناز، ادا، مخموري، مستي، موُجن جو درياءُ
جوڀن رُت جو ساءُ

پيار جي پونجي مرڪن مالها راحت رنگ رچاءُ
جوڀن رُت جو ساءُ

ڪيپ خماريون سندر سپنا حسن جو هُل هڳاءُ
جوڀن رُت جو ساءُ

بيخود بيوس جوش جَوالا لونءَ لونءَ منجهہ لڳاءُ
جوڀن رُت جو ساءُ

قرب ڪشالا روح رهاڻيون جيون جو تہ جڙاءُ
جوڀن رُت جو ساءُ

# نور' راهوجو

## غزل

أسين اڄ زيرِ لب چئون ٿا، سياڻي عام ٿي هونديون.
اسان جو هي چيل ڳالهيون، صبح ۽ شام ٿي هونديون.

اسان تاريخ جي ٿي نبض تي هٿ آ رکيو پنهنجو،
سياڻي جون هي تہ سرهايون پورهيت جي نام ٿي هونديون.

هي جيڪي ڏاڍ جون سڀ وحشتون ۽ دهشتون آهن،
اسان جي جرئتن آڏو هڙئي بي نام ٿي هونديون.

اسان جي سچ جي آڏو هٽندو ڪوڙ دم ڪهڙو؟
سموريون ڪوششون هن ڪوڙ جون ناڪام ٿي هونديون.

اسان جا نانءُ تاريخن جي ورقن تي هوندا روشن،
۽ ڏاڍن جون هي ڏاڍايون رڳو بدنام ٿي هونديون.

اسان جي رت جي هن ريج سان ٿيندو وطن گلشن،
ها! پنهنجي رت جون رنگينيون ڪڏهن گلفام ٿي هونديون.

نيون خوشحاليون اي "نور" ايندين، پُراميد آهيون،
۽ ڦهليل روشنيون ٿي روشنيون هر گام ٿي هونديون.

# رياضت برڙو

## بيت

سنڌو شاهه شريان ۽ شاخون رڳن جيئن،
تون ڪاٺيارا، ڪيئن، سُڪائيندي ساهه ڪي!

آهَه اکين ۾ آهِ، جي تون سمجهين سُور ڪي،
نينهل! نينهن نباهه، دارون ڏيندو درد جو.

تون ٿو چئين ڀاڳ آ، تنهنجي هٿ جي ليڪَ،
تون کهڙي تحريڪَ، هلائيندين حق جي!

پنهنجي آءُ وجود ۾، چا پڻ آهيان پاڻَ؟
جاڻي اهڙي ڄاڻ، ڪڏهين ڏيندين، ڪينرا!

## وائي

ڳولي لهندس سنڌ،
ايڪيهين صديءَ ۾.
سهڻيَ ساڻ لطيف سان،
اڳتي ڪَهندس، سنڌ!
ايڪيهين صديءَ ۾.
مان توتي ميري نظر،
مُور نہ سَهندس، سنڌ!
ايڪيهين صديءَ ۾.
ڏيهَہ بنا پرڏيهہ ۾،
کهڙو نَهندس، سنڌ!
ايڪيهين صديءَ ۾.
تون جي رهندين ڪينڪي،
مان بہ نہ رهندس، سنڌ!
ايڪيهين صديءَ ۾.

## وسيم گبول

### وائي

جڻ ڪجهه ٻِي ناهيون،
اسين پنهنجي ديس ۾.

ڪوئي سڏ ٻڌي نٿو،
ڪيڏو تا دانهيون.
اسين پنهنجي ديس ۾.

مدي خارج سوچ جا،
ڳل مان ڳڻ لاهيون.
اسين پنهنجي ديس ۾.

نفرت جيڪي ٻاريون،
وسايون باهيون.
اسين پنهنجي ديس ۾.

ڏارين ٻارين ڪان رهڻ،
آجا تا چاهيون،
اسين پنهنجي ديس ۾.

## پريت گهمرو

### باک جي لالاڻ جرڪي ٿي جتي...!

خواب جي پرپاسي اوندهه ٿي تري،
چنڊ چهرو ڪاش ڪو هيڪر وري.

هوريان هوريان تجربو ٿيندو وڃي،
هاڻ منهنجو ماٿ ۾ سڏڪا پري.

گهنگرو گهنگرو ٿي پئي منهنجو وجود،
هو جي گهر آڳر مٽي وڪڙون ڏري.

باک جي لالاڻ ٿي جرڪي جتي،
تن گلن تي ڪاري ڪڪري ٿي تري.

خوشبو خوشبو ساهه ڪڻندڙ هو وجود،
پنهنجي من ۾ هاڻ ٿو شعلا پري.

پنڌ پاهڻ ٿي وئي آهي پريت،
ڪوئي جادوگر اچي جيئرو ڪري.

# علي محمد سولنگي

## غزل

مرڪن جي ضرورت آ.
ٽهڪن جي ضرورت آ.

ڇو ايڏو ڌڪاريو ٿا!؟
پنهنجن جي ضرورت آ.

صدمن جو ستايل هان،
خوشين جي ضرورت آ.

ڪَئي قرب ڪَنڊن جا هِن،
گلڙن جي ضرورت آ.

جي چاهُه چڪائن تن،
چپڙن جي ضرورت آ.

معصوم مٺن پيارن،
لهجن جي ضرورت آ.

## گيت

ديد دونالي دلبر تاڻي،
شوق شهادت مون آ ماڻي،
قتل ڪيائين چاڻي واڻي،
راهه اسان جي هلي هلي.

دلڙي اسان جي جلي جلي،
روح کي راحت رلي رلي.

ڳالهه قريبن ڪالهه جو ڳرهي،
دلڙي ٿي وئي سرهي سرهي،
ميٺي ڪوڙ جي ساري ڦرهي،
مون پرت ۾ دل آ پلي پلي.

اڪ ڪٿي جئن سُورج اڀري،
ٻولي وانگي نينهن ٿو نسري،
ٻول نہ ڪوئي دل تان وسري،
شام عمر جي ڍلي ڍلي.

تاڻي تيغ تہ تڙپي تن ٿو،
ايندڙ ويندڙ موهي من ٿو،
هر ڪو هن ڪان هٽي ڪن ٿو،
قدم ڪٿي ٿو جهلي جهلي.

روح ۾ رانجهن ايئن وسي،
دُوران وينو دلڙيون ڪسي،
قرب مان ڪاتيون هٽي ڪسي،
جا ڳالهه ڪري سا ٻلي ٻلي.

دلڙي اسان جي جلي جلي،
روح کي راحت رلي رلي.

## ساغر ابڙو

### غزل

ها يار ڊسمبر جون راتيون ٻه ڏکهيون آهن،
ٻن پيار ڪرڻ وارن جون ڳالهيون ٻه ڏکهيون آهن.

هايار جمونءَ جو وڻ پيو چا ته قداور آ،
ٽارين ۾ لڪيل ڪوئل جون لاتيون ٻه ڏکهيون آهن.

ها يار سمهان هاٿي ٿيا رات جا ٻارنهن هن،
پرديس ويل پياري جون تاتيون ٻه ڏکهيون آهن.

ها يار لڳي هر ڏينهن جڻ عيد سندو آهي،
تو ڀلجي مون کي ڀاڪيون پاتيون ٻه ڏکهيون آهن.

ها يار نندي خواهش اڄ دل جي ٿي پوري آ،
کيون کهڙيون ڀلا خوشيون مليون ٻه ڏکهيون آهن،

ها يار اچي وئي آ جنهن لاءِ ٿيو شاعرُ
مون هجر سنديون وايون ڳاتيون ٻه ڏکهيون آهن،

ها يار سچي سنڌڙي سڪ سور ٿي آ "ساغر"،
گيڙوءَ رنگيون الفيون پاتيون ٻه ڏکهيون آهن.

# عارف مظهر

## غزل

صَدين کان حادِثن وچ ۾، ڇڏيوسين پاڻ کي رولي،
اسان بس فاصِلن وچ ۾، ڇڏيوسين پاڻ کي رولي.

اوهان جو واعدو ڪوئي، وَفا تائين پڳو ناهي،
اسان ئي واعدن وچ ۾، ڇڏيوسين پاڻ کي رولي.

اُتي تون ظُلم نگريءَ مان، هَليو وڃ دورُ صَحرا ۾،
اجايو قاتِلن وچ ۾، ڇڏيوسين پاڻ کي رولي.

ڪرين ها عشق کي ساٿي. هلين ها پنڌ تون هيڪل،
رڳو هن قافلن وچ ۾، ڇڏيوسين پاڻ کي رولي.

◙

## نظم

هوءَ چَوي ٿي مان لافاني
ايئن لڳي ٿو ڄڻ هوءَ ناري
ٿوري ٿوري مورک آهي
يا پو شايد آ ديواني
هڪڙو نانءُ خُدا لافاني
باقي سڀ ڪجهه آهي فاني
چنڊ بہ فاني رات بہ فاني
سورج ۽ هر ڏينهن بہ فاني
ڌرتي ۽ آڪاش بہ فاني
تنهنجي نيڻَ نِهارَ بہ فاني
تنهنجو سَڏ پُڪار بہ فاني
تون ۽ي فاني آءٌ بہ فاني
صَحرا ۽ هي سَمونڊ بہ فاني
هِيرون ۽ هُبڪارَ بہ فاني
دنيا جو هي نانءُ بہ فاني
موت بہ فاني ملتِ بہ فاني
هِن جي هُن جي ذاتِ بہ فاني
پاڻ ڪي پل تون چاہِي پانئين
پرهي ڪورو سَچ آ سائڻ
ڪجهه ۽ي ناهين فاني آهين
فاني فاني فاني آهين.

◙

# سنجها سرواڻ

## نثري نظم

تون جڏهن نہ هُئين
منهنجي زندگيءَ ۾
تہ مان تنها هوندي بہ
پاڻ کي پرين!
تنها نہ پائيندي هيس
منهنجو قلم ۽ ڪهاڻيون
۽ ڪهاڻين جا ڪيترائي ڪردار
انهن جون خوشيون
انهن جا ڏک
مون سان گڏ هوندا هئا
هاڻ تنهنجي هوندي
ائين ٿو لڳي چڻ
مان اڪيلي ٿي وئي آهيان
بلڪل تنها رهجي وئي آهيان
ها، مان ساريان ٿي
انهن سمورن ڪردارن کي
جن سان گڏ مون رُنو
جن سان گڏجي ٽهڪ ڏنم
مان جڏهن تنها هوندي هيس تہ
ڪيترائي ڪردار
منهنجي چوڌاري
ڦري ايندا هئا
۽ لکڻ جي لاءِ مون کي
اُتساهيندا هئا
هاڻي جو تون گڏ آهين تہ
ڪوبہ ڪردار
منهنجي ويجهو نٿو اچي
ائين ٿو لڳي چڻ
مان هنن کان
وسري ويئي آهيان
يا اَلاءِ، مون ئي هنن کي
وساري ڇڏيو آ
ها، پڪ سان مون ئي
وساري
ڇڏيو آ...

# سائل پيرزادو

## غزل

اڪيلي ڪيئن آئي هئي اوپليءَ وير سارن ٽا،
وندر جا لڪ اجان تائين سَسئيءَ جا پير سارن ٽا!

ڪنڌيءَ تي ڪانيجي وينا، ملاحن جا ٻه ٽي پوڙها،
ڪُنن ڪڙڪا، ڇتيون ڇوليون سنتوءَ جا سير سارن ٽا.

سيئي ڪيئن يار گڏجي ۽ پرِيان بند جي ويندا هاسين،
اسان جا جهول اڄ تائين پڪل سي ٻير سارن ٽا.

پلا هيءَ ڪا جمار آهي، رڳو سُورن پچار آهي،
نماڻا ٿهڪ تنها ٽي، خوشين جا ڍير سارن ٽا.

صفا بيچين ٽي ويا هن، اپاڳا نيڻ هي پنهنجا،
وئي ڪاڏي، آئي ڪاٽان، هُئي سا ڪير؟ سارن ٽا.

شهر جي روشنين ۾ پي، اسان جا پير اڄ تائين،
ڳليءَ تنهنجيءَ ۾ روزانو، اچڻ جي هير سارن ٽا!

## علي چوهاڻ کيبرائي

### غزل

جن مٿان هي عشق طاري ٿي ويو،
ڪو پٺائي ڪو بخاري ٿي ويو.

ورق پل تاريخ جا ڪولي ڏسو،
هوش تي آ جوش ڀاري ٿي ويو.

ڄام ڪي ڏس عام نوري آ ڪيو،
تخت جو مالڪ شڪاري ٿي ويو.

ديس لوئي آبرو اڳيان عمر،
مارئي وٽ سُون واري ٿي ويو.

ڪو سخي هاشم قلندر بودلو،
ڪو فقير حمل لغاري ٿي ويو.

ڪونہ ٽاٽي ڪونہ گهاٽي ڪان ڊجي،
سونهن سندو جو پڄاري ٿي ويو.

## ”بهادر“ فقير رند

### غزل

صفا سُرمي بنا سهٽيون، عجب هي راز البيليون،
هڻن جاڙا ڪنيون جنتر، شڪر شيراز شرميليون.

ڪُنيون ڪاريون ڪمائن، ڪُل هنا هُبڪار حُورن هُل،
سَٽي سينگار گهائن گل، پڪي ٿي باز بربيليون.

هڻن قهري ڪنڌاريون هُنپ، تُفنگ تجليون تراريون ڇُپ،
بَخن بجليون خماريون ڪُنپ، سڄڻ جي ناز ترٽيلهيون.

ڇَڪوريون تلوڙيون تجليون، ڀنيوريون بانوريون بجليون،
ڪٽوريون سانوريون ڪجليون، ڪهن قلماز ڪرهيليون.

ورن بلاڊام منهن موڙي، هڻن پيڪان هٿ جوڙي
ڪٽن خوني خنجر ڪوڙي، ”بهادر“ سازڄر سيلهيون.

## نياز گمايل کوسو

### ڪافي(سرائيڪي)

هر ڳالهه تي ڪڙ تڪرار نہ ڪرُ،
سُهڻا غيران ڪوُن گڏ يار نہ ڪرُ.

بي ڏوهہَ مين تي، ٿپ لال نہ ٿي،
ڪراَن ڏوهہ تنّهن، في الحال نہ ٿي.
ڪجهہ سوچ، صَبرُڪَر، ٻال نہ ٿي-
- هر وقت رُسڻ دي ڪار نہ ڪرُ.

چوڙي ديس هُٽي، پرديس وَتان،
يڪا پاتي ڪالي ويس وتان،
لڳا ڏيک صفا درويش وتان،
دل ٽٽ پوُسِي ڇن ڏار نہ ڪرُ.

ٻلي دڙڪي ڏي، پيا سَهہُ ويسان،
ڪرُ ”نياز“ ادب مين ٻَهہ ويسان،
تيڏي محبت دا ٿي رَهہُ ويسان،
تون چاهي اڄ اعتبار نہ ڪر.

◙

## رحمت سومرو

### گيت

سونهن نگر جي راڻي، ڪائي ڳالهہ تہ ڪر،
اڪڙين ٻر ٿئي پاڻي، ڪائي ڳالهہ تہ ڪر.

نيڻن ڪان ائين ڏور ڪجل ٿئي، ڇا جي لئہ!
چوڙين تي پڻ سوڳ لٽل ٿئي، ڇا جي لئہ!
ڇو ٿئي مرڪ اجهاڻي ڪائي ڳالهہ تہ ڪر.

ڏس تون! توکي کهڙو سور ستائي ٿو،
تنهنجو اندر ڪير ٻلا الجهائي ٿو،
ڏس تون درَد – کهاڻي، ڪائي ڳالهہ تہ ڪر.

مرڪي پوندو جيون، ڏک جي موسم جي،
ڪوبہ نہ رهندو سور، قسم سان غم غم جي.
ٿيندي نيٺ پڇاڻي، ڪائي ڳالهہ تہ ڪر.

منهنجي جذبن کي تون ساڳين جذبن ساڻ،
منهنجي نيڻن کي تون پنهنجي نيڻن سان،
ڏي ڪا هاڻ وراڻي، ڪائي ڳالهہ تہ ڪر.

◙

## مشتاق گبول

### غزل

ازل ۾ نڪي هون ابد ۾،
رهون ٿي نٿا ڪنهن به حد ۾.

شهر تنهنجا وارث ها ڪيڏا!
نہ آيئہِ مگر ڪو مدد ۾!

اوهان چير چمڪائي چم چم،
خُدائي سڄي آ وجد ۾.

الاهي زمانن ڪان آهيون،
اسان قتل گاهن جي زد ۾.

سڄي ڪائناتي ڪشش آ،
اوهان جي پرين خال خد ۾.

ٻُڌائي مِٺي پئي گهٽو ڪجهہ،
چوان پاڻ چا پنهنجي رد ۾.

رهيو پاند آجو اسان جو،
زمانو جلي پيو حسد ۾.

رِياضي جيان عشق مشتاقُ!
مان اُلجهي پيس هڪ عدد ۾.

## رضوان گل

### غزل

اسان تہ توتي مرڻ ٿي چاهيو،
هي سر اڏيءَ تي ڌرڻ ٿي چاهيو.

اکين ۾ تنهنجي ٻڏڻ ٿي چاهيو،
تو پنهنجي لڙڪن ۾ چو وهايو.

زماني روڪي ڇڏيا ها رستا،
ڪٿي اسان هو رکڻ ٿي چاهيو.

اسان تہ سيني کي پنهنجو سمجهيو،
نہ پنهنجو ڪنهن پي ڪرڻ ٿي چاهيو.

زخم زخم ٿيو بدن وطن جو،
نہ ڪنهن بہ مرهم رکڻ ٿي چاهيو.

گلن سان ياري هئي اسان جي،
نہ ڪنهن کي ڪنبو ڏيڻ ٿي چاهيو.

## فراخ جانوري

# غزل

رنگ خوشبو ۽ روشنيون آهن،
تون جو آهين تہ سڀ خوشيون آهن.

هڪ حياتيءَ ۾ سات تنهنجي سان،
ڪيئي ماڻيون مون زندگيون آهن.

لفظ ماڪيءَ جي لار جهڙا هن،
تنهنجون ڳالهيون مِٺي مٺيون آهن.

منهنجي سوچن ۾ تازگي آهي،
هي بہ تنهنجون عنايتون آهن.

تنهنجي نيڻن جي چانوَ آ مون تي،
دور دردن جون ڏرتتيون آهن.

منهنجي مُرجهيل اداس جيون ڪي،
تو سيئي رونقون ڏنيون آهن.

چنڊ تارن گلن بهارن کان،
تنهنجون بهتر اهي اکيون آهن.

## رحيم داد جوڳي

# نثري نظم

جڏهن هيءَ رات جي خاموشي
وڇوڙي جي عذاب جهڙي
جڏهن دل اچي ٿي پرجي
تہ ڪجهہ لکجي ٿو وجي
حال هن دل جو!
ننڊپڻ گذري ويو
راند ۽ روند ۾
آيا ڏينهن جوانيءَ جا
آهي هزار معنائون زندگي!
ڪهڙو ڪهڙو حال لکجي
تتل ڏينهن ڪي ٻرجي چانءِ لکجي!
يا وري سياري جي ڏينهن جي شام لکجي!
آهن لهندڙ سج ڏنا
ڏڳها ڏڳها پاڇا ڪجين جا
ڳوٺ جي گهٽين ڪي.
ماڻهن سان پريل اوطاقون
ويران ٿينديون پيون وڃن
وٺن جي خاموشيءَ جهڙي
زندگي پنهنجي!
ڌرتيءَ ڇاوا صدين کان
هڪٻئي جو وڇوڙو
برداشت ڪندا پيا اچن!
ملڻ جا ڏينهن
جڻ تہ هجن اکين جو خواب
اجان ڪيستائين پلا اسان ڪي برداشت ڪنديون

# طارق عالم

## هڪ نظم قرة العين طاهره جي نانءُ

تون خوش گُلو هئين،
تون خوش شڪل هئين،
تنهنجي شاعري اُها آڳ هئي
جنهن سان صدين کان ٻانڌي عورت جي ذهن ۾
شعور جون ڏيائيون جلي پونديون آهن
پروميٿس جيان؛
تنهنجو ڏوهه ٻه شعور جي آڳ ورهائڻ ئي ته هو...؟
انهيءَ ڏوهه جي سزا ۾ توکي پهاڙ تي چوڪنبو ٻڌي
عقاب جي حوالي نه ڪيو ويو،
جو اِها سزا توکان اڳ پروميٿس جي نصيب ۾
لکجي چڪي هئي،
تنهنڪري
وقت جي حاڪم،
تنهنجي ان عظيم عمل جي ڏوهه ۾
تنهنجي بخملي چپن کي سبرائڻ ئي مناسب ڄاتو،
جو هن کي تنهنجي آواز جي سرلتا
ڇٽنگن جي برسات جيان ڏنبڻ لڳندي هئي
۽ جيڪو آواز عام انسان جي روح ۾
ڪو مقدس پڙلاءُ بڻجي پکڙجندو ٿي رهيو
پر اهو ٻه ڪيڏو نه عجب راز آهي؟
ته تنهنجي آواز جي 'سِبيل ماٿ' مان هر پيري
ڪئي نه ڪئي
هڪ نئين قرة العين طاهره
پنهنجي وڏيڪ سرل ۽ سگهندي آواز سان
نڪري نروار ٿي
وقت جي ظلم تي
زورآور چماٽ بڻجي لڳندي رهي آهي

|

هاڻي اهو دور پورو ٿي چڪو آهي
جنهن ۾ قرة العين طاهره جي
چپن کي شعور جي آڳ ورهائڻ جي ڏوهه ۾
سبيو ويو هو، اڄ اُها سُئي، اهو ڌاڳو،
۽ اهي هٿ، وقت جي تهن ۾ دفن ٿي
هڪ نفرت ڀريل ياد بڻجي چڪا آهن

# سنڌي ادبي بورڊ جا تازا ڪتاب




سنڌ جي جاڪوڙي محقق بدر ابڙي جو ڪيرٿر جي سفر تي مشتمل هڪ بيمثال ڪتاب جنهن ۾ پڙهندي ارضيات ، جاگرافي، ثقافتي ماڳ، جهنگلي جيوت ۽ نباتات جي باري ۾ نئين ڄاڻ حاصل ٿيندي.

ڪتاب جو نالو: ڪيرٿر جو سفر

سائيز: ڊيمي

صفحا: 298

قيمت: 300 روپيا

پاران: سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو




سنڌ جي جديد سوچ رکندڙ ڪهاڻيڪار شوڪت حسين شورو جي ڪهاڻين جو مجموعو

(رات جو رنگ)

شايع ٿي چڪو آهي

سائيز: ڊيمي

صفحا: 441

قيمت: 325 روپيا

پاران: سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو

تکي برسات جي سَٽ سهي نہ سگهندي آهي، تڏهن کان هوءَ ائين مطمئن ٿي وئي هئي، جيئن پُرشور ندي سمنڊ جي سيني ۾ لهي ساڻت ٿي ويندي آهي.

۽ تڏهن کان ڪيس پنهنجي پيءُ ماءُ جي هوندي اڪيلائيءَ جو رڻ محسوس ٿيندڙ پڙپانگ بنگلو ۽ بنگلي جون ويران ڏاڪڻيون بہ وڻڻ لڳيون.

انهن ئي پُراعتماد شامن مان هڪ شام هُو نيرين اکين واري چوڪريءَ کي گل ڏئي گهر موٽيو تہ هميشہ جيئن ماڻس مُرڪي ڪاٺ جو قديم دروازو کوليو ۽ نئون لفافو سندس هٿ ۾ ڏيندي چيو: "ٽپالي ڏئي ويو آهي. تنهنجي نوڪريءَ جو پنو آهي." صبح سوير شهر وڃڻو اٿئي، شڪر آهي منهنجي رب جو آخر ڪيستائين منهنجو شهزادو گهٽين ۾ گل وڪڻي ها. هُو ماءُ جي گهنجيل منهن تي پکڙيل خوشيءَ جي احساس کي آٿت ڏيڻ لاءِ مُرڪيو. آخر ايترن ورهين کان پوءِ ئي تہ سندس مُک تي خوشيءَ جو فصل ڦٽو هو.

پر شايد ماڻرون ڪوڙي ۽ سچي مُرڪ جي فرق کي سمجهنديون آهن. هوءَ سندس مٿان اچي بيٺي ۽ سندس وڪريل وارن ۾ آگرين جي ڦڻي ڦيرائي جڻ سندس وارن سان ڳالهائڻ لڳي، پوڙهي ٿي وئي آهيان. سئيءَ ۾ سڳو نہ ٿو پئي. ڳل پوئيندي سئي آگرين ۾ لهي ٿي وڃي، آخر ڪيستائين...

اوچتو مٿس انڪشاف ٿيو تہ سندس ماءُ جي اکين ۾ موت جا پاڇولا لڏي رهيا آهن. ڪيس ماءُ جي اکين تي روئڻهارڪو پيار اچي ويو. ڪيس روئڻ ۽ ڪجهہ ڳالهائڻ جي ضرورت محسوس ٿي. اصل ۾ هن ماءُ کان پڇڻ ٿي چاهيو تہ، منهنجي دل جي چٽني ڪنڊن ۾ ڦهلجي ويل خواب جو ڇا ٿيندو، پر لفظن ۽ لڙڪن سندس ساٿ نہ ڏنو. خوش قسمتي الاءِ بدقسمتيءَ سان هو هميشہ کان هڪ گهٽ ڳالهائو شخص ثابت ٿيو هو. جيڪي گهٽ ڳالهائيندا آهن اُهي گهڻو سوچيندا آهن ۽ جيترو سوچيندا آهن ايترو ڀوڳيندا آهن.

ان شام هو بہ واٽي تي بيٺل اڪيلو ماڻهو ثابت ٿيو.

ڪيس ڪاٻہ هڪ واٽ چونڊڻي هئي.

گل فروشي يا ڪلارڪي!

ڪلارڪي يا گل فروشي!

ڪيس زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو اهو ايذائيندڙ احساس ٿيو تہ اهو 'يا' وارو مختصر ترين لفظ انتهائي وڏو ۽ ڪهرو آهي.

ان رات هو دير تائين جاڳندو رهيو ۽ جيستائين جاڳندو رهيو، ايستائين ڪنهن هڪ واٽ جي چونڊ نہ ڪري سگهيو.

انيءَ شام بہ گل فروش دروازي تي دستڪ نہ ڏني تہ لان ۾ بيهي خزان جي ڏڪاري آسمان ۾ اڏامندڙ بي پرواهہ پکين ۽ لغڙن ڏي ڏسندڙ نيرين اکين واري چوڪريءَ پاڻ کي نديءَ ۾ ٻڏندي محسوس ڪيو.

هر ماڻهو پنهنجي اندر ۾ ٻڏندو آهي
پنهنجي اندر ۾ ترندو آهي.
پنهنجي اندر ۾ جيئندو آهي.
پنهنجي اندر ۾ مرندو آهي.

ڪيس لغڙن ۽ پکين ڏي ڏسندي ڏسندي شام ٿي وئي. اها سندس زندگيءَ جي سڀ کان وڌيڪ اداس شام هئي. ڪيس لڳو تہ ان هڪڙي شام ۾ گذري ويل هڪ هزار اداس شامن جو ڏک شامل آهي. ۽ هوءَ پنهنجي اکين مان اڻ رُنل لڙڪن ۾ نيڻن کان پيرن تائين پُسي چڪي هئي، هوءَ گهڻي ڪوشش سان پاڻ کي ائين سوچڻ کان روڪڻ ۾ ڪامياب ٿي سگهي، تہ دراصل محبت هڪ حسين دوکو آهي ۽ مرد هميشہ بيوفائيءَ سان وفا ڪندو آهي، ۽ رات پوڻ کان اڳ هوءَ پاڻ کي اهو يقين ڏيارڻ ۾ ڪامياب ٿي وئي تہ گل فروش نائين ڏينهن شام جو ٺيڪ پنجين وڳي ضرور سندس دروازي تي دستڪ ڏيندو.

اصل ۾ ان مهل تائين ڪيس بلڪل اندازو نہ هو تہ سندس اميد اجائي هئي ۽ ڪيس تمام جلدي پنهنجي اميد سميت دل جي اٿاهہ نديءَ ۾ ٻُڏي وڃڻو هو.



وڄائجي ويو هو. ان رات، هو پنهنجي بلو بيڊروم جي جنهن بستري تي ستل هو، صبح جو ان جي چادر تي صرف گهنج هئا، هو نہ هو. هُو جنهن جو نالو ميخائيل هو، بادلن جي ديس هليو ويو هو.

اها انهن ڏينهن جي ڳالهہ آهي جڏهن ويهين صديءَ جي آخري ڏهاڪي ۾ ڊالي ڏ شيپ جي روپ ۾ تاريخ جو پهريون ڪلون ٺهي چڪو هو. پر، هو پنهنجي وجود مان وڄائجي وڃڻ کان ڪيترا ئي سال پهرين، پنهنجي ذهن ۾ ڪلون ٺاهيندو رهندو هو ۽ ان جي ڪري ئي شايد ڪيس ڊالي ڏ شيپ جي ٺهڻ تي ڪا بہ حيرت ڪانہ ٿي هئي. ۽ ان رات، هو جنهن طريقي سان گم ٿي ويو هو. ان مان اهو اندازو لڳائي سگهجي پيو تہ هو ڪٿي پنهنجو ڪلون ٺاهي چڪو هو. پر،

قاضي اياز مهيسر

ڪهاڻي

# گوگلِ ارٿ

سائنس فڪشن

سُرمئي ٽپهريءَ کان اٽڪل ٽيهارو سال پهرين، جڏهن هو اجا ستن اٺن سالن جو مس هو،

تڏهن اڪثر ڪيس خواب ۾ بہ چنڊ نظر ايندا هئا ۽ ڪيس اهي ٻئي چنڊ، اڪثر اڌ رات کان پوءِ هڪ ئي وقت ابرندي نظر ايندا هئا. هڪ اوڀر مان ۽ ٻيو اتر مان. خواب ڏسڻ مهل، ڪيس بس هڪ ڳالهہ جو ڊڄ لڳندو هو تہ ڪٿي ساڳي رفتار سان چڪر ڪاٽيندڙ چنڊ، وچ آسمان ۾ ٽڪرائجي، ٽٽي نہ پون. هو خواب ۾ ٻنهي چندرمائن کي حيرت سان ڏسندو رهندو هو ۽ ڪيس اها ڳالهہ ڪڏهن بہ سمجهہ ۾ نہ ايندي هئي تہ ڪيس بہ چنڊ چو ٿا نظر اچن. هڪ رات ڪيس بہ سج نظر آيا هئا ۽ هو اهو سوچڻ تي مجبور ٿي ويو هو تہ هن ڪائنات ۾ هر شيءِ جا بہ وجود آهن. ۽ ان کان پوءِ لاشعوري طور، هو سدائين پنهنجي ٻي وجود کي ڳولهيندو رهندو هو. خوابن جي تسلسل ۾ گهڻن سالن کان پوءِ، هڪ رات جي ڪنهن پهر، پنهنجي ٻي وجود جي تلاش ۾ هو پنهنجي پهرين وجود مان

ڪلون ٺهڻ سان تہ هڪ ئي وقت ۾ هڪ ئي هنڌ پهرين وجود سان ٻيو وجود بہ ساهہ کڻڻ لڳندو آهي. هن آخر اهڙو ڪهڙو ڪلون ٺاهيو هو جو سندس ٻئي وجود گم ٿي ويا هئا. اهو سوال جيترو منجهائيندڙ هو، اوترو ئي حيرت انگيز پڻ خبر ئي نہ پئجي سگهي هئي تہ هن کي ڪهڙي زمين ڳهي وئي هئي يا ڪيس ڪهڙو آسمان کائي ويو هو.

۽ نيٺ اهو ڏينهن بہ اچي ويو جڏهن ڌرتيءَ جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو، هڪ ئي وقت، سڀ وجود لرزجي ويا هئا. ساهہ اچي نڙگهٽ ۾ اٽڪيو هو ۽ دليون ڦوڪڻ وانگر ڦوڪجي، ڦاٽڻ لاءِ تيار ٿي ويون هيون. اِهي اُهي گهڙيون هيون جڏهن اچانڪ وقت بيهجي ويو هو. ائين لڳي رهيو هو ڄڻ ڪنهن، وقت جي سُوپر سانڪ رفتار واري چرخي کي هڪ لمحي ۾ بيهاري ڇڏيو هجي ۽ بظاهر تہ بگ بين کان وٺي رسٽ

۽ هاڻي، ڪا بہ اميد نہ بچي هئي. سرمئي ٽِپهري، ازل ۽ ابد جا وِڇا ختم ڪري ڇڏيا هئا ۽ وقت، جيڪو خود ڌرتيءَ جي ڦيرن جو محتاج هو، ڌرتيءَ جي رڪجڻ سان، پنهنجو وجود وڃائي چڪو هو . ۽ ڌرتي، جنهن جي ڦيرن نہ ڄاڻ ڪيترا زمانا ڦيرائي ڇڏيا هئا. اڄ خود هڪ زماني ۾ قيد ٿي وئي هئي، هڪ اهڙي زماني ۾، جنهن کان پوءِ هاڻي، ٻيو ڪوبہ زمانو نہ اچڻو هو. ائين لڳي رهيو هو ڄڻ ڌرتيءَ جي اسپُول مان، وقت جي ٽيپ ختم ٿي وئي هئي. اسٽاپ، اسٽاپ... اسٽاپ، ۽ سڀ ڪجهہ اسٽاپ ٿي ويو هو. ۽ هاڻي بس اسرافيل جي ڦوڪ ئي رهجي وئي هئي. هوائون بہ شايد ان جي ڪري ئي ختم ڪيون ويون هيون جو اهي اسرافيل جي وات ۾ ڦوڪجي وڃڻيون هيون ۽ اهي هوائون، جيڪي ڪڏهن ڌرتيءَ جي بقا جو ڪارڻ هيون، انهن ڪي ئي ڌرتيءَ جي فنا جو ڪارڻ بنجڻو هو.

پر ڇا هي سڀ ڪجهہ ائين ئي ختم ٿي وڃڻو هو ۽ ڇا دنيا پنهنجي منطقي انجام تي پهچي چڪي هئي؟ عين ممڪن هو تہ ان گهڙي، جڏهن ساهن جون تندون ٽٽڻ تي هيون ۽ آخري انتظار صرف ڦوڪ جو هو، هي سڀ ڪجهہ ختم ٿي وڃي ها. پر، ان گهڙيءَ، ڪجهہ ٻيو ٿي ويو هو. ڪو ڀونچال تہ نہ آيو هو، پر اهو منظر، ڪنهن ڀونچال کان گهٽ نہ هو. ۽ ان وقت، ڌرتي نہ ڏڏي هئي پر وجود ڏڏي ريا هئا. ان وقت جڏهن، چنڊ جي مفاصلي تي، سج جي چوڌاري الڳ محور ناهيندي، ڌرتيءَ جهڙي هڪ ٻي ڌرتي نمودار ٿي وئي هئي. ”نئون پلينيٽ!!!“، ماڻهن کان رڙيون نڪري ويون هيون. ”نہ...!!!“ ڪن چيو: ”نئين ڌرتي... نئين دنيا!!!“ پر هڪ آواز سڀني تي حاوي ٿي ويو هو: ”ڪلون.... ڊالي ڏ ارٿ!!!؟“

”ڊالي ڏ ارٿ!!!“ حيرت ۾ اهو آواز وڪري ويو هو ۽ خوشيءَ مان سڌس پڙاڏي جون رڙيون نڪري ويون هيون. هونئن تہ هوائن کان بغير آواز جو ڦهلاءُ نڙيءَ کان ڇپن جي فاصلي تائين محدود ٿي ويندو آهي، پر ان آواز هوائن کي مات ڏئي ڇڏي هئي، ائين ئي جيئن ڌرتيءَ جي ڪلون، فزڪس جي اصولن کي ڍير ڪري ڇڏيو هو. ۽ ان گهڙي، جڏهن دنيا جو باشعور طبقو نئين ڌرتيءَ جي خودبخود ٺهي وڃڻ تي حيران هو. هڪ ٻي آواز ڪين وڏيڪ حيران ڪري ڇڏيو هو ۽ اهو آواز ان جو هو جيڪو ڌرتيءَ جي تاريخ مان ٻارنهن سال پهرين گم ٿي ويو هو. هُو جيڪو ڊالي ڏ شيپ کان گهڻو پهرين، پنهنجي خيالن ۾ ڪلون ٺاهيندو رهندو هو ۽ هڪ رات، پنهنجي بلو بيڊ جي چادر تي، پنهنجي هجڻ جي ياد جا، صرف گهنج ئي ڇڏي ويو هو .

”ميخائيل!!!“ حيرت جي وادين ۾ هڪ ٻيو آواز گونجي ويو هو. اوچتو، دنيا جي ٽي وي اسڪرين تي گوگِل ارٿ جو سافٽ ويئر کُلي وڃي ٿو. وِنڊو اسڪرين رڪجي ويل ڌرتيءَ کي ڊِي فوڪس ڪندي، نيري اس ۽ نيرن بادلن کي پار ڪندي، سليٽي آسمان ۾ ٿامو ٿي ويل چنڊ جي لينڊ اسڪيپ تي رڪجي، هڪ دم نئين ڌرتيءَ ڏانهن منتقل ٿي وڃي ٿي. ۽ ان وقت ڏسندڙن جي اکين ۾ ڳوڙهن جا درياءَ ڀرجي ٿا اچن، جڏهن سندن سامهون، ڪين هڪ متحرڪ ڌرتي نظر اچي ٿي. اهو ئي چانديءَ جهڙو چمڪندڙ چنڊ، اهي ئي اڇن ۽ ڪارن بادلن جا تهہ، اهي ئي دريائن جا ميرانجهڙا وهڪرا، اهو ئي نيرو سمنڊ، اهي ئي برفاني قُطب ۽ اها ئي سائي زمين. گوگِل اسڪرين جيئن جيئن زوم اِن ٿيندي پئي وئي، تيئن تيئن ماڻهن ۾ ان ڌرتيءَ سان سندن پنهنجائپ جو احساس وڌندو پئي ويو. ايليويشن جي ان اسڪيل تي جتي وسندين جا ساوا چراگاهہ ۽ گهرن جون ڇتيون نظر اينديون آهن، اتي هڪ لائيو وڊيو اسڪرين پاپ اِن ٿي وڃي ٿي..

”ميخائيل...“ هو لائيو اسٽريم جي ذريعي سانت ٿي ويل ڌرتيءَ جي نيوز اينڪرس سان پنهنجو تعارف ڪرائي ٿو. ”مان، اڄ کان ٻارنهن سال پهرين، گم ٿي ويو هئس. منهنجو گم ٿي وڃڻ، منهنجي ظاهري طور هجڻ کان وڌيڪ اهم هو ۽ ان جو اندازو ان ڳالهہ مان لڳائي سگهجي

"فرمايو... آءٌ اوهان جي ڪهڙي مدد ڪري سگهان ٿو....؟؟"

"آءٌ اوهان سان گڏ هلي سگهان ٿي....؟؟"

هن جي غير متوقع سوال مون کي ڪن لاءِ وسوسن ۽ وهمن جي واچوڙي ڏانهن ڌڪي ڇڏيو. مون پنهنجي پريشانيءَ کي غيرمحسوساتي طور تي جذب ڪندي، قدم اڳتي وڌايا ته هوءَ به مون سان گڏ گڏ هلڻ لڳي.

"توهان مون کي ڪا به ورندي نه ڏني..... مون کي صرف اوهان جا ڪجهه لمحا ادارا گهرجن....."

"پر ڇو...... مان اوهان کي نه ٿو سڃاڻان، اوهان مون سان گڏ ڇوٿيون هلڻ چاهيو...؟؟"

گهڻيءَ مان ڪجهه عورتون ۽ ٻار دير ٿي وڃڻ سبب، تڪڙا تڪڙا درگاهه ڏانهن وڃڻ لاءِ اسان جي ڀرسان گذريا. هُن جي لهجي ۾ غضب جي بردباري هئي، جڻ اسين ٻئي هڪ ئي گهر جا ڀاتي هجئون......

"ڀڪين سان پيار ڪندڙ ماڻهوءَ کي اهي لفظ نه ٿا سونهن...... آءٌ سندس ۽ بامعنيٰ جملي جي ٽڪندي ۾ ڦاسي جڻ ٻُورجي ويس....

لفظ، ڪبوتر جيان، منهنجي شعور جي ڇاڃي تان اُڏامي ويا.

اسان ٻئي خاموشيءَ سان هلڻ لڳاسين.... ڪورٽ روڊ واري موڙ کان، اسان جا قدم خوجه گارڊن واري رستي ڏانهن وڌڻ لڳا.

ڊسمبر جي سرد شام، آسمان تي بادلن جو خوبصورت رقص، رستي جي ٻنهي پاسن کان نمن، سرينهن جي وڻڪرن ۽ سفيدي جي قداور وڻن جي پنن جي طلسمي سرڙاٽ، روڊ تي نيڻ نهار تائين ويراني.... اهڙي ماحول ۾ هڪ نوجوان مرد ۽ اجنبي عورت جو ساڳيئي منزل ڏانهن سفر.... ڪن پل لاءِ سڀ ڪجهه ڪنهن خوبصورت خواب جو منظر محسوس ٿيو....

"ڊاڪٽرس ڪالوني گهڻو پري ناهي.... پاڻ Walk ڪندي به بنا ٿڪ جي پهچي وينداسين...."

هُن جي ڀرين انڪشافي جُملي مون کي حيرانيءَ جي واديءَ حوالي ڪري ڇڏيو.

خوجه گارڊن واري چونڪ تي پهچي، اسان ون وي ڪراس ڪرڻ لاءِ ڪن پل ترسياسين ته خوجه گارڊن ۾ پنهنجي نازڪ وجود تان وقت جو لباس لاهي، ٽڙڻ جي تياري ڪندڙ رات جي راڻيءَ جي خوشبو، هوا جي جهُوٽي سان گڏ، اسان جي روحن ۾ لهي وئي... هن اونهو ساهه کڻندي چيو، "هي خوشبو به خوشيءَ جيان عارضي ڇو هوندي آهي....؟؟"

روڊ تي ٽريفڪ وڻيرڪي ٿي ته اسان تڪڙا قدم کڻندي، روڊ ڪراس ڪري، پَرينءَ ۾ پهچي، فوٽ پاٿ تي هلڻ لڳاسين. خوجه گارڊن جي ڪاٻي پاسي، چند قدمن جي مفاصلي تي ايندڙ بنگلي کي ڪراس ڪري، جيئن ئي اسان ٻاگڙين جي جهڳين ڀرسان لنگهياسين ته هن، جهڳين ۾ ٻرندڙ بلبن جي روشنيءَ ڏانهن ڏسندي چيو، "هي ڪيڏا نه خوشنصيب ماڻهو آهن....

اجاين انائن، ذات پات جي فرقن، اميري، غريبيءَ جي محرومين کان بي نياز ماڻهو.... ۽ هڪڙا اسين آهيون.... ذاتين، انائن، رُتبن، عهدن، دشمنين، خوشفهمين ۽ خودغرضين جي ڏُٻڻ ۾ ڦاٿل ماڻهو..."

هن جي لهجي ۾ ساڳي بي ڊپائي ۽ بي نيازي هئي، مان ڪيس ڪا به ورندي ڏيڻ بدران اجان تائين انهيءَ وهم ۾ وڪوڙيو پيو هوس ته، هوءَ ڪير آهي.... ڇا ٿي چاهي...؟

اسان هلندي هلندي ڊاڪٽرس ڪالونيءَ جي مين گيٽ تائين پهچي وياسين... مين گيٽ ٻاهران مستقل طور تي بيهندڙ رنگروٽ رڪشي ڊرائيورن، مون کي ڀريون ڀيرو اويلي وقت عورت سان ڳالهائيندي ڏسي به اهڙو ڀئي ڏيک ڏنو، جڻ مان خود ڪلامي ڪندو هجان...! هنن مون کي پنهنجي اکين جي پنجوڙ ۾ ڦاسائڻ جي ڪوشش ٿي ڪئي. مون سندن شڪ واري تاثر کي دور ڪرڻ لاءِ، پنهنجو اعتماد بحال ڪندي، ٿورو ڏاڍيان ڳالهائيندي، عورت ڏانهن پنهنجائپ واري انداز ۾ ڏسي مرڪندي چيو:

ڪري، اسٽڊي ٽيبل اڳيان رکيل ڪُرسيءَ تي ويهڻ لاءِ وريس تہ هُن ڳالهايو: ”هھڙي ٿڌ ۾ جيڪڏهن گرم چانهہ جون چسڪيون پرجن تہ، سرديءَ جي حملي کان بچي سگهجي ٿو.“ مون کي سندس خواهش بلڪل معقول لڳي، آءٌ ڪمري مان نڪري، ڏاڪڻ واري پاسي کان ٺهيل مختصر ڪچن ڏانهن هليو ويس... گئس جي چلهي تي چانهہ جي ڪيٽلي رکي آءٌ هن متعلق سوچيندو رهيس:

”هوءَ ڪير آهي، جيڪا مون کي، مون کان بہ وڌيڪ ٿي سڃاڻي زيبي، جنهن سان ٻاروتڻ ۾ ڳوٺ جي ڳلين ۾ ڪوڏين ۽ بلورن سان ڪيڏيو هوس. پر نہ نہ، زيبيءَ جي تہ ڪي سال اڳ ڪراچيءَ ۾ رهندڙ سندس ڪار ڊرائيور سوٽ سان شادي ٿي وئي ان جو چهرو تہ چڱيءَ طرح سان ياد اٿم، چاچي جمن جي ڌيءُ گُڏي، جنهن سان شهر لڏي اچڻ کان پوءِ، روينيو ڪوارٽرن ۾ مون نوجوانيءَ ڏانهن ويندڙ ڏينهن جي شروعات گذاري هئي، شرير، چنچل ۽ گهڻ ڳالهائو گُڏي... جنهن کي مان دل جي ڳالهہ ٻڌائي نہ سگهيس ۽ هوءَ منهنجي بي همتيءَ کان مايوس ٿي، ميٽرڪ ۾ پڙهڻ دوران هڪ رڪشي واري سان ڀڄي وئي هئي، پر هيءَ اها بہ ناهي، اُها تہ سانوري، بندري هئي ۽ هيءَ سراپا جادو. پوءِ آخر ڪير آهي... آءٌ سوچن ۾ گم هيس تہ ڪيٽليءَ ۾ ڪڙهندڙ چانهہ جو دونهون، وڌيڪ وقت لڳڻ جي شڪايت ڪري رهيو هو. مون تڪڙ ۾ چُلهي تان ڪيٽلي لاهي... ٻن مگن جي مٿان چانهہ ڇاڻي رکي انهن ۾ چانهہ اوتي... مگا هٿ ۾ کڻي، ڪمري ڏانهن آيس تہ هوءَ اُتي موجود نہ هئي. ”شايد پرواري ڪمري يا باٿ روم ۾ وئي هوندي؟“ مون سوچيو. پر ڪجهہ منٽن تائين هوءَ واپس نہ وري، تہ مون چانهہ جا مگا ٽيبل تي رکيا... ۽ پرواري ڪمري ڏانهن ويس... جنهن جو بلب آف لڳو پيو هو. بلب آن ڪيم... ڪمرو خالي هو...

باٿ روم ڏانهن نظر ڊوڙايم، جتي اوندهہ ڇانيل هئي. بڌتر واري ڪيفيت ۾ ساڳئي ڪمري ڏانهن موٽيس، جتي ڪجهہ ساعتون اڳ هوءَ، سنگل بيڊ تي اجرڪ اوڍيو ويٺي هئي.

ڪمري ۾ موجود ڪابہ شيءِ، سندس موجودگيءَ جو احساس ڏيارڻ کان لاچار هئي... آءٌ پيرن کان وٺي، مٿي تائين ڏڪ، حيراني ۽ ويرانيءَ جو اُجڙيل آڪاڙو بڻجي ويس. پنهنجو پاڻ تي ڪن لاءِ پاڳل هئڻ جو گمان ٿيو، تڪڙ ۾ فليٽ جي ٻاهرين بالڪونيءَ ڏانهن ڊوڙيم. ٻاهر ڊسمبر جي رات، ڪنهن خونخوار بگهڙ جيان پنهنجي شڪار ۾ چپ هنيو ويٺل محسوس ٿي، بالڪوني جي لوهين گرلن ۾ هٿ وڌم، هٿ ڏڪندي محسوس ٿيا، پٺرائجي ويل نگاهون کڻي هيٺ گهٽيءَ ڏانهن نهاريم، گهٽيءَ جي هڪ ڇيڙي کان ٻئي ڇيڙي تائين ڊسمبر جي سرد رات جي چوڪيداريءَ کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ نظر نہ آيم، پڪ ڪرڻ لاءِ مٿيون ڌڙ ٻاهر ڪڍي، وائڙن وانگر هيڏانهن هوڏانهن لوٽا هنيم.

سماعتن ۾ گهٽيءَ جي ڪُنڊ تي نم جي وڻ سان ٽڪرائيندڙ سرد هوا جون سرگوشيون پهتيون. لوهي گرل مان هٿ ڇڏائي، هارايل قدم کڻندو ڪمري ڏانهن موٽيم، ڪمري ۾ هن جي ساهن جو هڳاءُ محسوس ڪيم. سمورو وجود ڄڻ برفائجي ويو هو. اسٽڊي ٽيبل اڏو رکي ڪُرسيءَ تي پاڻ کي بي دليو ڦٽي ڪيم ڪا ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ ٿي آئي.

ذهن ڄڻ ڪنبر بڻجي ويو، اکيون کڻي ٽيبل تي رکيل ڪتاب ڏانهن ڏٺم. هڪ ڪتاب جو پهريون صفحو مون ڏانهن گهُوري رهيو هو، ڪتاب، تڪڙ ۾ کنيم. ڪتاب جي سفيد وجود تي ڄڻ ڪنهن جي آڱرين سان لکيل تحرير محسوس ٿي، ڪتاب اکين جي ويجهو ڪري تحرير پڙهڻ جي ڪوشش ڪيم:

”اڄ کان ڏهہ سال اڳ رت جون بہ ٿيلهيون ڏيڻ جي مهرباني.“ تحرير پڙهي سمورو وجود سراپجي ويو، هر طرف پاڻي ئي پاڻي محسوس ٿيو. ڄڻ آءٌ ڪمري ۾ نہ هجان، ڪنهن اونهي، سرد سمنڊ جو حصو هُجان ۽ منهنجو وجود ڄڻ آئس برگ بڻجي ويو هجي!!!



شبنم گل

ڪهاڻي

# خالي هنج جو ڏک

هوءَ گهر ۾ چوڏاري ڏسي ٿي جتي ڪشادا ڪمرا، جديد فرنيچر ۽ ضرورت جي هر آسائش موجود آهي. ٻاهر هڪ ننڍڙو لان آهي. ديوارن تي نارنگي، ڳاڙهي ۽ پيلي گلن واريون وليون هلڪن جهوٽن تي جهومي رهيون آهن. نم جي وڻ تي جهرڪين جا آکيرا آهن. پوپٽ گلن تي ڦيرا پائي رهيا آهن. پر پوءِ به گهر صوفيہ کي خالي لڳي ٿو. ڄڻ ڪنهن به منظر ۾ ساهه نہ هجي. گهر ٻارن کان خالي آهي. جتي ٻار نہ آهن اُتي خالي پڻو ٿئي ٿو. هڪ نہ بيان ڪندڙ اداسي ٿئي ٿي.

صوفيہ جي شاديءَ کي پندرنهن سال ٿيا آهن. شاديءَ جي ٻن سالن کان پوءِ ڪيس فائبرائڊ ٿيو هو. جيڪو ٻار نہ ٿيڻ جو سبب بڻيو هو. انڪري گائناڪولوجسٽ سندس آپريشن ڪيو هو. پر ڪيس ٻار پوءِ بہ نہ ٿيو. تهائين صحت جا ٻيا مسئلا شروع ٿي ويس. ان کان پوءِ هوءَ ڪيترن ڊاڪٽرن ڏانهن وئي جن ڪيس ٻڌايو تہ هن کي آپريشن نہ ڪرائڻو هو. هڪ ڊاڪٽر جي ڳالهہ تي چو لڳي، ڪنهن ٻئي ڊاڪٽر کان بہ صلاح وٺي ها. ڪي ڊاڪٽر ڪيڏا لاپرواهہ آهن. لمحي ۾ غلط فيصلا ڪري وٺندا آهن. انسان وٽ پنهنجو عقل بہ هئڻ گهرجي. هن وڏا وس ڪيا تہ ڪو ٻار هنج وٺي. پر سندس مڙس عبدالمنان هن جي هڪ نہ ٻڌي. مڙس جو چوڻ هو تہ اهو هڪ غير اسلامي فعل آهي. ڌيءُ مرد لاءِ ۽ پٽ عورت لاءِ غير محرم ٿيندا. اڄڪلهہ پنهنجو اولاد نہ ٿو پڄي سو پرائو اولاد ڪهڙي ڪم ايندو! جي يتيم خاني مان وٺنداسين تہ ڪهڙو جائز ٻار ملندو!

”منان ٻار تہ معصوم ٿيندا آهن، ڪين دنيا جي برائين جي ڪهڙي خبر؟“

صوفيہ ڪنهن بہ ٻار کي جهول وٺڻ لاءِ آتي هئي اصل ساهہ پيو ويندو هيس.

”چري، ڪنيءَ ول جا پتا بہ ڪِنا هوندا اٿئي. سو متان ڪڏهن پلجي بہ يتيم خاني مان ٻار وٺي اچين.

صوفيہ کي منان جي ڳالهہ تي ڪاوڙ لڳندي هئي. سوچيندي هئي، منان آخر ڪهڙي قسم جو انسان آهي. جو ڪيس احساس ناهي تہ منهنجي خالي ممتا ڪيڏي نہ اجايل آهي.

صوفيہ ڏاڍي ڪوشش ڪئي تہ ٻيو نہ تہ پنهنجي ئي خاندان مان ڪٿان ٻار ملي وڃيس، ساهرن مان جواب مليس. شايد منان دلچسپي نہ ڏيکاري. جي زور ڀري ها تہ ڪنهن ڀاءُ يا ڀيڻ کي رحم اچي وڃي ها. صوفيہ جو هڪ ئي ڀاءُ هو. ڪيس چار ٻار هئا. ڀاءُ پنهنجي دنيا ۾ گم هوندو هو. ڀاڄائيءَ جو مزاج الڳ ستين آسمان تي هو. سو سائس ڳالهہ ڪرڻ اجائي آهي، متان چڙي نہ پوي تہ منهنجي اولاد ۾ نظرون وڌيون اٿس. ۽ الله پاڪ ائين نہ ڪري جو ٻار بيمار ٿي پيس تہ مون لاءِ مصيبت ڪري ڇڏيندي، چوندي ٻارن کي صوفيہ جي نظر ٿي لڳي. پوءِ ٻارن کي مولوين وٽ موڪليندي نظر جي ڏنيائڻ لاءِ. اهڙي ڪِٽ کان بس پلي.

ياءُ جا ٻار گهريلوجهيڙن ڪري ننر ٿي ويا هئا. جي ڪو هڪ ٻار پاليندس تہ مڙس جي هيانءُ تي بار الڳ ٿي پوندو. زال جي پيڪن ڪان تہ مرد هوندڻ ئي پيا لهرائيندا آهن. صوفيہ اهي ڳالهيون سوچي دل تي پٿر رکي صبر ڪيو. عبدالمنان جي عمر پنجونجاهہ سال هئي، هو بزنس ڪندو هو. صوفيہ ڪانئس نو سال ڪن ننڍي هئي. ڪاليج ۾ ليڪچرر هئي. منان سڳو سؤٽ هيس، طبيعت جو سادو هو پر مڙس جي روپ ۾ هو ڪيس سدائين اوڏو لڳندو هو. شل نہ ڪا هڪ عورت سندن نڪاح جي ڪاڳرن ۾ سندن ملڪيت ۾ اچي، پوءِ تہ ڪنڌ کي بہ ڪلف لڳي ويندو اٿن. هوندڻ تہ عبدالمنان صوفيہ جو خيال رکندو هو. صفا ويل مڙس بہ نہ هو، تہ زال کي نظر انداز ڪري ٻاهرين دنيا جي ميڙن ۾ رڌل هجي. طبيعت ۾ نهنائي هيس. پر صوفيہ کي لڳندو هو تہ ٻارن جي ڪمي کي هو بہ محسوس ڪري ٿو. ان ڪري اجڪلهہ ڳالهہ ڳالهہ تي چڙي پوي ٿو. بزنس ۽ ٻاهرين مسئلن کي گهر ڪٺي اچڻ تي صوفيہ چڙي پوندي هئي. هر وقت حساب ڪتاب ۽ دڪانداري ڪيس سٺي نہ لڳندي هئي. گهڻو چئي ڪري صوفيہ هن ڪان ٻاهرين قصن ۽ مسئلن کي وري وري بيان ڪرڻ واري عادت ڇڏارائي هئي. پر ائين ڪري هوءَ نقصان ۾ وئي. منان خاموش رهڻ لڳو. هوندڻ بہ هن وٽ ڳالهائڻ لاءِ گهٽا موضوع ڪونہ هئا. هوءَ سوچيندي هئي منان هن سان ائين ڪِلي ڳالهائي جيئن پينرن سان ڪلي ڳالهائيندو آهي.

پينرون تنقيد نہ ڪنديون هيس. شايد ان ڪري، هوءَ گهٽي ڪوشش ڪندي هئي تہ ان وٽندڙ ڳالهين تي خاموش رهي.

خاموش رهي هڪدم اونهو ڪُن ٻڌجي پوندي هئي. جيڪا پاڄي يا سودو سلف سمجهائيندي هيس ان بدران ٻي وٺي ايندو هو. لسٽ ڏيندي هيس تہ سلمان ڪتل آٽيندو هو. گوشت يا مرغي چاڙهٽي هوندي هيس تہ ٿوم ۽ ادرڪ وساري ايندو هو. هن جي عادت نہ هئي پاڙي وارن ڪان گهرڻ جي.

عبدالمنان جي سادگيءَ مان اڪثر پنهنجا پراوا غلط فائدو وٺندا هئا. پوءِ موقعو ملندي ئي صوفيہ اچي ڪيس ورائيندي هئي.

”ڇو؟ ڇوڪرين ڪاليج اچڻ ڇڏي ڏنو آهي ڇا جو مون کي پٺي ليڪچر ڏين.“

صوفيہ جَڪَ ڪائي پاڻ کي نارمل رکڻ جي ڪوشش ڪندي هئي. هرويرو ڳالهہ مان ڳالهہ وڌندي هوندڻ بہ منان هر پيري ڪو هڪ جملو دل ۾ رکي مهينن جا مهينا ڪيس طعنا ڏيندو رهندو هو. مڙس تہ سندس هر ڳالهہ ۾ مداخلت ٿو ڪري پر هن جي ڳالهہ نہ ٿو ٻڌي.

پلي ڪا بہ ڳالهہ نہ ٻڌي پر ٻار تہ وٺڻ ڏئي. پر ڪيس منهنجي ڏک جي ڪهڙي خبر! پاڻ تہ ٻاهر جي دنيا ۾ مگن آهي. ڪيس ڪهڙي خبر تہ منهنجو وقت گهر ۾ ڪيئن ٿو گذري؟

رات جو هوءَ ان وقت ننڊ مان اُٿي منان سان وڙهڻ لڳي جڏهن هن سڄي سوڙ سوري پنهنجي چوڌاري ويڙهي ڇڏي ۽ هوءَ سوڙ بنا سيءَ ۾ ڏڪي رهي هئي. بہ ٽي ڀيرا ڪيس سيني جو انفيڪشن بہ ٿي چڪو هو. ننڊ ۾ بہ مون سان بيائي، ڏند ڪرٽيندي هوءَ سوڙ ڇڪڻ لڳي. ”هان هان ڇا ٿي ڪرين...... “ ڳاڙهيون اکيون کولي منان ڪيس ڪاوڙ مان ڏٺو.

”هيڏي ڪر سوڙ سڄي ساري پاڻ کي ئو ويڙهي ڇڏين.“

پوءِ منان سوڙ جو هڪ حصو ڪيس آڇيندو هو. هوءَ اندر ٽيڻ جي ڪوشش ۾ وڃي سنجي اڌ ٻاهر پٺي هوندي هئي.

”ٿوري سوڙ هيڏي ڪيو.“

”نہ، تون پنهنجو وزن گهٽاءِ.“ منان مرڪي ڪيس چيڙائيندو هو. وڙهي جهڙي سوڙ وٺڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندي هئي جو آرام سان سمهي سگهي. بہ ٽي ڏينهن هن الڳ سوڙ وڌي. ڪيس محسوس ٿيو ٻنهي ۾ فاصلا اڃان وڌي ويا آهن. منان سڄو ڏينهن گهر ڪان ٻاهر هوندو هو. گهر اچڻ بعد وهنجي سهنجي چانهہ پي پيو ٽي.وي ڏسندو هو. رات جون گهڙيون هيون جو ٻنهي کي ايتري ويجهڙائي نصيب ٿيندي هئي. سندس ڏاڏي چوندي هئي تہ زال مڙس هڪ سوڙ ۾ سمهن، بہ سوڙيون دلين ۾ جدائي وجهنديون آهن. ٻيو چوندي هئي تہ جي ننڍا ٻار هجن تہ مرد ٻئي ڪمري ۾ سمهڻ

لاءِ پيو واجهائيندو آهي. ڪيس ٻئي ڪمري ۾ نه سمهڻ ڏجي، نه ته ٻارن کان پري ٿي ويندو. هوءَ فقط ٻهرين ڳالهه تي عمل ڪري سگهي. ٻار ته سندس قسمت ۾ نه هئا. ٻار به زال مڙس جي وچ ۾ تعلق جي پل ٿين ٿا.

ٻار هجن ها ته مان انهن سان سمهان ها. پوءِ مڙس سان به ايترو نه وڙهان ها. عورت جي سوچ ٻارن ۾ ورهائجي وڃي ٿي. صوفيه کي اولاد نه هئڻ جو ڏاڍو ڏک هو. هڪ ڏينهن سندس سهيلي شازيه ڪيس پنهنجي گهر وٺي وئي. گهر ۾ ٻوٽا ۽ وڻ پوکيل هئا. شازيه جا ٻه ٻار هئا. ٻارن طوطا پاليا هئا. طوطن جون ٻوليون ٻڌي هوءَ اندر ۾ ٻارن جهڙي خوشي محسوس ڪرڻ لڳي.

گهر اچي سوچيندي رهي ته هوءَ طوطو ضرور پاليندي منان زمين تان موٽيو ته ٿڪل هو. وهنجي ماني کائي لائونج جي صوفي تي آهلجي ٽي.وي ڏسڻ لڳو.

صوفيه به ڀرسان اچي ويٺي. "ريسلنگ ڏسڻ جو شوق ٿيو اٿئي ڇا؟" منان ڪيس چڙ ڏيارڻ لاءِ چيو.

"هن قسط ۾ الاءِ ڇا ٿيو هوندو. چينل بدلايو ته برامو ڏسان."

"سياڻي منجهند جو ٻيهر هلندو. پوءِ ڏسجانءِ."

منان جون اکيون ريسلر جي داءُ ۽ پيچن ۾ ڪتل هيون.

"منجهند جو مان ماني ڪندي آهيان. ٽائم ڪٿي هوندو اٿم ٽي.وي ڏسڻ لاءِ....."

هنن جي اڪثر ٽي.وي چينلز تي به ويڙهه ٿيندي هئي، بلڪل ٻارن وانگر

"منهنجي ڳالهه ٻڌو."

"ها چئه."

"مون کي طوطو آڻي ڏيو."

"هان!"

منان حيرت مان صوفيه کي ڏٺو.

"ها مان طوطو پاليندس."

منان کي اچي کِل ورايو.

صوفيه روئڻ لڳي، ته منان ڪجهه سنجيده ٿيو.

"توهان مون کي ٻار ته نه پالڻ ڏنو. هاڻ مان طوطو پاليندس. طوطن ۾ محرم يا غير محرم جو چڪر نه هوندو آهي، نه ٻارن وانگر جڻڻ يا ناجڻڻ جي مهر هوندي اٿن."

هڪ عجيب درد هو صوفيه جي لهجي ۾. منان ان وقت بازار ڏانهن روانو ٿي ويو ۽ شام ٽائين ڪيس طوطو آڻي ڏنائين. ننڍڙو طوطو هو. صوفيه کي بي اختيار طوطي تي پيار اچي ويو. "هن هزارن جو طوطو آهي. ماڻهوءَ واري سمجهه اٿس". منان خوش ٿي ڪيس ٻڌايو. طوطو پڃري ۾ اداس ويٺو هو.

"هيءَ چپ چو آهي؟" صوفيه طوطي کي پيار مان ڏسي چيو. "ولر کان وڇڙيو آهي. ٻن ٽن ڏينهن ۾ هري مري ويندو. پرَ ڪٽيل اٿس. پڃري کان ٻاهر ٿوري دير ۾ ڪڏي ڇڏجانئس."

منان صوفي تي ويهي خبرون ڏسڻ لڳو. طوطي جي اچڻ کان پوءِ صوفيه جي دنيا بدلجي وئي. ڪجهه ئي ڏينهن ۾ طوطو هن سان هري مِري ويو. طوطو ڏاڍو سمجهدار هو. جيڪو لفظ هن جي سامهون ڳالهائيو هو، طوطو اهو لفظ ورجائيندو هو. صوفيه ڪاليج مان موٽندي هئي ته طوطو ڪيس هڪ خاص اشاري سان ٻڌائيندو هو ته ڪيس بک لڳي آهي. صوفيه ڪيس کائڻ لاءِ ڪجهه ڏيئي ڪپڙا تبديل ڪري طوطي جو پڃرو کولي ڇڏيندي هئي. صوفي تي ٿوري دير آرام ڪندي هئي. چينل به پئي بدلائيندي هئي. طوطو هن جي ڪلهي تي اچي ويهندو هو. پوءِ ٻانهن کي جهلي ڪيس ڏسندو هو.

"ڪاشف مما کي پيار ڪر." صوفيه لاڏ مان چوندي هئي ۽ طوطو ڪيس ڳلن تي چنهب رکندو هو. ٻه ٽي دفعا چڻ ڪيس خبر هجي ته ماءُ کي پيار ڪيئن ڪبو آهي.

هوءَ طوطي کي ڪاشف سڏيندي هئي. شاديءَ جي شروعاتي ڏينهن ۾ سوچيندي هئي پٽ ڄمندو ته ڪاشف ۽ ڌيءُ کي رابعه سڏيندي. اهي به نالا سالن کان سندس من ۾ سُڏڪندا رهيا آهن. ۾ طوطي جي اچڻ ڪانپوءِ هوءَ ڪافي بدلجي وئي هئي. هن جي اچڻ تي طوطو ۾ ڪنديري خوشيءَ جو اظهار ڪندو هو. هوءَ

هن وڏي آواز سان چيو.

ڪمري کان ٻاهر نڪري منان اهو جملو ٻڌي ٽهڪ ڏنو.

”چڱو ٿيو جو اسان کي اولاد ناهي. سڀ پٽ ان طوطي جيان طوطين پٺيان اڏامي ويندا اٿئي. ويچارا ماءُ پيءُ پڇاڙيءَ ۾ اڪيلا رهجي ويندا آهن.“

”تنهنجي سيني ۾ دل نه، پر پٿر آهي.“ صوفيه خار وچان چيو.

”شڪر آهي تنهنجي دل وانگر ميڻ جي ٺهيل نه آهي جو بار بار رجي هلاڪ ٿيندي رهي.“ منان هميشه جيان چڙ ڏياريندڙ انداز ۾ وراڻيس.

چئي ته جائي ٿو منان. الله سائين تو عورت جي دل ميڻ جهڙي ڇو ناهي! هوءَ سوچي ٿي.

اڱڻ ڏانهن ڏسي ٿي. ٻئي طوطا چُڳي رهيا آهن. طوطڻ تي خار ٿي اچيس. جيئن سس کي ننهن تي ايندي آهي.

جيڪو پٽ هن جي اختيار ۾ هوندو آهي، زال اچڻ کان پوءِ ورهائجي ويندو آهي. دل ٿي چئيس طوطو اچي سندس ٻانهن تي ويهي. چولي جي ٻٽڻن کي چهنب هڻي ٽڪ ٽڪ جي آواز تي خوش ٿئي.

وري هوءَ چئيس ٿي: ”ڪاشي اميءَ کي پيار نه ڪر.“

صوفيه کي پنهنجي اندر هڪ گهري اڄ جو احساس ٿئي ٿو. ڳلن تي ڳوڙها ڪرڻ لڳس. ان کان پوءِ وري طوطو نه آيو. ڪيترا ڏينهن انتظار ڪندي رهي. رات جو ننڊ ۾ ڇرڪ ڀري جاڳي پوندي هئي، کيس محسوس ٿيندو هو. طوطو پنهنجي طوطڻ سان اڱڻ ۾ داڻو چُڳي رهيو آهي. اٿي ڏسندي هئي ته اڱڻ خالي هوندو هو. طرح طرح جا وسوسا تنگ ڪندا رهيس. طوطي کي ٻيهر ڪو شڪاري نه پڪڙي ويو هجي. ڪٿي شرارتي ٻارن غليل هڻي زخمي نه ڪري وڌو هجيس، الائي جيئرو به آهي يا نه. اي پروردگار تون منهنجي ٻچي کي پنهنجيءَ امان ۾ رکجانءِ......

هڪ تاريخ اڏيندڙ ڪتاب




## ڪتاب: ريڊيو حيدرآباد

جنهن ۾ ملڪ جي ناميارين ليکڪن براڊ ڪاسٽرز، راڳيندڙن، ساز وڄائيندڙن ۽ ريڊيو جي سينئر عملي، ريڊيو حيدرآباد جي يادگيرين سان وابسته تاريخ رقم ڪئي آهي:

جلد: 3 - هڪ اردو ۽ ٻه سنڌي

صفحا: لڳ ڀڳ 1500 سؤ

مرتب: نصير مرزا

اسٽيشن ڊائريڪٽر ريڊيو حيدرآباد

سندس زندگيءَ ۾ طوفان اچي ويو. شجاعت جو ٻاهر جي نسيم سان قرب وڌندو ويو ۽ گهر جي نسيم تنهائين جو شڪار ٿي وئي. شجاعت جو ڏيان گهر کان هٽجي ويو. هاڻ اهو پُرسڪون گهر نہ هو. شجاعت دير سان گهر ايندو هو. سندس زال دير سان اچڻ جو سبب پڇندي هئي، تہ ان کي چوندو هو تہ ڪنهن سرڪاري ڊيوٽيءَ جي ڪري هو وقت تي گهر نہ ٿو اچي سگهي.

شجاعت کي ڪير بہ سمجهائڻ وارو نہ هو. هڪ ڀيري ٻيلي جي وڻن جي واڍيءَ دوران، هڪ پٺاڻ ٺيڪيدار تان ٻيلي جي عمارتي ڪاٺ جي ماپن تان اڻبڻت ٿي وئي. ٺيڪيدار هڪ طرف هو تہ سندس ڪاٺ جو مقدار وڌيڪ آهي، ان حساب سان مزدوري ملڻ کپي، ليڪن شجاعت بضد هو تہ ڪاٺ تہ ايترو وڍيو ئي ڪونهي. آخر هن جو حل ٻيلي جي هڪ پراڻي جمعدار ڳولي ڪڍيو. هن زمين تان هڪ چوڏو کنيو ۽ پٺاڻ ٺيڪيدار جي مٺي تي رکي چيائين تہ خان صاحب هن کک جو قسم کڻ تہ ڪاٺ ايترو وڍيو آهي جنهن جي تون دعويٰ ڪرين ٿو؟ اهو ڏسي هن پٺاڻ جي اکين ۾ شعلا ٻرڻ لڳا. غصي ۾ لال ٿي چيائين تہ توهان اهڙو قسم وڌو آهي جنهن کي نہ ٿو ٽوڙي سگهان. هيءُ چوڏو يا کک نہ آهي پر منهنجي گهر جو کک آهي جنهن جي ڇانوَ ۾ منهنجا ٻچا ۽ لڏو آهي. توهان جو فيصلو اکين تي، مان اوهان سان متفق آهيان. منهنجو حساب چڪايو. آءٌ سڀاڻي لڏو کڻي ڪنهن ٻئي ٻيلي ۾ مزدوري ڪرڻ وڃان ٿو.

صرف گهر جي هڪ چوڏي لاءِ ڪنهن جي واتان اهڙي ڳالهہ شجاعت کي لوڏي ڇڏيو. کک ڇا آهي، پرگهر جو مان ڪيترو مٿانهون ڪري ڇڏيو. هن جي اکين مان پنهنجي گهر جا منتشر کک اڏامڻ لڳا، ليڪن دل جي دنيا ۾ ڪو بہ ڦيرو نہ آيو. هو پنهنجي گهر کي جڻ تہ وساري چڪو هو. زندگيءَ جو ڦيٿو ڦرندو ويو. سندس هڪ ڪورس ۾ آمريڪا وڃڻ تي سندس محبوبا نسيم ڪيس فرمائش ڪئي تہ هن کي بہ آمريڪا وٺي وڃي. شجاعت هن جي فرمائش کي مان ڏئي سندس ويزا ۽ ٽڪيٽ وٺڻ لاءِ فارم ڀري رهيو هو تہ سندس زال نسيم کانئس پڇيو تہ آمريڪا لاءِ منهنجو فارم ڀري رهيو آهين؟ شجاعت وراڻيو تہ هن فارم تي سندس نالو نہ آهي پر ڪنهن ٻي نسيم جو آهي. سندس زال تي قيامت ٽٽي وئي. هن درد ڀريل آواز ۾ چيو تہ ڇِيءَ نسيم آمريڪا هلڻ لائق نہ آهي؟ شجاعت چيو تہ منهنجي همسفر هڪ اهڙي نسيم آهي جا منهنجي دل ۾ رهي ٿي. تون منهنجي دماغ ۾ رهين ٿي. وقت جو ڦيرو ڦري ويو. اوچتو شجاعت بيمار ٿي پيو. سندس بيماري معذوريءَ ۾ تبديل ٿي وئي. هو هڪ موذي مرض جو شڪار ٿي ويو. ڊاڪٽرن جي بورڊ فيصلو ڪيو تہ شجاعت جو علاج آمريڪا ۾ ٿيندو، ان دوران سندس محبوبا هن کان دور ٿي وئي. هاڻي اِها نسيم نہ هئي پر هن جي زال نسيم هن سان بيماريءَ ۾ گڏ هئي. آخر شجاعت جو آمريڪا وڃڻ جو پروگرام مڪمل ٿي ويو. سندس گهر واري نسيم کي هن سان پرديس هلڻ جي اجازت ملي. نسيم جي ويزا ۽ ٽڪيٽ تيار ٿي ويا. جڏهن آمريڪا وڃڻ لاءِ جهاز ٽيڪ آف ڪيو تہ نسيم پنهنجي بيمار مڙس ڏانهن ڏٺو، جيڪو خبر ناهي ڪهڙن خيالن ۾ گم هو. هن چوڻ ٿي چاهيو تہ ڪٿي آهي اُها نسيم جنهن کي تون آمريڪا ٿي وٺي وئين!؟ هن جو تنهنجي جسم سان پيار هو پر جڏهن توکي سهاري جي ضرورت پئي تہ وري بہ آءٌ آهيان، جيڪا تولاءِ هڪ ڪَکَ جي سهاري وانگر آهي، پر هوءَ ڪيس ڪجهہ بہ چئي نہ سگهي جو هن کي مڙس جي اکين جي ڪنڊن تي ندامت ڀريل ڳوڙهن جي آلاڻ محسوس ٿيڻ لڳي هئي.

◙

لئي ڏاري ڇڏيو هو. سندس ماءُ، هڪڙي "سرڪاري ڪلموري" جي زال جي حيثيت ۾، ٻار جي نالي رکڻ جي رسمن جا مڪمل بندوبست ڪيا هئا. پاڻ اڃا ويم جي بستري تي ئي پيئي هئي، ته هن جي سڄي پلسي، ٻار جو "گاڊ فادر" (God Father) "اون اوئنو وچ يپرشڪن"، قانون ساز جماعت جو هيڊ ڪلارڪ، ۽ "گاڊ مدر" (God Mother) هڪ پوليس آفيسر جي بيگم، سنئين سيبتي، ڳالهائتي عورت "ارينا سيميو نوونا ٻاٺلو بريوشڪو"، ٻڌا هئا. نصيبن واريءَ ماءُ کي ٽي نالا- ماڪي، سلسي ۽ هاردازت (سڀ مشهور مقامي اوليائن جا نالا)- پيش ڪيا ويا، مگر ڪيس اُهي پسند نہ آيا. مائيءَ کي اطمينان ڏيڻ لاءِ جنتري کولي وئي، ۽ نئين ڄاول ٻار لاءِ ٻيا ٽي نالا- ٽرفلي، دولا ۽ وراهاسي- ڪڍيا ويا، مگر اهي بہ سڪيلڊي پٽ جي لائق ثابت نہ ٿيا. جنتريءَ جو ٻيو صفحو کوليو ويو ۽ پلوسيڪاهي ۽ واهستي نالا نڪتا، مگر مائيءَ کي اهي بہ نہ آئڙيا. آخر مائيءَ فيصلو ڪيو تہ ڇوڪر کي پنهنجي پيءُ مرحوم جي نالي پنيان سڏيو وڃي- پٽس جو نالو اِڪاڪي هو ۽ سندس پٽ بہ اڪاڪي سڏجي. اهڙيءَ طرح حالتن پٽاندر هن تي نالو اڪاڪي اڪاڪِيوچ رکيو ويو. معصوم ٻارُ نالي رکڻ جي رسمن جي دوران ۾ گهڻو ئي ڦٽڪيو، منهن بڇڙو ڪيو ۽ ٻوڪاٽ ڪري رنو، ڄڻڪ پنهنجي قسمت تي روئي رهيو هو تہ انهيءَ نالي سان تہ هو هڪ نقل نويس ڪلارڪ ئي ٿيندو،پر هن جي انهن ٻاراڻن احتجاجن تي ڪنهن بہ پورو ڌيان ڪونہ ڏنو.

ڪنهن کي بہ خبر نہ آهي تہ اڪاڪي اڪاڪِيوچ ڪڏهن نوڪريءَ ۾ گهڙيو، ۽ ڪيس ڪنهن نوڪريءَ ۾ رکيو. بهرحال، هن جي نوڪريءَ جي وقت ۾ ڪيترائي ڊئريڪٽر ۽ بالا آفيسر آيا ۽ ويا، مگر هيءُ ساڳيءَ جاءِ تي ۽ ساڳيءَ حالت ۾، ساڳيءَ ئي ڊيوٽيءَ تي، نقل نويس يعني منشي ئي رهيو: ماڻهو چوندا هئا تہ "هيءُ ماءُ جي پيٽ مان ئي نقل نويس ۽ مٿي تي گنج جي ٽِڪريءَ سان ڄائو آهي". هن کي ڪو بہ عزت جي نظر سان نہ ڏسندو هو. آفيس جا پٽيوالا بہ هن جي اچڻ تي اٿي بيهي استقبال ڪرڻ تہ الڳ رهيو، هن جو خيال بہ نہ ڪندا هئا- ڄڻ ڪا مک دروازي مان لنگهي وئي. بالا آفيسر پڻ

هن سان بيرخي ۽ بيخياليءَ سان پيش ايندا هئا. اسسٽنٽ هيڊ ڪلارڪ تہ وري اهڙو بي مروت هو، جو ڪو بہ ڪاغذ پٽ نقل ڪرڻ لاءِ هٿون هٿ ڏيڻ ۽ ان تي صلاح مصلحت ڪرڻ بدران، ان کي وٺي ڪٺي هن جي منهن ۾ اڇليندو هو، ۽ ائين بہ نہ چوندو هوس تہ "هي نقل ڪر، يا ڪهڙو نہ هيءُ دلچسپ ٽڪر آهي جيڪو هاڻي نقل ڪرڻو اٿيئي!" اهڙيءَ اڏنگيءَ هلت هوندي بہ، هو چپ چاپ ڪاغذ وٺندو هو ۽ پنهنجي ڪم کي لڳي ويندو هو- بغير ڪنهن ڄاڻ جي تہ ڪاغذ ڪنهن اڇليو، ۽ بغير ڪنهن اعتراض جي هن سان اهڙي نامناسب هلت ڇو هلي وئي! آفيس جا سڀ ڪلارڪ پنهنجي لياقت ۽ حوصلي آهر خوب هن تي طعني زني ۽ ٽوڪبازي ڪندا هئا. ۽ هن جي متعلق پنهنجا هٿ جا گهڙيل بهتان ۽ ڳالهيون بنا ڪنهن رک رکاءَ جي ٽوڪي هن جي منهن تي اڇلي پيا هٽندا هئا. ڪو چوندو هو تہ "هن جي سيڻڌي ستر ورهين جي پوڙهي آهي ۽ ڪيس موچڙا هٽندي آهي." ٻيو پڇندو هوس، "تنهنجي شادي ڪڏهن ٿيندي؟" ڪو وري هن مٿان ڪاغذن جون ٽڪريون ڇٽيندو هو ۽ چوندو هو تہ "گلن جي ورڪا ٿو ڪيانس." هنن سڀني هلتن هوندي بہ اڪاڪي اڪاڪِيوچ جي ڪم ۾ ڪو فرق نہ ايندو هو، ۽ هيڏي ساري مسخريءَ هوندي بہ هو ڪنهن کي جواب ئي نہ ڏيندو هو- ڄڻ تہ ڪو آهي ئي ڪونہ. هيڏي ساري گوڙ گهمسان هوندي بہ ڪيس ڪا چڪ نہ پوندي هئي! البت جڏهن ڪيس ڪو ٻانهن کان وٺي ڌونڌاڙيندو هو يا ڪم کان جاٽي ٻجهي روڪيندو هو، تہ رحم جوڳي آواز ۾ چوندو هو تہ "مهرباني ڪري مون سان مستي نہ ڪريو: مون کي هيڪلو ڇڏيو. منهنجي ڪم ۾ رنڊڪ نہ وجهو. منهنجي بيعزتي ڪرڻ مان توهان کي هٿ ڇا ايندو؟" اڪاڪي اڪاڪِيوچ جي هنن لفظن اچارڻ جي لهجي ۾ اهڙي تہ ڪا خاص ڪشش هئي، جو پٿر دل بہ پگهرجي وڃي! هڪڙو نئون ڪلارڪ آفيس ۾ مقرر ڪيو ويو، ۽ هو بہ ٻين ڪلارڪن سان گڏ اڪاڪيءَ کي چيڙائڻ ۽ ستائڻ ۾ حصو وٺڻ لڳو: مگر اڪاڪي اڪاڪِيوچ جي دل وٺندڙ لفظن تہ "مون کي هيڪلو ڇڏيو، منهنجي بيعزتي ڪرڻ مان توهان کي ڇا هٿ

اينلو؟“- هن جي دل ڦيهي پرزا پرزا ڪري ڇڏي. هن کي ايڏي تہ جهجهي آئي، جو اڪاڪي اڪاڪيوچ کي چيڙائڻ بدران هن تي رحم ڪائڻ لڳو، ۽ پنهنجي ساٿين کان، جن کي هو تهذيب وارا ۽ فهميدا ماڻهو سمجهندو هو، هميشہ لاءِ ڪناري ڪشي ۽ نفرت ڪرڻ لڳو. هن تي آفيس جي ٻين ڪلارڪن جي حيوانيت ۽ اڪاڪي اڪاڪيوچ جي بيچارگيءَ جو ايڏو تہ اثر ٿيو، جو ڪيتري زماني کان پوءِ بہ، هر ڪنهن وڏي ۽ خوشيءَ جي موقعي تي، هن مسڪين ڪلارڪ اڪاڪي اڪاڪيوچ جي قياس جوڳي حالت ۽ ان جو گنج وارو ميرانجهڙو مٺو سنلس خيال ۾ تصوير ٿي اچي ائين سامهون بيهندو هو، ڄڻ چوندو هجي: ”منهنجي جند ڇڏيو. منهنجي بيعزتي ڪرڻ مان اوهان کي ڇا هٿ اينلو؟“ پوءِ تہ هي رحم دل ڪلارڪ ڏکي ويندو هو، ۽ عجب کائيندو هو تہ ماڻهو ڪيئن نہ ٻاهرينءَ طرح شريف ۽ تهذيب وارا پيا لڳن، مگر اصل ۾ هو بنهہ انسانيت کان ٻاهر ۽ حيوان خصلت انسان آهن!

اڪاڪي اڪاڪيوچ پنهنجي ڪم ڪرڻ ۾ اٽڪ ۽ اورچ هو. فقط ائين چوڻ تہ ”هو محنتي هو“، ڪافي نہ آهي: حقيقت هيءَ آهي تہ هو پنهنجي ڪم جو عاشق هو. هن جو ڌنڌو يعني نقل نويسي هن جي واسطي هڪ ننڍڙي دنيا هئي، جنهن ۾ خوشي هئي ۽ غم بہ هو. ڪي ڪي خط هن جي خاص پسنديءَ وٽان هوندا هئا، جن کي نقل ڪرڻ وقت هن جي منهن تي خوشيءَ جي لهر ٻوڙي ويندي هئي. هو مشڪندو هو، اک ڀڃندو هو ۽ چپ ڦڙڪائيندو هو. ”منهن دل جي آرسي آهي“ ۽ معلوم ٿيندو هو تہ اهو نقل هن جي دل وٽان آهي. جيڪڏهين ڪم ۽ محنت جي لحاظ کان کو انعام يا اضافو ڏنو وڃي ها، تہ اڪاڪي گهٽ ۾ گهٽ سِول ڪائونسلر هجي ها. مگر هن کي محنت جي عيوض جو ڪجهہ مليو هو، سو هو ڪلارڪن جي طعني زني ۽ ٽوڪبازي. هرويرو ائين بہ نہ آهي تہ هن کي هر ڪنهن بالا عملدار نظرانداز پئي ڪيو. هڪڙي ڊئريڪٽر- جو مڙيوئي ڪو ڀلو مانس هو ۽ اڪاڪي اڪاڪيوچ جي ڏگهي سروس ڏسي هن کي اضافي ڏيڻ لاءِ منتظر هو- هن ڏانهن هڪڙي ڏينهن نقل ڪرڻ کان ٿورو وڏيڪ ڪم موڪليو. هيءُ نئون ڪم اهو هو، تہ هن کي هڪڙيءَ لکپڙهہ مان ٻيءَ ڪنهن آفيس لاءِ رپورٽ تيار ڪرڻي هئي. هن ڪم ۾ ڪا خاص قابليت جي ضرورت ڪانہ هئي، فقط لکپڙهہ جا سرا بدلائڻا هئا، ۽ هاڪار جي جملن کي ناڪاري جملن ۾، ۽ واحد کي جمع ۽ جمع کي واحد ڪرڻو هو: پر هيءُ رواجي ڪم بہ هن کي اهڙو تہ ڏکيو لڳو، جو سڄو پگهرجي ويو ۽ منهن ۽ نرڙ اگهڻ لڳو، ۽ آخر ۾ چيائين تہ ”مون کي ڪجهہ نقل ڪرڻ لاءِ ڏيو!“

ان کان پوءِ هو هميشہ نقل نويس ئي رهيو: ۽ نقل نويسيءَ ۾ ايڏو تہ محوَ ٿي ويو، جو ڄڻڪ دنيا ۾ هن واسطي ٻيو ڪي بہ ڪين هو. هو پنهنجن لٽن ڪپڙن تي خير ڪو توجهہ ڏيندو هو. سندس پوشاڪ ميري مٽيءَ جهڙي هوندي هئي. هن جي ڳچي ايڏي ڊگهي نہ هئي، مگر سندس ڪوٽ جي ننڍي ۽ سوڙهي ڪالر هئڻ ڪري بلڪل ڊگهي ۽ بيڊولي پئي لڳندي هئي. سندس ڪوٽ ۽ پتلون کي ڪک پن ۽ ڌاڳن جا ذرڙا هميشہ چهٽيا پيا هوندا هئا. انهيءَ کان سواءِ، هن کي گهٽين ۾ درين هيٺان لنگهڻ جي ڄڻڪ عادت هئي، ۽ سو بہ انهيءَ وقت، جنهن وقت درين مان ڪن ڪچرو اڇليو ويندو هو. سندس ٽوپيءَ تي گدرن ۽ ڇانهين جي کلن جا ذرڙا ۽ ٻيو گند اڪثر چنبڙيل نظر ايندو هو. اهڙو تہ سادو ۽ اڻڄاڻ هو، جو ڪيس پتو ئي نہ پوندو هو تہ گهٽين ۾ ۽ رستن تي ڇا ٿو وهي واپري! هن جي مقابلي ۾ سندس ٻيا ڪلارڪ دوست ايترا تہ چست ۽ چالاڪ هئا، جو رستي ويندي ڪا رواجي ۾ رواجي ڳالهہ يا حادثو ٿيندو هو، تہ سندن نظرن مان ضرور گذرندو هو. ويندي ايستائين، جو جيڪڏهن ڪنهن جي پتلون جو پٽو ئي هيٺ لڙڪندو هو، تہ اهو ماڻهو هنن جي نظر کان هرگز نہ بچندو هو، ۽ ضرور هنن جي مذاق جو شڪار بڻبو هو. مگر، اڪاڪي اڪاڪيوچ جو دماغي تخيل دنيا جي هر حرڪت کان دور پنهنجي خوشنويسيءَ تائين محدود هو- مطلب تہ هو پنهنجي نقل نويسيءَ جي ڪم ۾ فنا ٿيل هو. جڏهن اوچتو ڪو گهوڙو پنهنجو منهن سندس ڪلهي تي اچي رکندو هو، ۽ ان جي ناسن مان تيز هوا سندس ڳلن کي گرم ڪندي هئي، تڏهن ڇرڪ

نڪري ويندو هوس ۽ هوش ۾ ايندو هو ته هو آفيس ۾ نقل نويسي نه ڪري رهيو آهي، مگر رستي جي وچ ۾ آهي- ۽ پوءِ هن جا خيالي قلعا ڀڄي پوندا هئا.

گهر پهچڻ سان ئي ڪنڌ هيٺ ڪري هو ڪاڏي تي ويهي وڃندو هو. ڪاڏو هن جو وري ڪهڙو! شوري جا ٽڪرا ٽڪرا ڊڪ سرڪي، ٻصرن سان، وڏي گوشت کي پنڻ ويهي رهندو هو. ڪيس ذائقي جي پرواهه ڪانه هوندي هئي. جيڪي ڪجهه آڏو ايندو هوس، مکين ۽ ٻين غلاظتن سميت ڪائي پيٽ ڀري، وڃي مٿي چڙهندو هو. جڏهن سمجهندو هو ته سندس پيٽ ۾ ڪاڏي لاءِ وڌيڪ جڳهه نه آهي، ته اٿي ڪڙو ٿيندو هو، ۽ مس قلم کڻي گهر لاءِ آندل نقل نويسيءَ جي ڪم کي لڳي ويندو هو. جڏهن سرڪاري ڪم نه هوندو هوس، ته ڪا به هڪڙي دلچسپ لکپڙهه کڻي، خالص پنهنجي دل وندرائڻ لاءِ ويهي نقل ڪندو هو. اهڙيءَ لکپڙهه ۾ سندس دلچسپيءَ جو مدار ان جي عبارت جي سونهن ۽ سنائيءَ تي نه هو، مگر هن کي هر انهيءَ لکيت ۾ نقل ڪرڻ جو شوق وڌندو هو، جيڪا ڪنهن نئين ماڻهوءَ يا ڪنهن خاص وڏي ماڻهوءَ ڏانهن لکيل هوندي هئي.

جڏهن پيٽرس برگ جو آسمان ڪڪرن سان ڇانيل هوندو هو، جڏهن هر ڪو ماڻهو موڪل جي موڊ ۾ هوندو هو، جڏهن سڀ ڪلارڪ پنهنجي پسنديءَ موجب ۽ پنهنجي پگهار آهر سٺي ۾ سٺو کائيندا پيئندا هئا، جڏهن ڪلارڪ هر روز جي پورهئي کان فرصت لهي آفيس جي گوڙ گهمسان کان دور ۽ پنهنجن ۽ ٻين ماڻهن جي ڪمن ڪارين کان فارغ ٿي آرام ڪندا هئا، جڏهن ڪلارڪ پنهنجي فراغت جي وقت ڪل خوشيءَ ۾ گذاريندا هئا، ڪي ناٽڪ تي ويندا هئا، ڪي رستن تي رلندا هئا ۽ ڊارين عورتن ڏانهن گهوريندا هئا، ڪي وري پنهنجي ڪنهن واقفڪار حسين ڇوڪريءَ جي وڃي سلامي ڀريندا هئا، ۽ ڪي پنهنجن يارن دوستن وٽ ڪنهن ٽينءَ يا چوٿينءَ ماڙيءَ تي ٻن ادائين ڪوٺين واري ڪنهن فئنسي سلمان سان سينگاريل گهر ۾ ويهي ٻه ٽي هڻندا هئا- جڏهن ڪلارڪ پنهنجن دوستن جي هنن ننڍڙن ۽ سادن گهرن ڏانهن ڇڙو وڇڙ ٿي هڪ ٻئي سان ٽاشا ماشا ڪري آخر پيسڪوٽ راند ۾ مشغول ٿي ويندا هئا. چانهه بسڪوٽ جو چشڪو وٺندا هئا، ڪاٺ جي پائيپ مان خوب سوٽا ۽ دونهين جا ڪڪر ڪڍندا هئا، يا پتن راند ڪيڏيندي ڪيڏيندي ڪنهن جي گلا غيبت جو مزو وٺندا هئا (جنهن جي لطف کان وس پڄندي ڪو به روسي پاڻ کي محروم نه رکندو آهي)، يا گفتگو لاءِ جيڪڏهن ٻيو ڪو موزون بيان نه هوندو هون ته هڪ ٻئي کي ڪمانڊنگ آفيسر جي باري ۾ هميشه وارو ٽوٽڪو ٻڌائيندا هئا، ته "فال ڪونيسٽ" مقبري تي سندس گهوڙي جو پڇ ڪيئن ڪپيو ويو هو: مطلب ته جڏهن هر ڪو پاڻ کي وندرائڻ ۾ محوَ هوندو هو، تڏهن اڪاڪي اڪاڪيوچ اُهوئي پنهنجي نقل نويسيءَ جي ڪم ۾ مشغول ڏسبو هو. هن کي ڪنهن به دعوت يا پارٽيءَ ۾ ڪو نه ڏٺو ويو. گهڻي ڪم ڪرڻ کان پوءِ ماٺ ڪري سمهي رهندو هو، ۽ سمهندي ئي سوچيندو هو ته "نه معلوم سڀاڻي خدا ڪهڙو نقل نويسيءَ جو ڪم موڪليندو؟" ۽ اهو سوچيندي سوچيندي دل ئي دل ۾ خوش ٿيندي ننڊ پئجي ويندو هو. اهڙيءَ طرح هو سانتيڪي زندگي بسر ڪندو هو؛ ۽ خدا جي رضا، پنهنجي قسمت، ۽ چار سو روبل پگهار تي راضي هو. هن جي زندگي ٻڍاپي تائين آرام سان گذري ها، جيڪڏهن دنيا جون مصيبتون، جيڪي هر غريب يا امير جي حياتي ڪڙي ۽ بي مزي ڪنديون آهن، هن جي زندگي زهر ڪري، وقت کان اڳي ڪيس وٺي وڃي موت جي منهن سامهون نه ڪن ها.

پيٽرس برگ جي ٿڌ، تندرستيءَ لاءِ بلڪل موزون، پر غريب ۽ گهٽ پگهار واري جي دشمن ڄڻي ويندي آهي. صبح جي اٺين نوين بجي پاري جي جهڙپ کان شل خدا بچائي. ويچارن آفيس ويندڙ ڪلارڪن جي نڪ جون چوٽيون ٺري برف ٿي وينديون آهن. اهڙي وقت، جڏهن اميرن جو نرڙ به ٿڌ کان سُور ڪندو آهي ۽ پاري جي زوم کان سندن اکين مان ڳوڙها نڪري ايندا آهن. ويچارن ٿوري پگهار وارن غريب ڪلارڪن جو ڪهڙو حال هوندو؟ سندن بچاءُ صرف اهو هوندو آهي، ته ٿلهي ۽ سنهي اوور ڪوٽ ۾ پنجن ڇهن گهٽين مان زور سان ڊوڙي، ٻاهرئين دربان جي ڪوٺيءَ ۾ وڃي هٿ پير چڱيءَ طرح گرم ڪن، جيستائين ڪ سندن

لنگھيو ئي نٿي. اوندھ، سٺي ۽ سڳو سندس غضب ۽ غصي جو شڪار هئا، ۽ ڇپن ئي ڇپن ۾ مٿن ڇوھ ڇنڊي رهيو هو: ”نٿو وڃين منحوس؟ تو منهنجي بيڪ ئي ڪڍي ڇڏي آهي . . . . بدمعاش! جهنگلي!“ اڪاڪي اڪاڪيوچ سوچيو ته پيٽرووچ هن وقت چڱي رخ ۾ نه آهي، ۽ هن کي اهڙي وقت اچڻ کپندو هو، جنهن وقت هو ڪنهن موچاري خيال ۾ هجي ها، يا جڏهن هن مٿان هيءُ ڪاوڙ جو ڀوت سوار نه هجي؛ ڇو ته اهڙين خوش مزاجيءَ جي حالتن ۾ پيٽرووچ هميشه پئسن ۾ گهٽ وڌ ڪري، مڙيوئي گراهڪ کي واپس وڃڻ نه ڏيندو هو؛ پاڻ انهن کي نوڙي سلام ڪندو هو- جيتوڻيڪ بعد ۾ سندس زال رڙيون ڪندي ايندي هئي، ته هن جو مڙس پيتل هو ۽ نشي جي حالت ۾ پئسا ڇپا هڻائين. مگر ان جو علاج به سولو هو. ڏهن ڪاپيڪن جو سِڪو سندس هٿ تي رکڻ سان اُتي جو اُتي خاموش ٿي ويندي هئي. پر هن دفعي اڪاڪي اڪاڪيوچ جا ظاهر هو ته هوش حواس پختا ۽ باخبر هئا؛ پاڻ ڪجھ رکو ۽ چڙيل ٿي ڏٺو، جڻ سودي ڪرڻ لاءِ تيار ئي نه هو. اڪاڪي گهبرائڻ لڳو ته معلوم نه آهي ڪيترا پيسا چوندو؟ ذري گهٽ واپس وڃڻ تي هو، مگر حالتون اهڙيءَ حد تائين پهچي چڪيون هيون، جو ڪيس موٽڻ مناسب نه لڳو؛ چالاڪ ته ترت ئي ڏٺائين ته پيٽرووچ پنهنجي واحد اک ڦاڙي ڏانهس گهڻي غور سان نهاري رهيو هو. اڪاڪي اڪاڪيوچ مجبور ٿي چيو، ”سلام ٿئي، پيٽرووچ!“ پيٽرووچ جواب ۾ چيو، ”سلام ٿئي!“ ۽ ٽيڏيءَ اک سان اڪاڪي اڪاڪيوچ جي هٿن ڏانهن ڏسي رهيو هو، ته ڇا کڻي آيو آهي؟

اڪاڪي اڪاڪيوچ چيو، ”پيٽرووچ! مان توهان ڏانهن آيو آهيان......“ پڙهندڙن کي ياد رکڻ گهرجي ته اڪاڪي اڪاڪيوچ ۾، پنهنجي مطلب تي اچڻ کان اڳ ۾ گهڻين منٿن ڪرڻ ۽ معافين وٺڻ جي عادت هئي. جملي شروع ٿيڻ کان پوءِ، ”سچ پچ!“ يا ”اوهان کي خبر هوندي!“ جهڙا بي معنيٰ لفظ بار بار ڪم آڻيندو هو، جنهنڪري پنهنجيءَ ڳالھ کي پاڻ منجهائي ڇڏيندو هو؛ ۽ ائين ڇچ مِچ ڪندي، ڳالھ جي معنيٰ مطلب جو منهن مٿو ئي بنھ وڃائي ڦٽي ڪندو هو.

پيٽرووچ پڇيو، ”ڪهڙو معاملو آهي؟“ ۽ ساڳئي وقت هو درزيءَ جي عادت موافق پنهنجيءَ هڪڙيءَ ئي تيز اک سان اڪاڪي اڪاڪيوچ جي ساري وردي ڪالر ڪان ٻانهن، پنيءَ ۽ ڪاڄن تائين چڪاسيائين، جن ڪان هي اڳيئي واقف هو- ڇو ته اُهي سندس ئي اٽلايل هئا. اڪاڪي اڪاڪيوچ رکي رکي آخر شروع ڪيو: ”هي منهنجو اوور ڪوٽ . . . . ڪپڙو . . . . ڏس . . . سارو مضبوط آهي! ٿورو ميرو آهي جنهنڪري . . . . جهونو ٿو لڳي. هونئن بلڪل نئون آهي! فقط پنيءَ تي . . . . هڪ هنڌ . . . ٿورو . . . . ۽ ٿورڙو هن ڪلهي تي . . . . . ۽ ڪجھ . . . هن ڪلهي تي . . . . ڳريل آهي. بس . . . . ڏسو ٿا . . . . ڪو زياده ڪم ڪونه آهي.“

پيٽرووچ، ”ڪٽل ٽيڙ“ پنهنجي هٿ ۾ ورتو، ۽ ميز تي وڇائي ساري کي گهڻي وقت تائين تپاسيائين. پنهنجو مٿو لوڏيائين ۽ پر واري ڪٻٽ مان گول ناس جي دٻلي ڪڍيائين، جنهن جي پڙ تي هئي ته ڪنهن جنرل جي مورت اڪريل، مگر پڪ سان چئي نه سگهبو ته ڪنهن جي! اهو انهيءَ ڪري، جو جنهن هنڌ مورت جو منهن هو، تنهن هنڌ پيٽرووچ جي هٿ جي آڱر اچي ويئي هئي، ۽ ان هنڌ ننگ کي چورس ڪاغذ جو ٽڪر به چنبڙايل هو. پيٽرووچ ناس جي چپٽي ڪنئي، ۽ ”ڪٽل ٽيڙ“ کي هٿن ۾ جهلي روشنيءَ ۾ چڪاسيائين ۽ ٻيهر ڪنڌ لوڏيائين؛ ابتو ڪري وري جاچيائينس ۽ ٽيهر مٿو لوڏيائين. دٻليءَ جو پڙ وري کوليائين ۽ ناس جي چپٽي سٽڪيائين، دٻلي بند ڪري ڪٻٽ ۾ رکيائين، ۽ چيائين، ”نه . . . . ڪپڙو بنھ ٻُھ ٿي ويو آهي. هي اوور ڪوٽ منهنجي اٽلائڻ ڪان زور آهي!“ اڪاڪي اڪاڪيوچ اهي لفظ ٻڌي ذريعي ذري گهٽ هنياءُ ٻڌي ويو. هن ٻار وانگر ليلائيندي چيو، ”ڇو نه ٿي سگهندو؟ ٿورو پنيءَ ۽ ڪلهن وٽان ته ڳريل آهي. توهان وٽ ننڍڙا ڪپڙي جا ٽڪر ته هوندائي.“

”ها، ها! ڪپڙي جا ٽڪر ملي ويندا، مگر تنهنجي اوور ڪوٽ کي ڳنڍ ٽوپو نه ٿي سگهندو. ڪپڙو سڙيل آهي. جيڪڏهن سُئي لاءِ سئي هلائبي، ته رهندو ڦلڙي پوندو.“

ويندو هو. ڇهين ڇهين مهيني هو پيتيءَ کي کولي، ٽامي جي سڪن کي بئنڪ کي چانديءَ جي سڪن ۾ تبديل ڪندو هو. اهڙيءَ طرح بچت ڪندي هن کي ڇگو وقت ٿي ويو هو، ۽ ٻن ٽن سالن جي عرصي ۾ هن وٽ چاليهه ربل ته گڏ ٿي ويا هئا. مگر باقي چاليهه ربل ڪٿان اچن؟ اڪاڪي اڪاڪِيوچ في الحال ته گهريءَ سوچ ۾ پئجي ويو، ۽ نيٺ فيصلو ڪيائين ته گهٽ ۾ گهٽ هڪ سال لاءِ روزاني خرچ پکي ۾ تخفيف آندي وڃي- شام جو موم بتي نه ٻارجي، ۽ جيڪڏهن ڪم ڪار ڪرڻو هجي، ته جاءِ جي مالڪياڻيءَ جي بتيءَ تي ڪيو وڃي؛ گهٽين مان ويندي خبرداريءَ سان ۽ بلڪل آهستي آهستي نرميءَ سان پبن تي، پٿر ۽ سرن جي رستن مان گهمڻ گهرجي، جيئن جوتو جلدي ڦاٽي نه پوي ۽ ڪجهه وقت زياده هلي؛ ڪپڙن کي ڌوٻيءَ ڏانهن دير دير سان موڪلڻ گهرجي، ۽ آفيس مان گهر موٽي اچڻ تي انهن کي لاهي، جهونو رواجي سنهو سوٽي چوغو پهريو وڃي، جيئن جلدي ڳري نه وڃن. اڪاڪي اڪاڪِيوچ کي شروع ۾ پاڻ کي هنن نون نيمن ته هيرڻ ۾ ڏاڍي تڪليف ٿي، مگر ڪجهه وقت کان پوءِ انهن سختين تي هري ويو. نه رڳو ايترو بلڪ رات جو فاقن ۽ بکن ڪيڻ جو به عادي ٿي ويو. انهن تڪليفن جي مقابلي ۾ نئين اوور ڪوٽ جا خيال هن کي روحاني طراوت ۽ طاقت پهچائيندا رهيا، ڄڻ ته هن جي اڻپوريءَ زندگيءَ جي پورائي ٿي چڪي هئي، ڄڻڪ هن جي ڪا شادي ٿي هئي ۽ هاڻي هو اڪيلو نه هو بلڪ هڪ کان به ڄڻا ٿي پيا هئا، ڄڻ ته هن جي ڪنهن دل گهرئي دوست زندگي ۾ هن سان هٿ هٿ ۾ ڏيئي دوش بدوش هلڻ جو قسم ڪنيو هو. هن جو اهو دل گهريو دوست ۽ ساٿي ڪير هو؟ اهو سندس نئون اوور ڪوٽ هو. اوور ڪوٽ جي خيالن ۾ اڪاڪي اڪاڪِيوچ کي وڌيڪ مردانو، بردبار ۽ ارادي جو پڪو بنايو- ڄڻ ته ڪنهن وڏي مقصد تي قلبو پلٽڻو هوس. ارادي جي ڪچائي، گهٻراهٽ ۽ ٻيون سڀ اجايون خراب عادتون هن جي طبيعت مان غائب ٿي ويون. ڪڏهن ڪڏهن هن جي اکين ۾ چمڪ ۽ دل ۾ اوچا ۽ بلند خيال ايندا هئا، ۽ سٽون ڪندو هو ته "ڇو نه ڪالر م "مارٽن" وجهايو وڃي؟" اهڙن پهن پچائڻ ۾ هو اهڙو ته غلطان ٿي ويندو هو، جو ڪڏهين ڪڏهين پاڻ کي به وساري وهندو هو. هڪڙي دفعي ڪا لکپڙهه نقل ڪري رهيو هو ۽ اِنهن ويچارن ڪندي اهڙو ته بي خيلو ٿي ويو، جو چڪ پئجي ويس، ۽ رڙ نڪري ويس- "اوه!" پيٽرووچ هر مهني اوورڪوٽ بابت ڳالهائڻ لاءِ گهٽ ۾ گهٽ هڪڙو دفعو ضرور ويندو هو، ۽ سوالن مٿان سوال پڇندو هو: "ڪپڙو ڪهڙي دڪان تان چڪائجي؟ ڪپڙي جو رنگ ڪهڙو هئڻ گهرجي؟ ڪپڙي جا اگهه ڪهڙا آهن؟" وغيره. هونئن ته موٽندي ڳڻتيون پاڻ سان ڪٺي ايندو هو، پر اميد به وڏي چيز آهي- سو دل کي آٿت ۾ رکيو ايندو هو ته نيٺ ڪپڙو وٺبو ۽ نيٺ نئون اوور ڪوٽ ٺهي تيار ٿيندو. هلندي هلندي، حالتن اڪاڪي اڪاڪِيوچ جو ساٿ ڏنو، ۽ تعجب ته ڊئريڪٽر به هن کي سٺ ربلن جو "بونس" ڏياريو، معلوم ناهي ته ڊئريڪٽر کي ڪنڪ هئي ته اڪاڪي اڪاڪِيوچ کي وڏي ڪوٽ جي گهرج آهي، يا اهو ڪو اتفاق هو، جو قسمت هن سان وَڙ ڪيو ۽ سڄا ويهه ربل، چاليهه ربلن جي ڪٿيل خرچ کان وڌيڪ مليس. ٻين ٻن ٽن مهنن جي فاقا ڪشيءَ کان پوءِ اڪاڪيءَ وٽ سڄ پچ اسي ربل جي رقم گڏ ٿي ويئي ۽ هن جي دل خوشيءَ ۾زور سان دڪ دڪ ڪرڻ لڳي. پهرئين ئي ڏينهن هو پيٽرووچ سان گڏجي بازار ويو، ۽ ڪپڙو خريد ڪيائون. انهيءَ ۾ ڪا تعجب جي ڳالهه ئي ڪانه آهي ته اڪاڪي اڪاڪِيوچ جي ڪنجوسائيءَ هوندي ـ ڪپڙي جي خريداري ايڏو جلد ڪئي ويئي، ڇاڪاڻ ته ڪپڙي خريد ڪرڻ جو ڇهن مهينن کان ارادو هون ۽ اڪثر ڪري هر مهني بازار جي اگهن جي پڇا ڳاڇا پيا ڪندا هئا. ڪپڙو واقعي لاثاني هو، ۽ پيٽرووچ پاڻ ظاهر ڪيو ته هن کان زياده سٺو ڪپڙو سڄي بازار ۾ نه ملندو. اُستر واسطي هنن "ڪئليڪو" سٺو سادو سوٽي ڪپڙو خريد ڪيو، جو ڏسڻ ۾ ڏاڍو مضبوط ۽ سهڻو هو، ۽ پيٽرووچ جي زبانيءَ موجب سلڪ کان به بهتر هو. ڪالر لاءِ "مارٽن" هنن نه ورتو، ڇو ته بلڪل مهانگو هو، ۽ ان جي بدلي "فرڪئٽ" خريد ڪيائون جو پري کان ڏسڻ ۾ مارٽن جهڙو ئي هو. پيٽرووچ ٻه دفعا ڪوٽ سبڻ ۾ مشغول رهيو. ڪوٽ جلد تيار ٿي وڃي ها، مگر ان ۾

گهٽائي ڪاج رکيا ويا هئا، جن ڪافي وقت ورتو. پيٽرووچ سلائيءَ جا ٻارهن روبل چيا. هن کان گهٽ ٿي به نہ سگهي ها، ڇاڪاڻ تہ سڄي ڪوٽ کي ريشم جي ڌاڳي سان ٻٽي سلائي ڪئي ويئي هئي. يقين سان چئي نٿو سگهجي تہ اهو ڪهڙو ڏينهن هو- مگر اڪاڪيءَ جي زندگيءَ ۾ هڪڙو وڏو خوشيءَ جو ڏينهن هو، جڏهين پيٽرووچ نئون اوور ڪوٽ تيار ڪري، صبح جي وقت ڪلارڪن جي آفيس جي وقت کان ٿورو اڳ ۾ کڻي آيو. اوور ڪوٽ ايڏو جلدي نہ سبيو وڃي ها، مگر سيءَ ڦهر جا هئا، ۽ اڃا بہ وڌيڪ شديد پارن پوڻ جو امڪان هو. اڄ پيٽرووچ ۾ ڳرائي هئي- ڳرائي بہ ڇو نہ ڪري؛ هيڏو سارو ڪم چند ڏينهن ۾ جو پورو ڪري ورتو هئائين. هو ڪو رواجي درزي تہ ڪونہ هو. اڄ هن ثابت ڪري ڏيکاريو تہ هو ڳنڍ ٽوپي وارن درزين مان نہ هو بلڪ نولن ڪپڙا بہ سبي ٿي سگهيو. هن اوور ڪوٽ رومال مان ڇوڙي ٻاهر ڪڍيو (اهو سندس رومال تازو ڌوٻيءَ وٽان ڌوپي آيو هو)، ۽ رومال کي وري خيال سان تھ ڪري کيسي ۾ آئنده ڪم آڻڻ لاءِ وڌائين. اوور ڪوٽ کي ڪوڙلي، ٻنهي هٿن ۾ جهلي ان ڏانهن فخر سان نهارڻ لڳو، ۽ ڦڙتائيءَ سان اڇلي اڪاڪيءَ جي ڪلهن تي وڌائين، ۽ ڪوٽ کي اڳيان پنيان ڇڪڻ ۽ نهڻ لڳو. اڪاڪي اڪاڪيوچ عمر رسيده ماڻهو هو ۽ ٻانهون بہ پنهنجي ڏسڻ تي ڇاهيائين. پيٽرووچ پوءِ هن کي ٻانهن پائڻ ۾ مدد ڪئي، ڪوٽ اڪاڪي اڪاڪيوچ جي بدن تي بلڪل ٺهڪي آيو. سيڪنهن پيٽرووچ — جي ساراهہ ڪئي، ۽ داد ڏنو تہ ڪوٽ لاجواب آهي! پيٽرووچ بہ موقعو هٿان نہ وڃايو ۽ چوڻ لڳو، ”مون اڪاڪي اڪاڪيوچ کي اوور ڪوٽ بلڪل سستو ۽ رواجي پيسن ۾ سبي ڏنو آهي، ڇاڪاڻ تہ هو پنهنجو دوست ماڻهو آهي، ۽ هن سان گهڻي زماني کان ڄاڻ سڃاڻ آهي. انهيءَ کان سواءِ منهنجو دڪان بہ ننڍڙيءَ ڳليءَ ۾ آهي، ۽ اُن تي ”سائن بورڊ“ بہ ڪونہ لڳايو اٿم، جنهنڪري ماڻهن جي نظرن ۾ منهنجي سلائي ۽ ڪاريگريءَ جي ڪا وقعت ڪانہ آهي- ورنہ نيوسڪي پراسپيڪٽ ۾ اڪاڪي گهٽ ۾ گهٽ پنجهتر روبل رکو سلائيءَ جا پري ها.“ اڪاڪي اڪاڪيوچ پيٽرووچ جي اهڙين ڳالهين کان تنگ اچي ويو هو ۽ هونئن بہ اهڙين وڏين رقمن جا نالا ٻڌي گهٻرائجي ويندو هو. اڪاڪي اڪاڪيوچ هن کي سلائيءَ جا پئسا ادا ڪيا، ۽ ڪوٽ پائي آفيس وڃڻ لاءِ راهي ٿيو. پيٽرووچ بہ هن جي پٺيان ويو ۽ رستي تي ڇڱو وقت بيهي هن پري کان ڪوٽ جي پٺيءَ جي بيهڪ ۽ فٽنگ ڏٺي، ۽ تنهن کان پوءِ ٻيءَ گهٽيءَ مان رستو مٽائي، تڪڙو تڪڙو وري بہ ساڳئي رستي تي آيو ۽ لڪي لڪي ڪوٽ جي سامهين جهول نظر مان ڪڍيائين.

اڪاڪي اڪاڪيوچ جي خوشيءَ جي ڪا انتها نہ رهي. هو گد گد پئي ٿيو ۽ هر منٽ ۾ ڪوٽ کي وري وري پئي ڏٺائين. ڀلا خوش بہ ڇو نہ ٿئي. هڪ تہ ڪوٽ گرم هو، ۽ ٻيو تہ سلائي بہ پنهنجو مٽ پاڻ هئي، آفيس تائين مفاصلي تہ اڄ هن کي ڏِک ئي ڪانہ ڏني. اک ڇنڀ پنيس جڏهن اوچتو ڏٺائين تہ منزل تي پهچي ويو آهي. محافظ جي ڪوٺيءَ ۾ ڪوٽ لاهي، هن جي سنڀال ۾ ڏنائين. ڪنهن نہ ڪنهن طرح سڀني ڪلارڪن کي پتو پئجي ويو تہ اڪاڪي اڪاڪيوچ نئون اوور ڪوٽ سبرايو آهي ۽ پراڻي ڪٽل ٽپڙ کي استعفا ملي آهي. سڀئي ڊوڙي محافظ جي ڪوٺيءَ ۾ ويا، ۽ نئين اوور ڪوٽ جو معائنو ڪيائون. ڇوڌاري واڌاين جو وارو وري ويو. اڪاڪي اڪاڪيوچ ڪڏهن مشڪيو ٿي، تہ ڪڏهن شرمايو ٿي. سڀني مجبور ڪيس تہ هو ڪوٽ پائي ڏيکاري، ۽ نئين اوور ڪوٽ جي خوشيءَ ۾ سڀني کي دعوت ڪارائي. اڪاڪي اڪاڪيوچ اچي ڦاٿو. هن جو دماغ چرخ ٿي ويو. سمجهہ ۾ نٿي آيس تہ هن مصيبت کي منهن ڪيئن ڏجي. آخر تنگ اچي، هنن کي ابتا سبتا بهانا ڏنائين ۽ چيائين تہ ”ڪوٽ نئون نہ آهي، پراڻو آهي!“ مگر آڏو بہ مڃڻو هئا. ايتري ۾ ننڍي هيڊ ڪلارڪ، ڏيکارڻ لاءِ تہ هو ايڏو مغرور نہ هو ۽ ٻين ڪلارڪن سان اٿڻ ويهڻ ۾ عار نٿي ڪيائين، چيو: ”چڱو، اڪاڪي اڪاڪيوچ جي بدران مان توهان سڀني جي اڄ شام جو دعوت جهليان ٿو، قسمت سان اڄ منهنجي سالگرهہ بہ آهي.“ ڪلارڪن ننڍي هيڊ ڪلارڪ کي مبارڪباد ڏني ۽ دل و جان سان سندس دعوت قبول ڪئي. اڪاڪي اڪاڪيوچ دعوت

مانيءَ مهل اڪاڪي اڪاڪِيوچ وري ويو: مگر ڪلارڪ اڪاڪيءَ کي اندر وڃڻ کان منع ڪيو بيٺا هئا، ۽ زور ڀئي آندائون ته هو ڀهرئين ڪين ٻڌائي ته صاحب سان ڪهڙي معاملي متعلق ملڻ ٿي گهريائين. اڪاڪي اڪاڪِيوچ پنهنجي ساري زندگيءَ ۾ هيءُ ڀهريون ئي دفعو همت ۽ خودداري ڏيکاري، ۽ ڪڙڪ آواز ۾ چيو، "مان سپرنٽنڊنٽ صاحب سان ضرور ملندس. مون کي روڪڻ جو اوهان کي ڪو حق نه آهي. مان سرڪاري ڊپارٽمينٽ مان آيو آهيان، ۽ صاحب سان ڪنهن سرڪاري معاملي ۾ ملڻو آهي. جيڪڏهن مون صاحب سان شڪايت ڪئي، ته ڏسجو ته اوهان جي ڪهڙي مٽي پليد ٿو ڪري. مان ضرور ويندس." ڪلارڪ چپ ٿي ويا، ۽ انهن مان هڪڙي وڃي سپرنٽنڊنٽ صاحب کي اطلاع ڏنو. اڪاڪي اڪاڪِيوچ کي گهرايو ويو، جنهن ڦُر جو سارو بيان ڪيو. مگر اوور ڪوٽ هٿ ڪرڻ ۽ چورن جي ڳولا ڪرڻ بدران سپرنٽنڊنٽ اڪاڪي اڪاڪِيوچ کان آڏي پڇا ڪرڻ ۾ لڳي ويو، جڻ ته چور ئي هيءُ هو- "تون گهر ڏانهن ايڏو دير سان ڪٿان پئي آئين؟ ڪنهن وئشيا جي گهر ڏانهن ته نه پئي وئين؟ ڪنهن بريءَ نيت سان ته گهر کان ٻاهر نه نڪتو هئين؟" اڪاڪي اڪاڪِيوچ ويچارو مُنجهي پيو ۽ بغير ڪنهن خاطرخواهه جواب ملڻ جي ته ڪوٽ جي ڪهڙيءَ طرح ڳولا ٿيندي يا نه، واپس موٽيو. پنهنجي حياتيءَ ۾ ڀهريون ئي دفعو سارو ڏينهن آفيس کان غير حاضر رهيو هو. ٻئي ڏينهن آفيس ۾ حاضر ٿيو، مگر سندس منهن لٿل هو، ۽ اڪيون ڏرا ڏيئي ويون هيس. جڻ ته ڪا بيماري ڪلهي اٿيو هو. سندس بلن تي اهو ساڳيو پراڻو ڦاٽل، ڳريل "ڪٽل ٽيڙ" هو. اوور ڪوٽ جي چوريءَ جي خبر سڄيءَ آفيس ۾ واءُ وانگر پکڙجي وئي. ڪن ڪلارڪن ته هيءُ موقعو به هٿان نه وڃايو ۽ اڪاڪي اڪاڪِيوچ تي خوب ٺٺوليون ۽ چٽرون ڪيون، مگر منجهائن گهڻن کي واقعي رحم آيو ۽ پاڻ ۾ صلاح ڪيائون ته هن لاءِ چندو ڪري، ڪيس نئون اوور ڪوٽ خريد ڪري ڏنو وڃي. مگر بلڪل معمولي رقم گڏ ٿي سگهي، ڇو ته اڪثر سيني ڪلارڪن ڊئريڪٽر جي تصوير ٺهرائڻ تي اڳي

ئي چڱو چندو ڏنو هو ۽ سندن بالا آفيسر جي حڪم تي هن جي هڪ دوست تصنيف ڪيل ڪتاب به خريد ڪيو هئائون، ۽ هنن وٽ هن نئين چندي لاءِ ڪيسي ۾ هاڻي گهٽو پيسو ڪونه هو. هڪڙي ڪلارڪ، جنهن کي اڪاڪي اڪاڪِيوچ جي نقصان جو گهڻو احساس هو: تنهن پڪو ارادو ڪيو ته ڪنهن نه ڪنهن نموني اڪاڪيءَ کي مدد ضرور ڪجي، سو هنَ کي مشورو ڏنائين، ته پوليس انسپيڪٽر وٽ ڦر جي رپورٽ ڪٽي وڃڻ فضول آهي، ڇو ته انسپيڪٽر ڪوٽ جي جاچ لاءِ ڪٽي جفاڪشي ۽ دلي ڪوشش به ڪري ۽ اتفاق سان ڪوٽ پوليس کي ملي به وڃي، مگر تيستائين هن کي نه ملندو، جيستائين هو ڪا ثبوتي پيش نه ڪري، ته ڪوٽ برابر سندس جو آهي: تنهنڪري چڱو ائين ٿيندو ته هن باري ۾ ڪنهن "ڀهچ واري ماڻهوءَ" کي درخواست ڪئي وڃي، جو لکپڙهه ڪري اختياريءَ وارن کي زور آڻي ته ڪوٽ ۽ چور هٿ ڪن. اڪاڪي اڪاڪِيوچ پڪو پرن ڪيو ته هو "ڀهچ واري ماڻهوءَ" کي ئي اپيل ڪندو. اهو معلوم نه آهي ته هيءُ "ڀهچ وارو ماڻهو" ڪهڙيءَ ديوٽيءَ تي رکيو ويو هو، ۽ سندس ڪم ڪهڙا هئا: پر ايتري خبر ضرور آهي ته هو "ڀهچ وارو" بلڪل تازو بنيو هو، ۽ هِن کان ٿورو اڳ ڪيس ڪا به ڀهچ ڪانه هئي: ۽ هِن کان وڌيڪ ڀهچ وارا بالا عملدار به هئا، جن جي ڀيٽ ۾ هو بنهه بي ڀهچ هو: ائين هميشه ٿيندو آهي ته هڪڙي جي نظر ۾ اهي ماڻهو ڀهچ وارا هوندا آهن، جيڪي ڪن ٻين جي نگاهه ۾ بنهه بي ڀهچ شمار ٿيندا آهن. بهرحال اڪاڪيءَ جي هن "ڀهچ" واري وڏي ماڻهوءَ کي پنهنجي دٻدٻي وڌائڻ ۽ اختياري بلند ڪرڻ جا سي بيشمار طريقا ياد هئا. مثلاً هن جو حڪم هو ته هو جنهن وقت آفيس ۾ اچي، ته سندس سڀ زيردست هڪ ڏاڪڻ وٽ اچي، سندس سلامي ۽ آجيان ڪن. هن جو اهو به فرمان هو ته هن سان ڪو به سڌو نه ملي ۽ نه سڌي لکپڙهه ڪري، مگر آفيس جي هر ڪاروائي پنهنجي پوري پوري طريقي سان ٿيڻ گهرجي، ۽ سندس هدايتون هيون ته سڀڪنهن ڳالهه جي رپورٽ انچارج ڪلارڪ ننڍي هيڊ ڪلارڪ کي ڪري، پوءِ ننڍو هيڊ ڪلارڪ وڏي هيڊ ڪلارڪ کي،

۽ وڏو هيڊ ڪلارڪ، صاحب بهادر جي ڊپٽيءَ ڪي، ۽ ڊپٽي پوءِ صاحب جي سيڪريٽريءَ جي معرفت سڀ معاملي کان صاحب کي آگاهه ڪري روس ۾ سيڪنهن کي پنهنجي بالا عملدارن سان هر ڳالهه ۾ ريس ڪرڻ ۽ انهن جي نقل ڪرڻ جي عام علات هوندي آهي. هڪڙي دفعي مون کي ٻڌايو ويو تہ هڪڙي زبردست، جنهن کي ڪنهن رواجيءَ ننڍيءَ آفيس جي چارج ۾ رکيو ويو هو، ڇا ڪيو، جو هڪڙي خاص ننڍڙي ڪوٺي الڳ ڪرائي ان ۾ خالص پنهنجي آفيس ڪيائين، ۽ ان تي ”هيڊ آفيس“ جو نالو رکيائين- جيتوڻيڪ ڪوٺي ايڏي تہ سوڙهي هئي جو ان ۾ آفيس جي رواجي ميز بہ مشڪل سان ماپي ٿي سگهي- ۽ دروازي تي ڳاڙهين پڳڙين سان پٽيوالا رکيائين، جيڪي دروازو جهليو بيٺا هوندا هئا، ۽ جيڪو بہ ملاقاتي ايندو هو يا ويندو هو، تنهن لاءِ دروازي کي پيا کوليندا ۽ بند ڪندا هئا. اڪاڪي اڪاڪيوچ جو هيءُ ”پهچ وارو ماڻهو“ شاهاڻي اخلاق ۽ شاندار عادتن جو ڌڻي هو، پر ساڳئي وقت نهايت ساده ذهن شخص هو: چوندو هو تہ سندس آفيس ۾ ايڏي قاعدي جي پابندي ۽ پورن نيمن تي ڪم هلڻ جو واحد راز ”ضابطو- ضابطو- ضابطو“ هو. هو ڳالهائيندي ڳالهائيندي جملي جي پوئين لفظ تي وڌيڪ زور ڏيئي، ٻڌندڙ تي رعب وجهڻ لاءِ، هن ڏانهن غور سان گهوري نهاريندو هو- حالانڪ پنهنجي رعب ۽ دهشت وجهڻ لاءِ سندس پنهنجي آفيس جا ڪلارڪ ئي ڪافي هئا. ڪلارڪ هن کي پري کان ايندو ڏسي ادب ۾ اٿي بيهندا هئا، ۽ تيستائين بيٺا هوندا هئا، جيستائين هو ان ڪمري مان هليو وڃي. پنهنجي زيردستن سان هميشہ رکائيءَ سان پيش ايندو هو، ۽ هنن سان سندس گفتگو اڪثر ٽن جملن تائين محدود هوندي هئي- ”تنهنجي اها همت؟ توکي خبر آهي ڪنهن سان ڳالهائي رهيو آهين؟ توکي معلوم آهي مان ڪير آهيان؟“ انهن ڳالهين هوندي بہ هو دل جو صاف، خوش مزاج ۽ پنهنجن دوستن ۽ ساٿين تي مهربان هو. ”جنرل“ جي عهدي هن جو دماغ خراب ڪري ڇڏيو هو. هو ڇرين جي قطار ۾ هو ۽ اڻ سهندي وڏائيءَ ۽ آڪڙ ۾ ڏيڏر جيان ڦوڪجي ويندو هو. البت پنهنجن هڪ جهڙن سان اچا بہ فضيلت ۽ نهٺائيءَ سان پيش ايندو هو؛ مگر جڏهن پاڻ کان گهٽ عهدي وارن سان ملاقاتي ٿيندو هو، تڏهن سندس ڳالهائڻ ٻولهائڻ بنهہ بند هوندو هو: دور، اڪيلو، خاموش ويٺو هوندو هو. اهڙن موقعن تي سندس حالت رحم جوڳي هوندي هئي. ڪڏهن ڪڏهن اهڙيءَ مجلس ۾ ڪنهن دلچسپ گفتگو ۾ حصو وٺڻ چاهيندو بہ هو، مگر پاڻ کان گهٽ عهدي وارن سان گهائل مائل ٿي وڃڻ پنهنجي شان مان کان گهٽ سمجهي، ڳالهه دل جو دل ۾ گهي، ناهي ڪنگهڪار ڪري، هڪڙي ڪلهي کي جهٽڪو ڏيئي مٿي ڪري ۽ ٻئي کي تورو اٽلڪو پوئتي هٽائي، وري ساڳئي نموني سان منهن رکو ڪري ويهي رهندو هو. انهن حالتن ۾ جيڪڏهن ڪٿي ڳالهائڻو پوندو هو تہ نهايت مخرج سان ڳالهائيندو هو، ۽ مختصر جواب ڏيندو هو ۽ اهڙيءَ طرح هو ”شوخ ۽ خشڪ“ نالي سان مشهور ٿي ويو.

اڪاڪي اڪاڪيوچ پنهنجي دوست جي مشوري تي عمل ڪري آخر ”پهچ واري ماڻهوءَ“ کي اپيل ڪئي. مگر اهو ڪو نياڳو ڏڻ هو. نحوست ۽ بدقسمتيءَ جند نہ ڇڏيس. اتفاق سان ان ڏينهن ”پهچ واري ماڻهوءَ“ وٽ سندس ننڍپڻ جو گهري ۾ گهرو دوست گهڻي عرصي کان پوءِ آيل هو، جنهن سان هو گپ شپ هڻڻ ۾ مشغول هو، ۽ جنهن کي آئي اجان تورو ئي وقت ٿيو هو. اهڙي مصروفيت جي وقت کيس اطلاع مليو تہ ”باشمئچڪن“ نالي عرضدار ملاقات جو خواهان آهي. ڪاوڙ مان پڇيائين، ”ڪير آهي؟“ جواب مليس تہ ”ڪوئي ڪلارڪ آهي.“ ”تورو ترسي نٿو سگهي؟ چئينس تہ هينئر مون کي وقت ڪونهي“- پهچ واري ماڻهوءَ واري آخر ڇڙڪ جواب ڏنو. هتي مان ٻڌائڻ گهران ٿو تہ ”پهچ واري ماڻهوءَ“ نسورو ڪوڙ هنيو. هن کي اڪاڪي اڪاڪيوچ سان ملڻ لاءِ ڪافي وقت هو. هي ۽ سندس دوست حال احوال ڏيئي ويٺا هئا، ۽ جيڪي ڪجهہ ڳالهائڻو هون ڳالهائي چڪا هئا ۽ وڌيڪ ڪو خاص موضوع باقي نہ رهيو هو، جنهن تي گفتگو چالو رکي سگهن. اجايا پٽ شٽ هڻي رهيا هئا ۽ بار بار هٿ هٿ تي هڻي، چيسن جا ٺڪاءَ ڪڍي، چئي رهيا هئا: ”تہ اوئن انبريموچ! اها ڳالهہ ائين آهي؟“ ”بلڪل

ڪي ڪجهه بہ ياد نہ هو. سندس ڄنگهون ٻانهون ۽ ٻيا عضوا نستا ۽ بي طاقت هئا. هن ڪي ان ڪان اڳ ۾ ساري حياتيءَ ۾ ڪنهن بہ جنرل اهڙي رهڻ ڪانہ ڏنلي هئي. ٻاهر برفي طوفان لڳي رهيو هو، ۽ هن جو وات ٿڌ ۾ ڦاٽي ويو هو. ڪرندو ٿڙندو ٿاٻڙندو پئي ويو. تان جو هن کي ٿڌ لڳي ويئي ۽ ڪليون سنجي پيس. گهر پهتو تہ ڳالهائڻ کان ويهجي ويو. وسوٽل منهن ۽ ڳلي سان وڃي بستر تي ڪريو. ڪڏهن ڪڏهن اهڙيءَ سخت چيمپ جو اثر اهڙو اگرو بہ نڪرندو آهي.

ٻئي ڏينهن هن کي سخت تپ ٿي پيو، ۽ پيٽرس برگ جي آبهوا ۽ ٿڌ تہ بيماريءَ کي رهندو وڌايو. ڊاڪٽر آيو. نبض تپاسيائين، مگر بيماري لاعلاج هئي. هن هدايت ڪئي تہ مريض کي فقط ٽاڪور ڪئي وڃي، ۽ سو بہ انهيءَ لاءِ تہ مريض کي علاج کان محروم نہ ڪيو وڃي، ورنہ سندس بچڻ جو آسرو پورو سارو هو. ٻن ڏينهن جي بيماريءَ کان پوءِ ڊاڪٽر ظاهر ڪيو تہ اڪاڪي اڪاڪيوچ کي موت سڏي رهيو آهي ۽ هن جي بچڻ جي اميد ڪابہ ڪانہ آهي. هن جاءِ جي مالڪياڻيءَ کي چيو: ”قصو ختم آهي، ۽ ڪفن آڻڻ جون تياريون ڪر.“

ڪنهن کي بہ خبر نہ آهي تہ اڪاڪيءَ ڊاڪٽر جا اهي منحوس لفظ پنهنجي ڪنين ٻڌا يا نہ؟ جيڪڏهن ٻڌائين، تہ سندس دل ۾ هلچل متي يا نہ؟ هن کي هن رنگين دنيا کي ڇڏڻ تي ۽ پنهنجي زندگيءَ کي الوداع چوڻ تي احساس ٿيو يا نہ؟ ڇو تہ هو سخت بخار ۽ بيهوشيءَ جي حالت ۾ هو. وهم ۽ پوتن جو هن جي دماغ ۾ واسو ٿي چڪو هو. هو وڦلي رهيو هو ۽ پيٽرووچ کي آرڊر ڏنائين: ”پيٽرووچ منهنجو نئون ڪوٽ ٺاهي تيار ڪر. ڪوٽ ۾ ڦنا اهڙا رک، جو جيڪڏهن ڪي ڦورو لٽيرا حملو ڪن تہ انهن ۾ ڦاسي پون.“ ڪڏهين وهم پئي وٺنس تہ چور سندس بستري ۾ لڪا وينا آهن، ۽ وٺي رڙيون ٿي ڪيائين- ”چور . . . چور . . . چور . . . پڪڙيو . . . پڪڙيو . . . پڪڙيو!“ رکي رکي جاءِ جي مالڪياڻيءَ کي سڏ پئي ڪيائين تہ ”چور سوڙ ۾ لڪا وينا آهن. ٽنگ کان وٺي ٻاهر ڪلين.“ ڪڏهن پراڻو ڪوٽ پئي ياد پيس ”ڪٽل

ٽپڙ“ منهنجي سامهون ڇو ٽنگيو اٿئي؟ مون نئون اوور ڪوٽ سبرايو آهي.“ ڪڏهن ڄڻ تہ جنرل جي سامهون بيٺو هو ۽ هن جي ڦٽ لعنت پئي ٻڌائين ۽ جواب ۾ پئي چيائين: ”حضور والا مون کي معافي ڏيو،“ ۽ تنهن کان پوءِ تہ اڃي گار گند ۾ پيو ۽ ناشائستا ۽ بد شد لفظ اچارڻ لڳو. جاءِ جي مالڪياڻي ڪڏهن بہ اهڙا بڇڙا جملا هن جي واتان نہ ٻڌا هئا، اهڙن جملن کان پوءِ ”حضور والا“ جو اصطلاح ضرور پئي ڪم آندائين. ٻچاڙيءَ ۾ اهڙيءَ حد تي وڃي پهتو، جو سندس وڦلڻ مان ڪو مطلب ڪو نہ پئي نڪتو، ۽ جيڪي بہ پڳل ٽٽل اکر پئي ڳالهايائين، سي سندس نئين اوور ڪوٽ جي باري ۾ پئي معلوم ٿيا. نيٺ مهل پڄي ويئي ۽ پکيڙو پڃري مان پرواز ڪري ويو. سندس جاءِ کي ڪو ڪلف لڳائڻ وارو ڪونہ هو. هو بي سر و سامان، بي يار و مددگار ۽ بي وارث وسيلو دارالبقا ڏانهن راهي ٿيو. هن جي ملڪيت وري ڪهڙي هئي! . . . بہ ڏنڊڻ، ٽين تڏي . . . هڪ پنن جو دستو، ٽي جورابن جا جوڙا، ٻہ يا ٽي بيڙا، جيڪي سندس پتلون مان نڪتا هئا، ۽ هن جي زندگيءَ جو ساٿي ڪٽل ٽپڙ جنهن مرڻ تائين سلٺ ڏنس ۽ جنهن مان پڙهندڙ چڱي طرح واقف آهن. اها ملڪيت ڪنهن کي ورثي ۾ آئي- ڇئي نٿو سگهجي؛ اِن جي مون ڳالهہ ٻڌائيندڙن کي بہ خبر ڪانہ آهي، ڇاڪاڻ تہ مون ڪنهن کان اهڙي دريافت ڪرڻ جي تڪليف ڪانہ ڪئي آهي. اڄ پيٽرس برگ اڪاڪي اڪاڪيوچ کان خالي هو. ڄڻ تہ هو ڄائو ئي ڪونہ هو. اڄ هڪ اهڙو انسان هن دنيا کان منهن موڙي هميشہ لاءِ وڃي آرامي ٿيو هو جو بي يار و مددگار هو؛ جنهن جو ڪو عزيز نہ هو، جنهن ۾ ڪنهن دلچسپي ڪانہ ورتي؛ جنهن ڏانهن ڪنهن سائنسدان جو بہ ڌيان نہ ڇڪيو، جيتوڻيڪ هو مک کي سئي جي نوڪ تي رکي خوردبين جي مدد سان اڀياس ڪرڻ ۾ عار ۽ نفرت نہ ڪندو آهي؛ جنهن صبر سان ساريءَ آفيس جا چرچا ۽ طعنا سٺا، جنهن جي هن وقت وڃي قبر ۾ دفن ٿيڻ لاءِ ڪو بنيادي سبب ڪونہ هو؛ جنهن جي ذلت ڀريءَ زندگيءَ ۾ بہ هڪ رنگينيءَ جو ڪرٽو اوور ڪوٽ جي صورت ۾ پيدا ٿيو؛ ۽ ٻچاڙيءَ ۾، جنهن تي قدرت اها مصيبت

ءِ هن سوچيو... عمر آهي اها بي فڪري واري، وڏو ٿيڻ بہ هڪ قسم جو عذاب آهي. ننڍن سان ننڊو ٿي هلجي، نہ تہ زندگي ڏاڍي ڏکي.

”ابو ڪيڪ سٺو آهي نہ؟“ بيبي پڇيس.

”ڪيڪ ڪان وڌيڪ تون مٺي سٺي.“ هن وراڻيو.

”ابو منهنجا بہ ڪيڪ ڪٽيا ويا!“ بيبي ناسمجهيءَ وچان راز. تان پردو ڪنيو. هوئڻ بہ چوريءَ جا پير نہ هوندا آهن. ”پر پهرين ڪئنڊل ڪنهن ٻاري ۽ ڪنهن ڪيڪ ڪٽيو؟“

بيبيءَ ڪي منيون ڏيندي پڇيائين.

”بابا سائين!“

”ڪهڙو بابا سائين؟“

”هلو تہ توهان ڪي ڏيکاريان.“ بيبي ڪيس هٿ مان ورتو. ٻارڙن جي گوڙ ۽ مهمانن جي وچ مان ڪيس ماءُ پيءُ جي بيڊ ۾ وٺي وئي. بيڊ جي ديوارن تي بيبي، بيبي جي ماءُ پيءُ ۽ ناناڻي آڪهہ جا فوٽو فريم ٿيل هئا. بيڊ جي ڪنهن بہ ڪنڊ ۾ پنهنجو ۽ پنهنجي گهرواريءَ جو فوٽو نہ ڏسي ڪيس ڌڪ ٿيو.

”ابو مون ڪي ڪوڙ گفٽس مليون آهن، وڏو بال ۽ باربي گڏي.“ بيبي ڪيس ٻڌايو.

”بيبي سالگرهہ جي ڪئنڊل ڪنهن ٻاري ۽ ڪيڪ ڪنهن ڪٽيو؟“

بيبي الماڙي کولي تاڪ جي اندرين پاسي فوٽو ڏانهن آڱريون ڪنيون.

”تنهنجي ان بابا سائين تہ رڻ ٻاري ڇڏيا آهن!“

هن ڇڻ پنهنجي ليکي ڳالهايو. اکين ۾ اڻ لکي پاڻيا ٿ لهي آيس.

”ابو رڻ! ڇا هوندو آهي؟ ڇا اهو بہ ڪئنڊل وانگر ٻرندو آهي؟“ بيبي معصوميت وچان پڇيس.

”بيبي! زندگيءَ جي رڻ ۾ جڏهن منافقيون ۽ سازشون ٿينديون آهن تڏهن احساسن جي ڪئنڊل زندگيءَ کي پنيٺ ڪريو ڇڏي!“

اکين ۾ پاڻياٺ ڪجهہ وڌيڪ لهي آيس. ديوارن تي فريم ٿيل فوٽو ۽ خود بيبي ڪيس ڌنڌلي نظر تي آئي.

”ابو توهان روُ پيا؟ توهان جي اکين ۾ لڙڪ ڇڻ ٻرندڙ ڳرندڙ ڪئنڊل!“ بيبي ٽشوءَ سان سندس لڙڪ اگهيا ۽ مٿس پتڪڙين ٻانهن جون پنکڙيون ورائي ڇڏيون.

# اسان جي مصوري



سنڌ جي يگاني مصور

## ظفر ڪاظمي

جو تخليق ڪيل اسڪيچ

مهراڻ: جولاءِ - آگسٽ — سيپٽمبر: نمبر 3
سال 1956 ع - جلد 5، تان ڪنيل



ڪرشن چندر
شگفته شاهه

ڪهاڻي

# بدنظر

هاڻي اها ڳالهه سيني دوستن تي کُلي وئي هئي ته مهتا چاهي ٿو ته سندس پيءُ جلد کان جلد مري وڃي!

چندر ڪانت مهتا اسان جو دوست به هو ۽ پاڙيسري به. سنهو سيپڪڙو، ڊگهي قد جو ۽ اڌ عمر جو هڪ دلال، جيڪو مسواڙي گهرن يا اونر شپ فليٽن جي دلالي ڪندو هو ۽ پالي پارڪ ۾ رهندو هو.

پالي پارڪ جي نون بنگلن ۾ جيترا به مسواڙي ايندا هئا، سي سندس ئي معرفت ايندا هئا ۽ جيڪي نوان بنگلا ٺهي رهيا هئا انهن جا مسواڙي به سندس معرفت ايندا هئا. ان ڳالهه جي اسان کي خبر هئي. ڇو جو چندر ڪانت مهتا، سيٺ خوبچند کي چڱي طرح سڃاڻيندو هو ۽ سيٺ خوبچند انهن سمورن بنگلن جو مالڪ هو. انڪري چندر ڪانت مهتا ڏينهن رات خوشامندن ۽ تعريفون ڪري سيٺ خوبچند کي پنهنجي قبضي ۾ ڪري ورتو هو، جيتوڻيڪ سيٺ خوبچند بيحد بد زبان ۽ تِکي طبيعت جو هو. پر جيئن ته توهان ڄاڻو ٿا ته کُهري کان کُهري طبيعت به خوشامند جي مکڻ لڳائڻ سان سڌي ٿي پوندي آهي. جيڪڏهن توهان اها ڳالهه نٿا ڄاڻو ته هڪ ڏينهن ڄاڻي وٺندؤ.

بهرحال چندر ڪانت مهتا کي زماني جي ڇِکين اهو گر چڱيءَ طرح سيکاري ڇڏيو هو. پر هن دنيا ۾ صرف خوشامند ڪافي نه آهي. نون گهرن جي اڏاوت به ضروري آهي. جيڪڏهن نوان گهر نه ٺهندا ته نوان مسواڙي انهن ۾ ڪيئن اچي ويهندا؟ اڄڪلهه گهرن جي قلت جو هيءُ حال آهي جو هڪ ڀيرو جيڪو مسواڙي گهر ۾ اچي رهڻ لڳندو آهي ته پوءِ اتان وڃڻ جو نالو ئي نه وٺندو آهي. ڀلو آهي ته اڳين زماني ۾ مسواڙي تمام شريف ۽ مهذب هوندا هئا. گهر جي مالڪ جي هڪ ئي نوٽيس تي گهر خالي ڪري هليا ويندا هئا. اڄڪلهه جا مسواڙي ڏهه ڀيرا ڪيس ڪرڻ تي به نه نڪرندا آهن. اها به ڪا انسانيت آهي؟ آخر پوءِ چندر ڪانت مهتا ڪيڏانهن وڃي؟ ڪيس گهر جي خرچ لاءِ هر مهيني هڪ هزار رپيا گهرجن، جڏهن ته گهرن جي دلالي ۽ ننڍن وڏن ڪمن مان ڪيس مشڪل سان چار پنج سؤ رپين جي آمدني ٿيندي هئي. باقي پيسا هو ڪٿان آڻي؟ انڪري هو ويچارو سدائين قرضي هوندو هو ڇو ته وٽس هڪ ڳُڏيءَ جهڙي زال ۽ خوبصورت ننڍڙي ڪار آهي. انڪري جڏهن هو وڏي محبت سان "بيبي" چئي سڏ ڪندو هو ته اڪثر اها خبر نه پوندي هئي ته هو پنهنجي زال کي سڏيندو هو يا پنهنجي ڪار کي؟

جڏهن گهر ۾ ٻه خوبصورت شيون جمع ٿي وڃن ته اهڙي ئي ګڙ ٻڙ ٿي ويندي آهي. خاص طور تي جڏهن صاحب کي ٻنهي کي هڪ ئي نالي سان سڏڻ جي عادت هجي ان وقت اسين، جن کي سندس پاڙيسري ٿيڻ جو شرف حاصل آهي، فقط سندس ڳالهه ٻولهه جي انداز مان سمجهندا هئاسين ته ذڪر ڪنهن جو آهي. ”اڄ مون بي ٻيءَ لاءِ هڪ مهانگي ساڙهي خريد ڪئي آهي.“

ظاهر آهي ته هتي ٻيبيءَ جو مطلب آهي سندس زال، نه ته گاڏيءَ کي ڪوئي، ساڙهي پارائيندو آهي ڇا؟ يا وري جڏهن هو اسان کي اهو چوندو آهي ته:

”ڪالهوڪي ڳالهه آهي جڏهن مان پنهنجي ٻيبيءَ کي ڊوئي رهيو هوس ته.......“

اسين سمجهي ويندا هئاسين ته هن وقت ٻيبي معنيٰ گاڏي آهي، زال نه پر ڪڏهن ڪڏهن وڏو مونجهارو ٿي پوندو آهي،

”منهنجي ٻيبيءَ کي ڌڪ لڳو آهي.“

هاڻي سمجهه ۾ نه ايندو آهي ته مسز مهتا جو پير مڙيو آهي يا ڪار جو ايڪسيڊنٽ ٿيو آهي. يا.....

”اڄ ٻيبيءَ رستي ۾ ڏاڍو پريشان ڪيو.“

هاڻي رستي ۾ ته زال به پريشان ڪري ٿي سگهي ۽ گاڏي به، ۽ اسين سوچيندا رهجي ويندا هئاسين ته ڪهڙو مسئلو ٿيو هوندو. زال جي مزاج جو پارو تيز هو يا گاڏيءَ جي بيٽري ڊائون هئي؟ اهڙن موقعن تي به تمام گهڻي سنجيدگيءَ سان مٺو ڊوڙي صرف ’هون، ها‘ ڪرڻ ئي بهتر هوندو هو.

ٻيبي کانسواءِ چندر ڪانت مهتا جو پسنديده موضوع سندس پيءُ جي بيماري آهي. سندس پيءُ چمن مهتا پوڙهو شخص آهي، پٽ وانگر سنهڙو سيپڪڙو بلڪ هن کان به وڌيڪ سڪل. پٽ وانگر هو به قدآور آهي پر سندس آواز شديد بيماريءَ جي باوجود به ڳرو ۽ تيز آهي. پٽس جو آواز مٺو ۽ لچڪ دار آهي. چندر ڪانت جو آواز ٻڌندي ئي خيال ايندو آهي ته اهڙي ماڻهوءَ کي يا ته دلال هئڻ کپي يا وري ماڪيءَ جون مکيون پالڻ جو ڌنڌو ڪرڻ گهرجي. مگر سندس پيءُ چمن مهتا جي کهري آواز مان سندس دولت مند هئڻ ۽ ڪنجوس هئڻ جي خبر پوندي هئي.

ٻئي پيءُ پٽ پالي پارڪ جي هڪ بنگلي ۾ رهندا آهن. چندر ڪانت مهتا ۽ مسز مهتا ڏينهن رات پيرسن جي خدمت ڪندا آهن. پوڙهي جو سڄو بدن سڪي ويو آهي، پيرن تي سوڄ ٿي پئي آهي. اکين جو نور تمام گهٽجي ويو آهي پر پوءِ به ساهه جي اچ وڃ جو سلسلو جاري آهي. ڪنڌ ايڏو سڪي ويو آهي جو ساهه جي اچ وڃ جڻ نظر پئي ايندي آهي، پوءِ به پوڙهو جيئرو آهي ۽ جيئي پيو ۽ بيماري قابلو پيو ڪري. سندس ٻيا به ٻه پٽ آهن پر هاڻي اهي پنهنجي پوڙهي پيءُ جي خدمت نٿا ڪن ڇو ته پوڙهو ته ڏهن سالن کان بيمار آهي ۽ هو ٻئي پهريان چار سال سندس خدمت ڪندي ٿڪجي پيا هئا. هر جذبي جي هڪ مدت هوندي آهي، هڪ عمر هوندي آهي جتي پهچي هو دم ڏيندو آهي. سندس ٻنهي پٽن سان اهو ئي ٿيو ۽ آخر ۾ پيرسن چندر ڪانت مهتا جي خدمت مان خوش ٿي پنهنجي ٻنهي پٽن کي ملڪيت مان بي دخل ڪري ڇڏيو ڇو ته اها ملڪيت وڏن کان مليل نه هئي پر پوڙهي جي پنهنجي ٺاهيل هئي انهن ٻنهي پٽن کي ان ڳالهه جو ڏک هو ۽ ٻئي ڪاوڙ ۽ ڏک مان پنهنجي ڀاءُ چندر ڪانت مهتا کي ڏوهاري سمجهندا هئا ۽ ماڻهن کي اڪثر ايئن چوندا وتندا هئا ته اسان جي ڀاءُ جائيداد جي لالچ ۾ اچي اسان جو ڪنڌ ڪپيو آهي. چندر ڪانت مهتا ماٺ ڪري سندن ڳالهيون ۽ طعنا ٻڌندو هو ۽ پوڙهي پيءُ جي خدمت ڪندي کيس ڇهه سال ٿي ويا هئا. ڪو فرمانبردار پٽ شايد ئي پنهنجي پيءُ جو ايڏو خيال رکندو هجي جيئن هو رکندو هو ۽ پنهنجي ان ڪارنامي کي دوستن جي وچ ۾ وڏي فخر سان بيان ڪندو هو. چندر ڪانت مهتا چڱو خاصو مذهبي ماڻهو هو. کيس وعظ ٻڌڻ ۽ ٻڌائڻ جو به شوق هو. اڪثر مذهبي مجلسن ۾ هو رامائڻ مان مثال ڏئي پنهنجي تقرير ۾ ماءُ پيءُ جي خدمت جي اهميتؐ تي زور ڏيندي پنهنجي پيءُ جي بيماريءَ جو ذڪرَ ضرور ڪندو هو. ماڻهو سندس ان بي ضرر ڪمزوريءَ کي معاف ڪري ڇڏيندا هئا. آخر جيڪو پٽ ايڏن سالن

# سنڌي ادبي بورڊ طرفان ڇپرايل نئون ڪتاب




صفحا: 348
سائيز: ڊيمي
قيمت: 400 روپيا
ڇاپو: پهريون
سال: 2010ع

## ماڻهو مٽيادار

1953ع ۾ سنڌ اسيمبليءَ جون نئين سر چونڊون ٿيون. ان ۾ متحده محاذ طرفان پير صاحب سنڌ اسيمبليءَ تي چونڊجي آيو، ۽ متحده محاذ ۾ اسيمبلي پارٽيءَ جو جنرل سيڪريٽري ٿي رهيو، 9- نومبر 1954ع تي پيرزاده وزارت ڊسمس ٿي، ۽ گورنر جنرل غلام محمد، کهڙي صاحب تان پروڊا جون پابنديون هٽائي، کيس سنڌ جو وزيراعليٰ ڪيو. هن طاقت ۾ ايندي پير صاحب جي فرزند کي جيل ۾ وڌو. پوءِ 11- ڊسمبر 1954ع تي، حيدرآباد ۾ سنڌ اسيمبليءَ جو اجلاس سڏائي، سنڌ کي "ون يونٽ" ۾ شامل ڪرڻ جو ٺهراءُ ميمبرن کان زوريءَ پاس ڪرايو. ان ٺهراءَ جي برخلاف ووٽ ڪندڙن مان پير صاحب هڪ هو.

مضمون: "**پير الاهي بخش" تان ڪنيل ٽڪر**

**(صفحو 75، ليکڪ: جي. ايم. سيد)**

هلندا ٿا وتن. اهي پيارا ماڻهو ته ياد آهن جن ماءُ، پيءُ، دوست، سائي ۽ محبوب جي صورت ۾ زندگيءَ جي ڪيترن پلن کي امر بنائي ڇڏيو، پر اهي به ياد اچيو وڃن جن هميشه راهن ۾ ڪنڊا وڇايا، دشمنيون ڪيون ۽ نفرتون ڏنيون، نقصان رسائڻ ۽ زندگي کي ڇيهو پهچائڻ جون ڪوششون ڪيائون ۽ وس پڄن ته وير وٺڻ ۾ ويرم ئي نه ڪيون. ڇا انهن کي وساري سگهجي ٿو؟ ليڪن ڪنهن ڪنهن لڳي ٿو اهڙين يادن کي لڪائڻ ۽ قلمبند نه ڪرڻ به انسانيت سان دشمنيءَ جي برابر آهي، ڇو جو اهي ماڻهو جن ٻين سان نفرت ڪئي ۽ ٻين جي ڪمائيءَ تي پنهنجا محل اڏيا تن کي وائکو ڪرڻ ضروري آهي ته جيئن ايندڙ نسل چڱي ۽ بري ۾ تميز ڪري سگهي.

••••



قاضي خادم

# يادگيريون

يادون وري به يادون آهن، بند دروازن مان، بارش ۾، اُس ۾، ڏينهن جو رات جو جنهن مهل به چاهين، جلوت ۽ خلوت ۾ پنهنجو رستو ناهيو وٺن، ڪهڙي نه عجيب ڳالهه آهي ته جن لمحن کي انسان وسارڻ چاهيندو آهي، اُهي وڌيڪ ياد ايندا آهن بلڪ خوابن تائين رسائي حاصل ڪريو وٺن. مون خود ڪئين اهڙا واقعا، اهڙيون ڳالهيون ۽ داستان وسارڻ چاهيا هوندا، جن کي ياد ڪرڻ سان دل تي غم جو غبار چڙهي ٿو وڃي. ليڪن اهي منظر ۽ اهي لمحا هر هر، هر موقعي تي خودبخود دل جي ڪنڊن مان نڪريو نروار ٿين ۽ مون کي سوچڻ تي مجبور ڪريو ڇڏين ته ڇا اسين خودمختيار ناهيون، ڇا اسين پنهنجي يادن جا اسير آهيون! حالانڪ ڪي اهڙيون يادون به آهن جن کانسواءِ اسان جو وجود ڪا معنيٰ ڪونه ٿو رکي پر ڇا اسان کي اهو حق ۽ قوت به ناهي ته اسين رُصرف پنهنجون پسنديد ڳالهيون ۽ واقعا ياد رکون ۽ باقي وساري ڇڏيون! پيار سان گڏ نفرت جا، بهادريءَ سان گڏ بزدليءَ جا واقعا به يادون بڻجي گڏوگڏ

ڪو وقت هوجڏهن ماڻهو شهرن ۾ اهڙيون هوٽلون ڳوليندا هئا جن جو کاڌو گهر جي کاڌي جي ذائقي وارو هجي. حيدرآباد ۾ لجپت روڊ جي ڪنڊ تي واڻئي جي هوٽل (جيڪا پوءِ محمد رمضان ميمڻ ورتي، پر سڀني واڻئي جي هوٽل هئي) ۽ تلڪ چاڙهي کان سري گهاٽ ويندڙ گهٽيءَ ۾ به واڻئي جي هوٽل ان ڏس ۾ مشهور هئي، اتي گوشت، مڇي، ڀاڄيون، دال ۽ تازا تازا ڦلڪا گهر جي مانيءَ جي ياد ڏياريندا هئا. ائين ڪراچيءَ ۾ بولٽن مارڪيٽ تي پوءِ وري طارق روڊ تي واڻئي جون هوٽلون مشهور ٿيون، حالانڪ ڪراچيءَ جي سنڌي مسلم هوٽل، جيڪا پڻ بولٽن مارڪيٽ جي ويجهو هئي. نان پاون جي ڪري ڏاڍي مشهور هئي ۽ ائين حيدرآباد ۾ وري سيفي هوٽل قيمي لاءِ ته سلطان نان پاون ۽ ڪراچي هوٽل تڙڪو ڏنل دال لاءِ مشهور هيون ۽ رمونءَ جي جهوپڙا هوٽل جي ڳالهه ئي ٻي هئي، سچي گيهه ۾ بلڪل گهر جي نسخي مطابق ٺهيل گوشت ۽ منديءَ

۽ وڃڻ ڇڏي ڏنو ۽ تترن، آڙين ۽ تلورن جي پويان پئجي ويا. ايتريقدر جو هاليجي ڍنڍ، جتي پکين جي جيوت جي حفاظت لاءِ مرڪز قائم آهي، اتي ۽ ڪامورا پنهنجن قربدارن جون دعوتون انهن ئي پکين سان ڪندا وتن.

••••

هالا پراڻا ۾ اسان جي وڏي اوطاق تي انگريزن جي دور جون ڪجهه نشانيون موجود هيون، جن مان چار پنج ڪپڙي جي تري واريون ڪاٺ جي آرام ڪرسيون ۽ هيون، اهي ويهڻ ۾ ته تمام آرام واريون هونديون هيون، پر انهن تي ويهڻ کان پوءِ اٿڻ ڏاڍو مشڪل هوندو هو. اهي بابا جي ڏاڏي خانبهادر محمد لائق جي وقت جون هيون جيڪو 19 صدي جي پڇاڙيءَ ۾ موري جو مختيارڪار هو، پوءِ نوشهري جو ڊپٽي ڪليڪٽر ٿيو. ان وقت ۾ نوشهري جي ڊپٽي ڪليڪٽر جي آفيس موري ۾ ئي هوندي هئي. هن کان اڳ اتي قادر داد خان ڊپٽي ڪليڪٽر هو. ڏاڏا محمد لائق نهايت اصول پرست ۽ پنهنجي والد قاضي عبدالقوي (جيڪو مشهور فارسي شاعر ۽ نثر نويس هوندو هو. سندس تخلص پهرين 'ملتجي' ۽ پوءِ 'شريف' ٿيو. پاڻ وڏي عمر ماڻيائين. هن جي دور جو هڪ قرآن شريف جو قلمي نسخو فارسي ترجمي سان اسان وٽ موجود آهي، جيڪو لڳي ٿو ته هن جو ئي ترجمو ڪيل آهي، جو هو عربي، فارسيءَ سنڌيءَ جو هڪ ماهر نثر نويس پڻ هو). جي تمام گهڻي عزت ڪندو هو.

ڏاڏا محمد لائق جو هڪ ڀاءُ قاضي محمد ٻچل هالا پراڻا ۾ زمينداري ڪندو هو. ان وقت جيئن ته ڏاڏا ڊپٽي ڪليڪٽر هو، تنهنڪري وڏيڪ سُرنديءَ وارو هوندو هو. چون ٿا ته هڪ دفعي سندس گهر واريءَ چيس ته گهر ۾ نصرواني فرش هڻائي ڏي. هن پڇيس ته ادا ٻچل وٽ فرش لڳل آهي؟

جواب مليس ته: "نه".

"ته پوءِ پهرين هو هڻائن، پوءِ پاڻ هڻائينداسين، نه ته هنن ۾ احساس ڪمتري پيدا ٿي پوندو". هن جي ان جواب تي سنڌس زال چپ ٿي وئي. پر ٻئي دفعي هن سوني ٻانهينءَ جي فرمائش ڪئي جنهن تي ۽ ڏاڏا محمد لائق ساڳيو جواب ڏنس، ان وقت پنهنجو شان ڏيکاري ٻين کي احساس ڪمتريءَ ۾ وجهڻ معيوب سمجهيو ويندو هو.

••••

هالن پراڻن ۾ گهرن ۾ اُتر ڪليل هجڻ جو رواج آهي، جنهن ڪري گهر تمام هوادار ٿيندا آهن. اسان جي وڏي گهر ۾ اُتر ڪليل هوندا هئا. وڏي حصي جي اتر ۾ رڌڻو ۽ هو ته هڪ خالي حصو ۽ هو، جنهن ۾ دادا مشتاق موتئي گلاب ۽ گيندي جا گل پوکيا هئا. اسين ۽ اُتر ۾ راند ڪندا هئاسين، جڏهن ته صفحن جي اڳيان وري وڏا اڱڻ هوندا هئا جن تي رات جو سمهبو هو ته ڏينهن جو اچ وڃ لڳي پئي هوندي هئي. مون کي ياد آهي ته ان ڏينهن جڏهن چاچا محمد عارف جي شهادت جي خبر پئي هئي ته آءٌ اُتر ۾ رڌڻي وٽ ويهي چمنو وڄائي راند ڪري رهيو هوس ۽ منهنجي وڏي پڦي ٻوڙ کي داغ ڏئي رهي هئي. ان ئي وقت چاچا هدايت الله محلي جي نندي در تان چاچا مريد علي کي سڏ ڪيو ۽ اها خبر ڏنائين، جيڪا ٻڌندي ئي چاچا مريد علي گهر اندر ۽ ڪونه وريو اتان سڌو حيدرآباد هليو ويو جتان بابا ۽ چاچا مرزا گل حسن سان گڏ ٽنڊي محمد خان روانا ٿي ويا.

هتي محلي ۾ خبر پوندي ئي روڄ راڙو پئجي ويو، رڏا پڪا ته نهيو پر ڪنهن کي ڪنهن جي خبر نه رهي. منهنجو وڏو چاچو ماستر محمد حيات گهر پهچي اها ڳالهه ٻڌندي ئي روئيندو حيدرآباد روانو ٿيو ۽ محلي جون عورتون همدرديءَ لاءِ اچڻ شروع ٿي ويون ۽ اهڙي طرح سڄي رات روئيندي گذري ۽ ٻيو ته جيڪي ٿيو اهو آءٌ اڳ ۾ لکي آيو آهيان.

ان ئي اتر ۾ هڪ دفعي تورو ڪوٽڻ سان هڪ تلوار ۽ هڪ خنجر نڪتا جيڪي ڪٽجي چڪا هئا. چاچا مريد علي ٻڌايو ته حرن واري مارشل لا ۾ جڏهن انگريزن گهر گهر تلاشي پئي ورتي ته اسان جي ڏاڏي پنهنجا هٿيار اتر ۾ پوري ڇڏيا هئا. هن ٻڌايو ته خنجر ۽ تلوار جي هٿين تي ميناڪاري جو ڪم ٿيل هو ليڪن گهڻو وقت زمين ۾ پوريل رهڻ جي ڪري

دنيا ۾ مون کي جيڪڏهن ڪا ڳالهه گهڻي دلچسپ نظر آئي آهي ته اها آهي انساني فطرت جو اڀياس. هر ماڻهو هڪ ٻئي کان ائين مختلف آهي جيئن هٿ جون ريکائون هڪ ٻئي کان مختلف هونديون آهن. ان هوندي به فنگر پرنٽ ايڪسپرٽ ته مليو وڃن پر انساني فطرت ۽ سڀاءَ جي باري ۾ يقين ۽ حتمي راءِ ڏيڻ وارا ڪم از ڪم مون کي ته گذريل 64 ورهين ۾ ڪونه مليا آهن. چوڻي آهي ته رام ۽ راوڻ جو هڪ ئي وقت انساني سڀاءَ ۾ دخل آهي، پوءِ ڪڏهن هو ڪروڙين ماڻهن جا قتل عام ڪرائي، هيرو بنجي ٿو وڃي ته ڪڏهن غريب ٻار يا حقير جانور جي جان بچائڻ جي باوجود راوڻ ئي رهي ٿو. اهي رنگا رنگ خوبيون دلچسپ به آهن ته سبق آموز به. انهن مان هڪ خاص احساس ڪمتري به آهي، جيڪا ماڻهوءَ ۾ هروڀرو نمائشي طور طريقا پيدا ڪري وجهندي آهي جڻ هو پنهنجي پر ۾ پنهنجا عيب ڍڪڻ چاهيندو هجي. منهنجا به ڪئين دوست مختلف خوبين جا مالڪ آهن. مون کي ياد آهي ته هڪ بين الاقوامي ڪانفرنس جي موقعي تي منهنجو هڪ دوست ڪلر ڪلا چوندو رهيو ته ڪير ٿو ان ڪانفرنس ۾ وڃي، اتي ته رڳو چمچاگيري هلندي آهي، وقت جو زيان ٿيندو آهي وغيره . ليڪن جڏهن ڪانفرنس ۾ ٻه چار ڏينهن وڃي رهيا ته مون کي ليلائڻ واري انداز ۾ چيائين ته "سائين مون کي به دعوت وٺي ڏيو." مان حيران ٿي ويس ڇو جو مون ته هن جي ڳالهه تي يقين ڪري ورتو هو ته هن کي دعوت ملي آهي پر هو هلڻ نه ٿو چاهي. بهرحال اهو به هن جي احساس ڪمتريءَ جو نتيجو هو.

••••

اسان جي ننڍپڻ ۾ به ڊاڪٽر گهڻو ٿورا هئا. حيدرآباد ۾ رزاق شيخ ۽ هالن ۾ عابد ميمڻ. رزاق شيخ مياڻي روڊ تي اسپتال هلائيندو هو پر اڌ حيدرآباد هن کان علاج ڪرائيندي هئي. هٿ ۾ شفا به هئس ۽ همدرد به هوندو هو. گهر گهرائڻ تي به هڪدم هليو ايندو هو. اسان جي پاڙي وارن سان خاص رستو هوس. ماما لڏي ۽ ماما يعقوب جي گهر ايندو رهندو هو ته ماما عالم ۽ فقير محمد انسپيڪٽر جي گهر به اچي پهچندو هو. ڪلمڪ ۽ دلفريب شخصيت جو ماڻهو هو. هن کي ڏسندي ئي بيمار جي اڌ بيماري دور ٿي ويندي هئي.

هن ڏاڍي ترقي ڪئي. مياڻي روڊ جي اسپتال مان هلي اچي صدر ۾ پاڻ ۽ سندس ڀيڻ ڊاڪٽر فهميده ريزيڊنشل اسپتال کولي، جنهن ڏاڍو نالو ڪمايو، حالانڪ هو ڏاڍو مشهور ٿي ويو ليڪن پنهنجن پراڻن مريضن سان هميشه رعايت ڪندو هو امان به اسان سڀني کي هن وٽ وٺي ويندي هئي ته منهنجي گهرواري به ٻار ٻچي کي هن وٽ ئي وٺي ويندي هئي. ڊاڪٽر رزاق به هميشه عزت وارو ورتاءُ ڪندو هو ۽ پنهنجن کان وڌيڪ پنهنجو لڳندو هو.

هوڏانهن ڊاڪٽر عابد وري هالا جي ماڻهن لاءِ نيڪيءَ جو فرشتو هوندو هو. اڌيءَ مانجهي جڏهن به سڏ ڪبو هوس ته هالا نوان کان هالا پراڻا پهچي ويندو هو ۽ ڪيس خبر هوندي هئي ته قاضين جي محلي ۾ هڪ مريض جو چيڪ اپ ڪرڻو آهي پر ڏسڻو سڄي محلي کي پوندو، ڇو جو ڊاڪٽر جي اچڻ جو ٻڌي سڀني کي پنهنجا مرض ياد اچي ويندا هئا.

هن کان اڳ ڊاڪٽر اشرف جو والد ڊاڪٽر عبدالغني هالا پراڻا ايندو هو. خاص ڪري ان لاءِ جو ڏاڏا عبدالقوي جو گهرو دوست هو، ورنه هالا وارا ته اوڏڀ حڪيم جي ڦڪين ۽ مولوي وڏي جي خميرن ۽ ڪشتن تي هريل هئا. پوءِ ته هالا نوان ۾ منهنجي ڦڦي ڊاڪٽر حليمه به ميڊيڪل آفيسر ٿي آئي ۽ ٻيا به ڪيترا آيا جن مان هڪ غلام نبي ميمڻ به هو، جيڪو سچل سائنس ڪاليج ۾ ڊاڪٽر افضل، الهه رکئي، ٻگهئي، رياض مهيسر، معروف خشڪ ۽ ٻين سان گڏ منهنجو شاگرد رهيو هو.

هڪ دفعي هالا ويس ته مون کي بخار ٿي پيو تنهنڪري هالا نوان مان ڊاڪٽر گهرايم. غلام نبي مغل جڏهن محلي ۾ آيو ۽ مون کي ڏٺائين ته حيران ٿيو ۽ خوش به ٿيو. هن اڃا مون کي تپاس ڪيو ئي

پر پراڻن جي هوٽل جي چانهه جي هڪ پيالي، جنهن ۾ دال چينيءَ جي خوشبو شامل هوندي هئي. انسان کي زندگيءَ جي نشي ۾ سرشار ڪرڻ لاءِ ڪافي هوندي هئي.

••••

اسان جي ننڍپڻ ۾ ڪڏهن ڪڏهن ٻڌبو هو ته ڪُڪڙين ۾ بيماري ٿي پئي آهي ۽ اوچتو ئي اوچتو هڪ ئي وقت وڃي ويڃي مريو وڃن. ان وقت هڪدم چوندا هئا ته سير وجهو، سير وجهو ته حلال ڪريون ۽ پوءِ اهي ڪُڪڙيون حلال ڪري کائي ڇڏبيون هيون. ليڪن هاڻ "برڊ فلو" جي نالي اچڻ کان پوءِ اهڙي ڪُڪڙ کي هٿ لائڻ مان ئي ڊپ ٿيو لڳي.

برڊ فلو جي هڪ موسم ۾ اسان کي سنڌ جي چيف منسٽر جي دعوت تي ڪراچيءَ وڃڻو پيو. هن جي دعوت ۾ ڪُڪڙئي ڪُڪڙ هئا. رڌل، پڪل، تريل، مطلب ته هر طرح جا ڪُڪڙ. مون ڪلي چيومانس ته کٽي هي برڊ فلو وارا ڪُڪڙ ته ناهن ته جواب ڏنائين ته، "نه نه، هي بلڪل نيڪ ناڪ آهن" وري پاڻ ئي چيائين، "اسان وٽ ڳوٺن ۾ بيمارين وچان مرندڙ ڪُڪڙيون ته حلال ڪري کائي ڇڏبيون آهن". مون وراڻيومانس ته "ڪُڪڙيون ته ٺهيو، پر مينهون، ڍڳيون به جڏهن ڪنهن بيماريءَ کان مرڻ لڳينديون آهن ته انهن کي به يڪدم حلال ڪيو ويندو آهي" ۽ هاڻ ته وري زڪام جو به هڪ حرام قسم يعني، "سوائن فلو" جنهن کي عربيءَ ۾ "انفلوئنزا الخنزير" چون، پيدا ٿي آهي. جڏهن ته سنڌ ۾ ته ڏيڍريءَ کي زڪام ٿيڻ تي به حيرت جو اظهار ڪبو هو.

••••

1952ع ڌاري بابا جڏهن سجاول جو مختيارڪار هو ته اتي اسان جي ئي حيدرآباد واري پاڙي الهداد چنڊ جي ڳوٺ سان لڳ 3 نمبر تلاءَ تي، رهندڙ محمد علي نظاماڻي ڊپٽي ڪليڪٽر هو. هن جا پٽ اختر وغيره مون سان گهڻو ميل جول رکندا هئا. ليڪن حيرت آهي ته اهي ڏينهن مون کي ڇتا ياد آهن ۽ انهن جو تذڪرو ڪندي ڪيترن کان مون کي انهن ٻنهي ڀائرن جي باري ۾ خبر چار به پئي ليڪن يونيورسٽيءَ ۾ ٻائني ڊپارٽمينٽ جي استاد ظفر نظاماڻيءَ سان عرصي تائين گڏ رهي به ڪيس سڃاڻي نه سگهيس. آخر هڪ دفعي جڏهن اسين ڪنهن ڪاليج جي انسپيڪشن تي وياسين ته ڪنهن موضوع تي ڳالهائيندي خبر پئي ته هوئي اختر جو ڀاءُ هو ۽ پوءِ سڄو تعارف وري محمد عيسيٰ نظاماڻي (ريڊيو پاڪستان جو نيوز ايڊيٽر) جي پٽ ان وقت ڪرايو جڏهن اسين ريڊيو جي هڪ عملدار ۽ دوست سڪندر بلوچ جي وفات تي محمد عثمان منگيءَ سان گڏ جنازي نماز ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ وڃي رهيا هئاسين. هاڻ ته هو به رٽائر ٿي چڪو آهي پر نوڪريءَ ۾ هڪ وقت اهڙو به آيو جڏهن ڪن استادن تي انڪوائري هلي، جنهن ۾ هو به شامل هو. اها انڪوائري به مون کي ڪرڻي پئي هئي!

••••

بشير چنا، شبير چنا جو ننڍو ڀاءُ هو. نهايت دلچسپ ۽ ڪلمڪ شخص هو. حيدرآباد ميونسپالٽيءَ ۾ اسسٽنٽ انجنيئر ٿي آيو ته سڀ کان پهرين پريس ڪلب ۾ اچي مون سان مليو. هڪ ته چنا شبير جي حوالي سان مليو ۽ وري طبعيت به قلندرانه هئس، تنهنڪري دوستي ٿي وئي ۽ ڏينهن رات جو گهڻو وقت گڏ گذرڻ لڳو. هو نالا اهڙي ته خوبصورت انداز ۾ لکندو هو جڻ ته ڪي چٽ چٽيندو هجي. رڌڻ پچائڻ جو هوشيار هو ته وري پتي راند جو به شوقين هو. هڪ دفعي مون کي اسڪوٽر تي ساڻ ڪري تلڪ چاڙهي تان پئي لٿو ته اوچتو تمام تيز طوفان اچي لڳو. ايترو جو دڪانن جا سائن بورڊ ۽ بجليءَ جا ٿنڀا به ڪري پيا هئا. مٽيءَ جي هن طوفان ۾ رستو نظر نه پيو اچي. مون هن کي چيو ته چاڙهيءَ جي هيٺان سينٽ بونا وينچر اسڪول وٽ ٺهيل مسافرن لاءِ ٺهيل ڇاپري ۾ گاڏي روڪ ته جيئن طوفان کان بچون. ان تي هڪدم چيائين، ته "نه، ادا نه، ان جي هيٺان ڪيئن بيهنداسين، اهو ته منهنجو ئي ٺهرايل آهي، پڪ اچي ڦهڪو ڪندو!" ائين پوءِ هڪ گهڙيءَ ۾ بيهي طوفان کي ٽاريوسين.

••••

چيائون: "قاضي محمد لائق ڪنهن سان ناانصافي نہ ٿو ڪري سگهي ۽ نہ ڪا سفارش ٿي ٻڌندو."

••••

سيد غلام مصطفيٰ شاهہ جهڙا منتظم ڪي ٿورا ٿيندا. هڪ زميندار سيد خاندان جي فرد جي حيثيت سان معاشري ۾ جيڪا حيثيت هئس، تنهن کي هن پنهنجي علم، محنت ۽ سخت گير منتظم جي حيثيت سان مڃائي ورتو. تعليم کاتي ۾ ڊائريڪٽر ايجوڪيشن، چيئرمن سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلر جي عهدن تي هن ڪئين ڪارناما انجام ڏنا ۽ ذمہ دارانہ نموني سان وقت گذاريو. شخصيت اهڙي هئس جو هن جي سامهون گهڻو ڪري ڪنهن کي زبان کولڻ جي همت ڪانہ ٿيندي هئي. مون بہ پير حسام الدين راشدي، علامه غلام مصطفيٰ قاسمي ۽ محمد ابراهيم جوئي کان سواءِ ورلي ڪو ماڻهو ساڻن بي تڪلف ٿيندي ڏٺو.

1952ع ۾ جڏهن بابا سجاول جو مختيارڪار هو تہ شاهہ صاحب ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي ڪمن سان وٽس ايندو هو. ان وقت بہ آواز ۾ ڪڙڪو ساڳيو هوندو هوس. انگريزي بہ تمام سٺي ڄاڻيندو هو.

جڏهن هو سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر هو تہ آءٌ شيخ علي محمد کي هن وٽ وٺي ويس ۽ هن بنا ڪنهن انٽرويو وٺڻ جي مون کي ليڪچرار جي نوڪري ڏئي ڇڏي. حالانڪ جديد اديب هئڻ جي نسبت سان ان وقت جي هيڊ آف ڊپارٽمينٽ منهنجي تقرريءَ جي مخالفت ڪئي هئي پر شاهہ صاحب پنهنجي احڪامات جي تڪميل ۾ ڪا بہ ڪوتاهي نہ چاهيندو هو.

هن هڪ دفعي سنڌ يونيورسٽيءَ جي آرٽس فيڪلٽيءَ جي آڊيٽوريم ۾ استادن کي خطاب ڪيو. ان موقعي جي خوبي سندس انگريزي ۾ ڪيل اها تقرير هئي جيڪا ٻڌڻ سان جڻ تہ جسم ۾ بجلي جو ڪرنٽ اچي ويو ۽ ائين لڳو تہ استاد جو پيشو دنيا جي عظيم ترين پيشو آهي.

••••

روما، شبانہ ۽ ايڪسيليشر هوٽل جون خوشبودار رنگين راتيون ياد ڪجن ٿيون تہ لڳي ٿو تہ ڪو خواب ڏسي رهيو هجان. رستن، گهٽين ۽ چوڪن کي مسلمان ڪرڻ کان اڳ زيب النساءِ اسٽريٽ ايلفنسٽن اسٽريٽ هئي تہ ايم. اي جناح روڊ، بندر روڊ ۽ شاهراهہ فيصل ڊرگ روڊ هوندو هو. نالن جو مزاج ئي پنهنجو آهي. هر نالي جي پويان هڪ مخصوص ماحول ۽ پس منظر هوندو آهي، جيڪو نالي تبديل ٿيڻ سان ڌنڌلو ٿي ويندو آهي ۽ آخرڪار پنهنجي شناخت وڃائي ويهندو آهي. ڊينسو هال، فريئر هال، ميري ويدر ٽاور، لڪشمي بلڊنگ، لورس برج، ڪوئنس روڊ، ڪلفٽن، سي ويو، اهي سڀ صرف نالا نہ آهن. اهي، هوٽل ايڪسيليشر ۽ روما، شبانہ ۾ ٿيندڙ زندهہ ناچ ڳاني جيان زندهہ ۽ ساهہ کڻندڙ ماڳ هئا. ميڪلوڊ روڊ ۽ برنس روڊ جي پويان هڪ ثقافت ۽ تهذيب جو پس منظر هو. هاڻ انگريزن جي وسايل ڪراچيءَ جو حليو ئي ٻيو آهي، تاريخي نالا بدلائڻ ۽ انهن کي پنهنجا نالا ڏيڻ کان وڏي تاريخي بدديانتي ڇا ٿيندي.

••••

دلدار مري، ابراهيم چنو ۽ محرم پٽني صحافت ۾ اسٽاف رپورٽر جي حيثيت سان رهيا. انهن ۾ دلدار تہ فيملي پلاننگ آفيسر ٿي ويو، (هاڻي ظهور انصاريءَ جي وفات تي ويس تہ خبر پئي تہ هو هن دنيا ۾ ناهي) ليڪن صحافت ۾ چڱو نالو ڪڍيائين سندس ذڪر اڳ ۾ ڪٿي اچي چڪو آهي. محرم پٽني نوابشاهہ جو هوندو هو ۽ ملهہ ملاکڙن جو شوقين هوندو هو. عبرت ۾ ڪم ڪندو هو، جڏهن نوابشاهہ مان ايندو هو تہ خيرمحمد ڪوکر ۽ ٻين لاءِ سوکڙيون پاکڙيون وٺي ايندو هو. ان وقت اسٽاف رپورٽر کي ڪو معاوضو ڪونہ ملندو هو، تنهن ڪري هو معاوضي جو بندوبست پنهنجي هوشياريءَ سان پاڻ ئي ڪندا هئا يعني سيلف فنانسنگ جي بنيادن تي ڪم ڪندا هئا. البت ابراهيم چنو نهايت مسڪين مزاج ۽ سچ لکندڙ صحافي طور ابريو پر گهڻو هلي نہ سگهيو. ڪافي وقت کان هن جو ڪو ڏس پتو نہ پيو ليڪن ڪيترا اهڙا صحافي بہ نڪتا جيڪي پنهنجي محنت ۽

1967ع تي سائين جي.ايم.سيد کي لکيل هڪ خط مان معلوم ٿئي ٿو. پاڻ ان خط ۾ لکي ٿو: "جڏهانڪر دادوءَ ۾ اچي رهيو آهيان تڏهانڪر موقعي جي تلاش ۾ پئي رهيو آهيان، ته ڪجهه وقت ڪڍي اوهان جي خدمت ۾ حاضر ٿيان پر منهنجي وڪالت ۽ زمينداريءَ جي مصروفيت سببان وقت ئي ڪونه پئي مليم. هينئر فراغت آهي تنهنڪري سوچيم ته اوهان جو پروگرام معلوم ڪري سن اچان."

اهڙي ريت حسين شاهه جي ذاتي طرح سائين جي.ايم.سيد سان ويجهڙائپ ٿي ۽ پوءِ پاڻ 1970ع واري اليڪشن ۾ سيد صاحب پاران جوهي ڪئمپ تي پڻ ڪم ڪيائين. اليڪشن واري دور ۾ سائين جي.ايم.سيد سان ڪيترن سياسي معاملن ۾ مشاورت پڻ ڪندو رهندو هو. سندس اها وابستگي سيد صاحب سان زندگيءَ جي آخري گهڙين تائين رهي پر سائين حسين شاهه زماني جو ماڻهو هو. انڪري زماني واري حساب سان هلندو هو. سائين جي.ايم.سيد جو ذڪر وڏي ادب ۽ احترام سان ڪندو هو پر مون جڏهن ڪيس ماهوار 'جياپي' جي، جي.ايم.سيد نمبر لاءِ مضمون ڏيڻ جي گذارش ڪئي ته باوجود صلاحن ڏيڻ ۽ سهڪار ڪرڻ جي، آسرا ڏيندي آخر تائين مضمون ڪونه ڏنائين. آءٌ جڏهن به ڪيس چوندو هوس، تڏهن هائوڪار ڪندي مخصوص انداز ۾ چوندو. "زور آور سيد لاءِ لکڻ ڪا مذاق آهي ڇا؟ سيد لاءِ لکڻ هاٿيءَ کي هٿ سان جهلي، سُئيءَ جي ناڪڙي مان پار ڪرائڻ برابر آ، اهو ڪم ڪو سولو آهي ڇا؟"

سائين جي. ايم. سيد تي جڏهن جهنڊي وارو ڪيس داخل ٿيو ۽ سيد، پنهنجي پروگرام جي دفاع طور ڪيس وڙهڻ جو فيصلو ڪيو، تڏهن جن مختلف ماڻهن سان پاڻ صلاح ڪيائين، تن ۾ حسين شاهه راشدي به شامل هو. حسين شاهه جون ڪٿي همدرديون ۽ لاڳاپا پ.پ سان هجن به، پر پاڻ اجان ان ۾ شامل ڪونه ٿيو هو. شايد ان ڪري پاڻ سائين جي.ايم.سيد جو ڪيس وڙهندڙ وڪيلن واري پينل ۾ شامل ٿي ويو، ڪجهه عرصو ڪم به ڪيائين. ان عرصي دوران سينيٽر چوندجي ويو، جنهن ڪري سندس مٿان ان حوالي سان به آڱريون کنيو ويون سينيٽر ٿيڻ کان پوءِ جيتوڻيڪ سيد جي ڪيس کي ٽائيم نه ڏيئي سگهيو، انڪري به سندس لاءِ ڪيئي ڳالهيون هُليون پر پوءِ به پاڻ سائين جي.ايم.سيد سان ساڳيو ئي رستو رکيو آيو، پر پيءُ پير علي محمد راشدي جي طريقي وارو!

پاڻ جيتوڻيڪ پ.پ سان وابسته هو، پر پوءِ به سيد سان سندس عقيدت ۽ احترام ۾ ڪا ڪمي نه آئي. نه رڳو ايترو پر پس پرده سندس ڪوشش هوندي هئي ته سيد صاحب واري ڳالهه ٻين تائين پهچڻ واري عمل ۾ سندس به ڪو ڪردار رهي. ان حوالي سان ڪيئي ڀيرا پاڻ مختلف عالمي ادارن جي ميڊيا جي ماڻهن جون سيد سان ڪچهريون پڻ ڪرايائين.

1995ع ۾ جڏهن سائين جي.ايم.سيد جي وفات ٿي، ان وقت به شاهه صاحب سينيٽر هو ۽ ان سان گڏوگڏ سنڌي ادبي بورڊ جو چيئرمن به سائين جي. ايم. سيد جي وفات جي خبر آئي، شاهه صاحب سوڳ ۾ سنڌي ادبي بورڊ کي بند ڪرڻ جو حڪم ڪيو ۽ پاڻ پهرين ڏينهن سن پهتو ۽ تدفين وارين رسمن ۾ شرڪت ڪيائين.



حسين شاهه راشدي، سائين جي ايم سيد جي تدفين واري ڏينهن سن ۾

دنيا داريءَ ۾ هر ڪنهن جون پنهنجون پنهنجون مجبوريون ۽ مصروفيتون ٿين ٿيون، جن کان ڪنڌ ڪڍائڻ ڏکيو ٿيو پوي. ان ڪري ميل جول جي سلسلي ۾ آءٌ اڪثر حسين شاهه جو ميارادار رهندو هوس. پر پاڻ اپريل 2002ع ۾ جڏهن پير حسام الدين راشديءَ جي ڪراچيءَ ۾ ورسي ملهايائين جنهن جي صدارت محترم يوسف هارون ڪئي هئي. اهڙي پروگرام ۾ ڪيترن ماڻهن منٿون ڪري دعوتون ورتيون هيون. آءٌ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ اچي چڪو

نظرانداز نٿو ڪري سگهجي. ڪيس ڪلاسيڪي موسيقيءَ ۾ هڪ تاريخ طور سڃاتو وڃي ٿو. پاڻ 1885ع ۾ سکر ويجهو بکر ۾ پيدا ٿيو. پنهنجي ڳوٺ ۾ شروعاتي تعليم حاصل ڪيائين. سندس چاچي هن جو خيال رکڻ ڇڏي ڏنو ۽ نوناري جو ٻالڪپڻ يتيمن وارو گذريو. ان بعد الهڏنو حيدرآباد آيو جتي هن کي اهڙا دوست مليا جيڪي موسيقيءَ ۾ دلچسپي رکندا هئا. شروعات ۾ استاد عامر خان کان سکيا ورتائين ۽ پوءِ استاد مراد علي خان جي شاگرديءَ هيٺ آيو. هن خيال جي تصديق نٿي ڪري سگهجي ته نوناري ڪڏهن استاد اسحاق خان پٽيالي واري کان سکيا حاصل ڪئي. پر سندس گائڪي جي انداز مان اهوئي ظاهر ٿيندو هو ته هن تي استاد اسحاق جو گهرو اثر هو. جلد ئي هو ڪلاسيڪي موسيقي ۾ پنهنجو هڪ منفرد مقام ناهڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو.

هيءُ اهو زمانو هو جڏهن "خيال" هڪ منفرد انداز ۾ روپ وٺي رهيو هو. پوري نندي ڪند تي اهي جيڪي ڌرپد ڳائي رهيا هئا، پڻ "خيال" کان متاثر هئا. استاد اسحاق علي خان ڌرپد تي قائم رهيا پر سندن پوئلڳ جهڙوڪ استاد عاشق خان "خيال" ڳائڻ لڳو. هيءُ هڪ گهرو اثر هو جيڪو استاد الهڏني خان کي الڳ ڪرڻ ۾ ناڪام رهيو. دل کي موهيندڙ آواز سان هو جڏهن آلاپ شروع ڪندو هو ته روحانيت کي پنهنجي راڳ ۾ اُجاگر ڪري ڇڏيندو هو. هن ڪيترين ئي محفلن ۾ شموليت ڪئي جيڪي انهن ڏينهن ۾ تمام مشهور ٿيون. سنڌ ۾ پنهنجي آخري ڏينهن ۾ هو سکيا وٺي موٽي آيو جتي ڪيس وفات کان پوءِ دفنايو ويو. هن پنهنجي خاص انداز کي جاري رکڻ لاءِ پويان ڪوبه شاگرد نه ڇڏيو.

(ترجمو: ذوالفقار علي)

◊


سنڌي ادبي بورڊ جا نوان ڇپايل ڪتاب










پير علي محمد راشدي

جي بيمثال تخليق

اهي ڏينهن اهي شينهن

ٽن جلدن ۾ پڌري ٿي چڪي آهي

كيڏو نہ پنهنجائپ وارو هو. يونيورسٽيءَ جو اهڙين شخصيتن کان خالي ٿيڻ وارو احساس نهايت تڪليف پهچائيندڙ آهي.

امينہ خميساڻي صاحبہ لاءِ قاضي صاحب جي يادگيرين مان ڪجهہ سٽون پيش ڪجن ٿيون:

"ميڊم امينہ خميساڻيءَ جي وفات نہ صرف سندس خاندان لاءِ پر موجوده وقت ۾ سنڌ جي اعليٰ تعليم يافتہ افراد جو هڪ وڏو نقصان آهي. هوءَ منهنجي استاد هئي ليڪن هن مون کي هميشہ ماءُ وارو پيار ڏنو. آءٌ ساڻس بحث بہ ڪندو هئس تہ حُجت ڪري ڪو ڪم بہ چوندو هئس، پر هُنَ مون کي ڪڏهن بہ دل شڪستو نہ ڪيو. انگريزي شعبي ۾ سندس برابري ڪرڻ وارو ڪوبہ ٻيو استاد نہ هو. ڪلاسيڪل شاعري ۽ ادبي تاريخ تي عبور حاصل هوندو هُئس.

آءٌ جڏهن سنڌي شعبي ۾ ليڪچرر ٿيس تہ سندس ڪم سنڌي شعبي جي هڪ ڪلارڪ ۾ پوندو هو، جيڪو سُٺو ٽائيپسٽ هو (هاڻ هو انگريزيءَ جو پروفيسر آهي ۽ مهراڻ يونيورسٽيءَ کان علاوه ٻاهرين ملڪن ۾ پڙهائي چڪو آهي.) هڪ دفعي ميڊمَ، هن کان ڪو خط ٽائيپ پئي ڪرايو، جيڪو هُنَ نہ ٿي ڪيو. ميڊم مون کي چيو تہ "مسٽر خادم، هي ڏس خط نہ ٿو ٽائيپ ڪري؟" مان حيران ٿي ويس تہ هن کي همٿ ڪيئن ٿي جو ميڊم کي جواب ڏنائين. سو پڇيومانس تہ "تون چو نہ ٿو خط ٽائيپ ڪري ڏين؟" جواب ڏنائين تہ: "سائين ميڊم لکيو آهي. ماءِ ڊيئر رجسٽرار، هاڻ مان اهو ڪيئن ٽائيپ ڪريان. ميڊم تہ منهنجي ماءُ برابر آهي، هو ڪيئن ٿي ڪنهن کي ماءِ ڊيئر لکي سگهي......!"

ان تي مون کي کل بہ ڏاڍي آئي. پر ميڊم کي اصل قصو سمجهايم، ڏاڍو کلي ۽ پوءِ تہ واقعي هن ڪلارڪ کي پٽ سمجهي، انگريزيءَ ۾ ايم.اي ڪرايائينس ۽ هن جي قسمت بدلجي وئي."

زال ۽ محبوبہ جو فرق ظاهر ڪندي قاضي صاحب لکي ٿو تہ:

"زال کي محبوبہ سمجهڻ ۽ محبوبہ کي زال سمجهڻ کان وڏي حماقت ٿي ئي نہ ٿي سگهي. جو جو محبوبہ صرف اوستائين محبوبہ هوندي آهي جيستائين نڪاح ٻڌي زال نہ بنجي وڃي. زال بنجندي ئي هن جون پيار ڀريون نگاهون، جيڪي محبوب جي دل جي گهرائين تائين پهچنديون آهن، جهڪيون ٿي وينديون آهن ۽ دل واري پاسي بجاءِ دل تائين پُهچڻ جي ڪيسي ۾ ئي اٽڪي پونديون آهن. هن جي سوچ جو انداز بہ بدلجي ويندو آهي، البتہ هڪ شيءِ ساڳي هوندي آهي، سا آهي شڪ. هڪ محبوب کي هميشہ اهو شڪ هوندو آهي تہ هن جي محبوب جي اک ڪنهن ٻئي هنڌ اَڙيل آهي، چو جو ڪيس خبر هوندي آهي تہ همراهہ عشق ڪرڻ جي فن ۾ ماهر آهي."

مُحبت جي ذڪر ڪندي قاضي صاحب، ڪجهہ واقعن کي پاڻمرادو سينسر ڪرڻ جي باوجود سينسر نہ ڪري سگهيو آهي. قاضي صاحب اهڙين ڪجهہ يادگيرين جو ذڪر ڪجهہ ان طرح ڪيو آهي تہ "ڪيترين ڳالهيون اهڙيون آهن جيڪي ڪوشش جي باوجود ياد نہ ٿيون اچن، جڏهن تہ ڪيترا واقعا اهڙا آهن جيڪي وسارڻ جي ڪوشش ڪندي بہ نہ ٿا وسرن. جيئن 1993ع جي جُون جو مهينو، ڪوهہ مريءَ جي پُرفضا مال روڊ تي ريڊي ميڊ ڪپڙن جي دڪان تي هوءَ قلفي کائي رهي آهي. آءٌ هن جي ويجهو وڃان ٿو، هوءَ قلفي مون ڏانهن وڌائي ٿي. آءٌ قلفيءَ تي چپ رکي، هن کي واپس ڪريان ٿو، هوءَ ان ٽُڪري تي زبان ڦيرائيندي ٿي رهي."

هڪ ٻيو منظر- "بالاڪوٽ جي يوٿ هاسٽل ٻاهران گهرائيءَ ۾ وهندڙ ڪنهارنديءَ جي گجيون ڇڏيندڙ پاڻيءَ جو گوڙ رات جي اونداهيءَ ۾ ڪڙڪيٽن جا چمڪاٽ، هاسٽل جي پٿرائين ڏاڪڻ تي هوءَ منهنجي ڪلهي تي ڳل رکيو جهونگاري پئي. جهونگار جي منڙي لاتہ من ۾ ڪتڪايون پئي ڪري، هن ڏانهن منهن ٿو ڪريان تہ چپ هن جي پيشانيءَ تي ٿا وڃي لڳن. هوءَ ڪنڌ مٿي ڪري ڏسڻ ٿي چاهي تہ چپ چپن سان اچيو لڳن ۽ سڄي وجود کي هڪ وڻندڙ منڙي ٻاهہ وڪوڙيو وڃي ۽ هو چرڪي مرڪيو پوي."

"دل جي دفتر مان" جو پاڱو ٻيو "ساروڻيون"، ٽائيٽل جي حوالي سان پهرئين پاڱي کان وڌيڪ جاذب آهي. پهرئين پاڱي جا صفحا 476، ٻئي پاڱي جا 328، پر پهرئين جو پنو ۽ ڇپائي، ٻئي کان وڌيڪ بهتر آهي.

"ساروڻيون" جي نالي سان ٻئي پاڱي ۾ قاضي صاحب جي خاندان ۽ هالا پُراڻا جو ذڪر ڪجهه وڌيڪ آهي. قاضي خادم صاحب جي لفظن ۾ ته "دل جي دفتر مان" مون کي پنهنجي ڳوٺ هالا پراڻا ۽ اُتي جي قاضي ۾ مڃتا ڏياري، جيڪا منهنجي قلمي ۽ فڪري پورهئي جو سڀ کان وڏو اعزاز آهي. آءٌ چئي سگهان ٿو ته منهنجا گهرواړا به هن ڪتاب کان پوءِ مون کي سڃاڻي سگهيا آهن."

قاضي صاحب، فلمن جو ڏاڍو شوقين رهيو آهي. ساروڻين جي ٻنهي پاڱن ۾ ڏيهي توڙي پرڏيهي، سنڌي توڙي اردو يا وري انگريزي فلمن ۽ انهن جي ايڪٽرن جو ذڪر به پلي پت موجود آهي.

قاضي صاحب کي جنهن وقت جيڪا يادگيري ذهن تي تري آئي آهي، قاضي صاحب تنهن کي اتي جيئن جو تيئن قلمبند ڪيو آهي ۽ اها بي ترتيبي ئي ان جي سُونهن آهي ۽ پڙهندڙ جو تجسس ۽ دلچسپي برقرار رهي ٿي.

"ساروڻيون" جي هڪ خاص ڳالهه، ان ۾ موجود ناياب تصويرون آهن، جن ۾ ڪيترين ئي اهم شخصيتون قيد آهن، جيڪي ڪتاب جي سونهن ۽ اهميت ۾ واڌارو ڪن ٿيون. پڙهندڙن لاءِ هيءَ ڳالهه به رڪارڊ تي ٿي رهي ته انهن تصويرن مان ڪُجهه هن جي ڪئميرا مان نڪتل آهن ۽ قاضي صاحب انهن کي به ڪتاب ۾ جاءِ ڏني آهي.

پڙهندڙ، قاضي خادم جي ساروڻين بابت نامور اديب مراد علي مرزا جي ان راءِ سان ضرور مُتفق ٿيندا ته "قاضي خادم جون ساروڻيون حقيقت ۾ سنڌ جي ماضي جي تهذيبي ۽ ثقافتي تاريخ جي حيثيت رکن ٿيون، جن ۾ حقيقتون به آهن ته ادبي چاشني به. هن پنهنجي يادگيرين کي جنهن ريت محفوظ رکيو آهي ۽ هاڻ ورقن تي انهن جا نقش چٽي رهيو آهي، تن ۾ سنڌي تهذيب ۽ ثقافت جا عڪس ملن ٿا ۽ انهن کي پڙهندي ماضيءَ جا ڪيترائي واقعا ذهن تي اڀري اچن.

سنڌ جا شهر، ڳوٺ، رهڻي ڪهڻيءَ جا انداز، وڏي ڳالهه ته انسان جي رشتن جو ذڪر جنهن ريت هنن ساروڻين ۾ ملي ٿو. اهو سنڌي ادب ۾ هڪ نئون ۽ ناياب مثال آهي."

"دل جي دفتر مان" جا پيش لفظ سنڌ جي هڪ مهان نالي سنڌ يونيورسٽيءَ جو وڏو عرصي تائين وائيس چانسيلر رهندڙ، محترم مظهرالحق صديقيءَ جا لکيل آهن، جن مان هن ڪتاب لاءِ هن جي محبت ۽ احترام ظاهر ٿئي ٿو ۽ ڪتاب جو بيڪ پيج ٽائيٽل پروفيسر ياسين احمد جو لکيل آهي، جيڪو سنڌ جو هڪ نهايت قابل ۽ پراڻو استاد آهي.

جڏهن ته ساروڻين جو بيڪ پيج ٽائيٽل منظور قريشيءَ جو لکيل آهي، جيڪو پاڻ به انگريزيءَ جو هڪ بهترين ليکڪ آهي ۽ قاضي خادم جي ڀاءُ جي حيثيت سان هنن ڪتابن جي حرف حرف جو شاهد پڻ.

سنڌ جي سماجي تاريخ جيئن هنن ڪتابن ۾ شامل آهي، جن جا شاهد محمد ابراهيم جويو، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، پير مظهرالحق، جام ساقي، رسول بخش پليجو، اعجاز قريشي، عنايت بلوچ، مراد علي مرزا، حميد سنڌي، آغا سليم، الطاف شيخ، شيخ عزيز، غلام نبي مغل، مسعود قريشي، عبدالقيوم صائب، جمال رند ۽ ڪيئن ٻيا، جيڪي سنڌ جي سماج ۾ وڏي بنيادي حيثيت رکندڙ آهن، موجود آهن ۽ انهن جي وڌيڪ صداقت جون شاهد اهي تصويرون جيڪي ڪتاب ۾ شامل آهن جن کي ڏسي نهايت اعتماد سان چئي سگهجي ٿو ته هيءُ ڪتاب نهايت ڀروسي جوڳو ۽ سانڍڻ جي قابل آهي.

◙



ڊاڪٽر عبدالرسول قادري



ڊاڪٽر بشير احمد شاد



ڊاڪٽر محمد ابراهيم سنڌي



شاهه سائينءَ ڇند ودِيا

سرمد چانڊيو

# تحقيق

"جمعيت. يعني مختلف جُزن جو گڏجي ڪنهن نئين شئي ٺاهڻ جو اصول. اهو اصول ڪائنات جي تمام عناصر سان هڪجهڙو لاڳو آهي. جمادات. نباتات ۽ حيوانات سان گڏ انسان ذات سان به اهو شرط لاڳو آهي ته جيسين انهن مان هر هڪ پنهنجي پنهنجي جدا جدا جُزن کي گڏي. اتفاق ڪري. پاڻ کي وڌيڪ پسنديده شئي يا زياده مضبوط نظام نه پيدا ڪيو آهي. تيسين انهن جو صفحئه هستيءَ تان مٽجي وڃڻ بلڪل لازمي امر آهي."

- علامه آءِ. آءِ. قاضي



نديءَ ۽ حب نديءَ جي وچ واري علائقي ۾ اچي آباد ٿيا. انهن مان هڪ خاندان ڳوٺ ڪس (لڳ آدم ڪنڊ تعلقو مياڻي) ۾ وڃي آباد ٿيو، جنهن جو وڏو سرمان خان هو. ڪيس ۾ پٽ ٿيا: هڪ آدم خان ٻيو نڪر خان.

آدم خان عبادتگذار پرهيزگار هو ۽ گهڻو وقت سنڌ جي علائقن ۾ رهيو. مير پور ساڪري ۾ ٻه آثار يا تڪيا ان جي نالي سان مشهور آهن. هڪ ”آدم جو ڪُن“ ۽ ٻيو ان جي اوله پاسي ۾ ”آدم پير جو چلو“ جتي پاڻ چلي ۾ ويٺو هو. هينئر پاڻ جتي دفن ٿيل آهي، آخر ۾ اتي اچي اڪيلائيءَ جي ڪنڊ ۾ ويٺو هو ۽ پنهنجي رياضت، عبادت،

تحقيق

## ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

سنڌيڪار: عبدالرسول قادري

# شيخ نظام الدين اولياءَ جي سنڌ ۾ آمد

1950ع- 1960ع واري ڏهاڪي ۾ ميرپور ساڪري ضلعي ٺٽي سنڌ جي نيڪ مرد حاجي محمد سوڍي ڪلمتيءَ کان معلوم ٿيو، ته سندس وڏو ڏاڏو نڪر خان پٽ سرمان خان جو ڀاءُ آدم وڏو پير ۽ ولي هو. ۽ هو پاڻ (سوڍو ڪلمتي) ان جو ستاويهون خليفو آهي. ماضيءَ جي تاريخ ۾ جيڪي بلوچ قبيلا هڪ ڊگهي عرصي تائين مڪران جي ڏاکڻين علائقي ڪلمت ۾ رهيا، اهي انهيءَ نسبت جي ڪري ڪلمتي يا ڪلماتي مشهور ٿيا.

ڇهين صدي هجريءَ ۾ ڪلمت مان ڪي لڏي پلاڻي لسٻيلي ۽ سنڌ سان دنگائي هنگول

سخاوت ۽ خدمت جي ڪري ماڻهن ۾ ڏاڍو مشهور ۽ مقبول ٿيو ۽ پير سڏجڻ لڳو ۽ ”پير آدم سرماني“ جي نالي چوڏس روشن ٿيو. وفات کان پوءِ ان جو ڀاءُ نڪر خان سندس خليفو ۽ جانشين ٿيو. ان جي اولاد مان عيسب (چوٿون) ايڪيهون خليفو ٿيو، جيڪو 6 جمادي الاول 1203 هجري (1789ع) تي جنگ ۾ شهيد ٿيو. ٻاويهون خليفو ان جو پٽ نڪر خان، ٽيويهون خليفو ان جو پٽ عيسب، چوويهون ان جو پٽ احمد، پنجويهون خليفو محمد صديق، ڇويهون خليفو حاجي سرمان ۽ ستاويهون خليفو حاجي محمد سوڍو.

هن نسب نامي ۽ ٻين ڳالهين مان اندازو ٿيو، ته آدم پير ستين اٺين صدي هجري (ٻارهين

تيرهين صدي عيسوي) جو بزرگ هو. سندس مزار ۾ مقام آدم پير نالي سان مشهور، ڪراچيءَ کان اٽل شاهراهه تي، ڪارڙي ناڪي سان لڳ، تقريباً پنجن فرلانگن تي ڪابي پاسي موجود آهي ۽ اتي سالانو غرس ٿئي ٿو. حاجي (محمد سوڍي ڪلمتي) صاحب عرس تي دعوت ڏني ۽ مون کي آدم پير جي مزار ۾ تاريخي قبرستان ڏسڻ جو موقعو مليو. اتي حاجي صاحب وڌيڪ ٻڌايو:

"عرس جي موقعي تي پهريان شاهه نظام جي چِلہ گاهه کي باهه ٻاري روشن ڪيو ويندو آهي. پير آدم جي زماني کان ئي سندس ارشاد موجب هي دستور هلندو ٿو اچي، تہ جي ارادتمند پير جي زيارت ڪرڻ اچن، اهي پهريان شاهه نظام جي چِلہ جي جاءِ تي دعا گهري؛ پوءِ پير جي مزار تي فاتحہ پڙهن. اسان وٽ هي روايت هلندي ٿي اچي، تہ شاهه نظام دهليءَ جو هو ۽ آدم پير ان جو خليفو هو."

هن روايت مان ٻہ ڳالهيون ظاهر ٿين ٿيون. هڪ هيءَ تہ دهليءَ جي شاهه نظام مان مراد دهليءَ جو شيخ نظام الدين اولياء ٿي سگهي ٿو. ٻي هيءَ تہ جنهن چِلہ گاهه جي آثار کي باهه ٻاري روشن ڪيو وڃي ٿو، ان کي شاهه نظام جي ياد ۾ خليفي آدم پير مقرر ڪيو هجي يا پاڻ شيخ نظام الدين اولياء اتي اچي تنبو هڻي وينو هجي.

هينئر ان ڏس ۾ تحقيق جي حوالي سان هيءُ مسئلو هو تہ، واقعي شيخ نظام الدين اولياء (640هـ- 725 هجري/1242- 1325ع) سنڌ ۾ آيو هو يا نہ ۽ سنڌ ۾ ڪي ٻيا بہ هن قسم جا روايتي آثار موجود آهن يا نہ؟

1980ع- 1995ع جي سالن دوران حضرت شاهه عبداللطيف (ڀٽائي) جي سوانح ۽ ڪلام/ رسالي تي تحقيق ڪندي، سندس پڙ ڏاڏي شاهه عبدالڪريم جي دفن گاهه بلڙي (شاهه ڪريم) ۾ ان جي ويجهو جهوڪ شريف ۾ ميرپور بٺوري جي آسپاس ۾ هيءُ معلوم ٿيو، تہ ميرپور (بٺوري) شهر کان چار ميل اوڀر ڏکڻ طرف (ڳوٺ لعل بخش خان زؤنر جي لڳ) هڪ قديم زماني جي قبر جو مٿان وارو ڳرو پٿر پيو آهي، جنهن تي "شاهه نظام" لکيل آهي. ڏنو ويو تہ هيءُ نالو سيراندي يا پيرانديءَ تي لکيل نہ هو، جو اُن مان وفات ڪيل جي ئي قبر سمجهي وڃي. هيءُ نالو مٿان ساڄي پاسي تي چٽيل آهي. جنهن مان هي قياس ڪري سگهجي ٿو، تہ وفات ڪيل "شاهه نظام" جو مريد هو، جو ان جي وصيت موجب سندس مرشد جو نالو قبر تي لکيو ويو.

سنڌ ۾ اهڙي نموني جا ٻيا بہ مقام آهن. جيئن سانگهڙ ضلعي ۾ "مير شهداد جا قبا" قبرستان، جتي ٽالپر بلوچن جي قبرن/ مقبرن تي انهن جي مرشد "ميان نصير محمد ڪلهوڙي" (ڳاڙهي واري) جو نالو برڪت طور لکيل آهي.

هن چٽيل ڳري پٿر واري وفات ڪيل جي هيءَ قبر ٺٽي شهر کان تقريباً پنجيتاليهہ ميل اوڀر طرف موجود آهي. هن قديم قبر تي "شاهه نظام" جي نالي مان وڌيڪ گمان ٿيو، تہ شايد شيخ نظام الدين اولياء سنڌ جي لاڙ پٽ ٺٽي جي علائقي ۾ آيو هجي.

هنن شڪن شبهن جي ڳالهين جي وڌيڪ تحقيق ۽ تجزئي واسطي تاريخي ڪتابن ڏانهن رجوع ڪيو ويو. هيءَ هڪ حقيقت آهي تہ ستين صدي هجري (تيرهين صدي عيسوي) ۾ ملتان خطي جي عارفن سڳورن چشتي ۽ سهروردي سلسلن جي روشنيءَ ۾ صحيح عمل ۽ نفس جي

اصلاح ستاري واسطي پنهنجي محبت پرئي صوفيانه پيغام جو دائرو هڪ طرف سنڌ ۽ ٻي طرف هند تائين وڌائي ڇڏيو. ملتان جو بزرگ عارف بهاؤالدين زڪريا غوث (وفات 661 هجري — 1262ع) سهروردي سلسلي جو مرشد هو ۽ پاڪ پتڻ جو بزرگ فريد الدين مسعود گنج شڪر (وفات 664 هه - 1265ع) چشتي سلسلي جو مرشد هو. غوث بهاؤالدين زڪريا ڌڪڻ طرف راجستان ۽ سنڌ تي توجهه ڏنو ۽ سنڌ ۾ ان جو فيض عام ٿيو. شيخ فريدالدين مسعود گنج شڪر هند ڏانهن توجهه فرمايو ۽ دهلي، چشتي مسلڪ جو مرڪز بنجي ويو.

روايت آهي ته جڏهن سنڌ جو ذڪر نڪتو، ته شيخ فريد الدين فرمايو:

"سنڌ، ياءِ بهاؤ الدين جي زمين آهي."

بهرحال پاڻ سنڌ کي ياد فرمايائين، جنهن جو ذڪر "فوائد الفواد" ملفوظات شيخ نظام الدين اولياء تاليف- امير حسن سجزي (736هه/1335ع) ۾ آهي. ان کان بعد "سيرالعارفين" تصنيف- مولانا حامد بن فضل الله جمالي (وفات 942هه/1536ع) ۾ موجود آهي.

هنن ٻنهي ماخذن مان تصديق ٿئي ٿي ته شيخ فريد الدين، "عارف" نالي پنهنجي خليفي کي سيوستان (سنڌ) موڪليو هو ۽ جڏهن هو موٽي آيو ته (ان جي سٺي ڪم کان) خوش ٿي، کيس خلافت نامو عطا ڪيو ۽ فرمايو ته، هو ٻيهر سيوستان وڃي. خليفي عارف معذرت ڪري عرض ڪيو ته، اهڙي وڏي ذميداريءَ جو ڪم هن ضعيف جي وس کان ٻاهر آهي ۽ پوءِ هن ڪانئن مڪي شريف وڃڻ جي اجازت ورتي. شيخ ڪيس اجازت ڏني ۽ هو مڪي شريف ويو، جتان هو نه موٽيو.

معلوم ٿئي ٿو ته هيءُ ڪم جو سنڌ ۾ شروع ٿيو هو، شيخ ان کي جاري رکڻ ٿي چاهيو: ان ڪري ٿي خليفي عارف کي ٻيهر سنڌ موڪلڻ ٿي چاهيائين. اشارن مان ائين پروڙ پوي ٿي، ته شيخ کان علاوه ڪنهن ٻي خليفي جي ذريعي نظام الدين اولياء هن پاسي توجهه فرمايو هجي. هن لاءِ ته هو شيخ فريد الدي مسعود گنج شڪر کان فيض وٺڻ، دهليءَ کان اجوڌن (پاڪ پتڻ) ايندو رهندو هو ۽ ان کي سنڌ تي پنهنجي مرشد جي توجهه جي خبر هئي.

'سير الاولياء' ۽ 'سير العارفين' ۾ ذڪر آهي ته، نظام الدين اولياء پاڪ پتڻ آيو هو ۽ شيخ فريد جي درگاهه ۾ رهيو هو. هيءُ پڪي تحقيقي ڳالهه آهي ته هو ٽي ڀيرا دهليءَ مان پاڪ پتڻ ۾ شيخ جي خدمت ۾ حاضر ٿيو. ٻهريون دفعو 655 هه (1257ع) ۾ آيو ۽ اربعا جي ڏينهن هو شيخ جي خدمت ۾ حاضر ٿيو. آخري ڀيرو جمادي الاول سنه 664 هه/ 1265ع ۾ آيو. جڏهن شيخ ان جي حق ۾ دعا ڪئي ۽ واپس وڃڻ جي موڪل ڏني.

ظاهر آهي ته نون سالن (655 هه- 664 هجري) تائين نظام الدين اولياء جو توجهه ملتان جي ويجهو پنهنجي مرشد جي ماڳ پاڪ پتڻ جي طرف رهيو. ان کان علاوه ملتان جي خطي کان هو پنهنجي مريد امير خسرو جي واسطي سان به واقف ڪار هو.

امير خسرو جوانيءَ ۾ پنهنجي هڪ غزل ۾ ٺٽي جو نالو ورتو آهي

سرو چون تو در اچ و در تتہ نہ باشد
گل مثل رخ خوب تو البتہ نہ باشد

بعد ۾ امير خسرو پنجن سالن (678 - 683هه) تائين سلطان غياث الدين بلبن جي فرزند خان شهيد سان گڏ ملتان ۾ رهيو.

منهنجو اندازو آهي تہ امير خسرو ملتان مان غالباً سنڌ ۾ تڏهن آيو، جڏهن هو مغلن جي قيد مان آزاد ٿيو. سنڌ جي موسيقي "ڪافي" کان آگاهہ ٿيو ۽ ڪافي کي پنهنجي موسيقيءَ جي نظام ۾ سمايو.

هنن اشارن جي باوجود تہ شايد نظام الدين اولياء ملتان مان سنڌ آيو هجي، ڪو بہ يقيني حوالو هن جي تصديق ۾ ملي نہ سگهيو. ايتري ۾ پنهنجي مهربان سيد نفيس رقم الحسيني وٽ (اداره النفائس، نفيس منزل 177، ڪريم پارڪ، راوي روڊ لاهور) وڃڻ ٿيو. جڏهن هن موضوع تي ڳالهہ ٻولهہ ٿي تہ ٻڌايائين: خواجه بنده نواز گيسو دراز جي ملفوظات ۾ هن جو ذڪر آهي. سال 1422هه (2001ع) ۾ جڏهن سيد نفيس رقم حرمين شريفين جي ارادي سان ويو پئي، تڏهن ڪراچي ويندي حيدرآباد ۾ راقم کي زيارت جو شرف بخشيو ۽ پنهنجي ٻڌايل حوالي جي تصديق بہ ڪئي. بعد ۾ ڇپيل ملفوظات (ڇپايل نفيس اڪيڊمي، اسٽريچن روڊ ڪراچي) مان اهي صفحا بہ موڪليا. جن ۾ هيءُ ذڪر فارسي متن ۽ اردو ترجمي ۾ موجود آهي.

"ذکري در باب ملفوظ مشائخ افتاده بود بعد نماز خفتن فرمودند بيشتر نہ بروجه صواب مي نويسد هر کسي برلئي خويش چيزي مي نويسد. ملفوظ شيخ نظام الدين کہ امير حسن شاعر جمع کرده است آن معتبر است و ملفوظ هائي ديگر کہ از آن شيخ بنبشتہ اند همه باد هوا ست و ملفوظي ازان شيخ فريد الدين در اجودهن ديدم کہ آن را نسبت بہ مولانا بدرالدين اسحاق نيست و فرموده مولانا محمد نام ياري بود از آن خواجہ چند گاهي امامت پيش خواجہ مي کرد و چيزي تعلم داشت ملفوظي از آن خواجہ ما جمع کرده بود در آنچہ شيخ جانب ٺٽہ رفتہ ميان ياران خواجہ مشهور شد موازنہ جلدي بزرگي شده بود چون از ٺٽہ باز آمد آن نسخہ پيش شيخ بردند ديده، مولانا زين الدين را طلبيد گفت تغار بيارد بہ آب پر کن واين را پاره کن شو، پيش خود بشويايند"

ترجمو: "مشائخن جي ملفوظات جي معتبر يا غير معتبر هجڻ جي باري ۾ فرمايو:

سومهٽي نماز کان پوءِ مشائخن جي ملفوظات جو ذڪر نڪتو. حضرت مخدوم فرمايو تہ اهي ملفوظات اڪثر صحيح لکيل نہ آهن. هر ماڻهو پنهنجي مطلب مطابق ڪا ڳالهہ لکي ڇڏي ٿو ۽ ان کي مرشد جي نالي منسوب ڪري ٿو ڇڏي. ملفوظات، جي ان بابت موجود آهن، پروسي لائق نہ آهن. اهي سڀ هوائي ڳالهيون آهن، سراسر بهتان آهن. اهي هرگز مولانا بدرالدين اسحاق جون گڏ ڪيل نہ آهن.

وري مخدوم فرمايو: مولانا محمد نالي هڪ مريد هو. جنهن کان اسان جو خواجہ (شيخ نظام الدين اولياء) ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي موجودگيءَ ۾ بہ امامت ڪرائيندو هو. ۽ کيس ڪجهہ (روحاني) تعليم بہ ڏني هئي. ان اسان جي خواجہ جي ملفوظات گڏ ڪئي. جنهن زماني ۾ اسان جو خواجہ ٺٽي کان واپس

موبيو. اهو ڪتاب ماڻهو وٽس روبرو ڪٽي آيا. حضرت خواجه ان کي ڏسي مولانا بدرالدين کي سڏايو ۽چيو هڪ تغاري يا ڪُونر ڪٽي ان کي پاڻيءَ سان ڀريو ۽ هن ڪتاب کي ڦاڙي ٽڪرا ٽڪرا ڪري هن ۾ وجهو ۽ پاڻي سان ڌوئو ۽ هيءُ ڪم پنهنجي روبرو ڪرايو.“

آءٌ جناب سيد نفيس رقم جو شڪر گذار آهيان، جو ان هن نهايت ئي مستند ۽ اهم ماخذ ڏانهن مون کي توجهه ڏياريو ۽ حوالو هٿ ڪري ڏنو، جنهن مان ثابت ٿيو ته شيخ نظام الدين اولياء ٺٽي ۾ تشريف فرما ٿيو هو. هن مان ظاهر آهي ته اتر سنڌ مان لنگهيو ۽ ٺٽي شهر جي علائقي ۾ ڪجهه وقت تائين قيام فرمايو. ملفوظات جي لفظن (جنهن زماني ۾ اسان جو خواجه ٺٽي ويو هو ۽ جڏهن اتي هو. ان عرصي ۾ سندس مريدن ۾ هن ملفوظات جي مشهوري ٿي) مان تائيد ٿئي ٿي ته، نظامُ الدين اولياء سنڌ جي شهر ٺٽي ۽ ان جي آسپاس ۾ ڪجهه وقت رهيو. ان ڪري ٿي سگهي ٿو ته ميرپور بٺوري جي ويجهو ويراني ۾ جا قبر آهي، جنهن جي پاسي تي ”شاهه نظام“ چٽيل آهي، اها نظام الدين اولياء جي ڪنهن مريد جي قبر هجي. پر پير آدم ڪلمتي جي باري ۾ گهٽي پڪ سان چئي سگهجي ٿو ته، هو خواجه نظام الدين اولياء جو خليفو هو؛ چاڪاڻ ته اتي ”شاهه نظام دهلي“ جي طرفان چلو منسوب آهي، تنهن هوندي به هن آثار ۽ روايتن جي اهميت کي صحيح طور سمجهڻ جي لاءِ وڌيڪ تحقيق جي ضرورت آهي.

هن سلسلي ۾ هڪ ٻيو اهم حوالو غور طلب آهي. سنڌ جي قديم شهر اگهم ڪوٽ (ضلعي حيدرآباد) جا جيڪي آثار آهن، انهن مان هڪ شيخ بايزيد جو روضو آهي ۽ هي شيخ باجيد (بايزيد) شيخ فريد گنج شڪر پاڪ پٽڻ واري جو پڙ پوٽو هو. راقم کي هيءَ ڳالهه هتان جي با خبر مجاور مرحوم غلام نبي ٻڌائي. جڏهن آءٌ 1959ع ۾ اگهم ڪوٽ ۾(اگهاماڻو) جا تاريخي آثار ڏسڻ جي لاءِ ويو هوس. اگهم ڪوٽ ۾ مشهور ولي مخدوم محمد اسماعيل سومري (وفات 975 هجري/ 1470ع) جي درگاهه آهي ۽ هن درگاهه جو مجاور ڏهين صدي هجري/ پندرهين صدي عيسويءَ ۾ حضرت نظام الدين اولياء جي درگاهه دهليءَ کان هتي سنڌ ۾ آيو. غلام نبي مرحوم شجرو بيان ڪندي ٻڌايو، ته هتي رهندڙ مجاورن جو وڏو ڏاڏو مخدوم ابراهيم هو، جيڪو دهليءَ مان هتي آيو. شجري مطابق مخدوم محمد اسماعيل سومرو، مخدوم ابراهيم ۽ اجمير جو ميران ڏاتار شهيد، ٽئي هم زلف يا سَنڍيو هئا ۽ انهن جي گهرن ۾ ٽئي پيٽون، ويرا ول (جهونا ڳڙهه حدن) جي امير يا بزرگ جون نياڻيون هيون. وڌيڪ ٻڌايو ته پاڪستان کان پهريان هِتان جا بزرگ پنهنجن عزيزن سان ملڻ جي لاءِ دهلي ويندا رهندا هئا.



ڊاڪٽر بشير احمد شاد

تحقيق

# مياڻ آدم شاهه ۽ مياڻ شاهل محمد ڪلهوڙو

## (ڪلهوڙا دور جون ٻه درويش صفت شخصيتون)

سنڌ ۾ تاريخي لحاظ کان ڪلهوڙا راڄ کي وڏي اهميت حاصل آهي. ڪلهوڙا دور سنڌ اندر خوشحالي ۽ سڪار وارو دور آهي. هن دور ۾ علمي ۽ ادبي حوالي سان پڻ ججهو ڪم ٿيو. شاهه عبداللطيف ڀٽائي، جهڙو عظيم شاعر پڻ هن ئي دور ۾ پيدا ٿيو، جنهن ڪري هن کي سنڌي ادب جو سونهري دور پڻ سڏيو وڃي ٿو. ڪلهوڙا راڄ ۾ نه رڳو ادبي پر ڪيتريون ئي سياسي، سماجي ۽ مذهبي شخصيتون پڻ پيدا ٿيون، جن پنهنجي علمي، ادبي ۽ سياسي ڪارنامن جي آڌار تي وڏو نالو ۽ ناموس ڪمايو. اهڙين شخصيتن ۾ مياڻ آدم شاهه ڪلهوڙي ۽ مياڻ شاهل محمد ڪلهوڙي جا نالا وڏي اهميت جا حامل آهن. ڪلهوڙا خاندان جي انهن ٻنهي مهان شخصيتن متعلق لکڻ کان اڳ ڪلهوڙا / عباسي قوم جي تاريخي حقيقت بابت ٻه چار ڳالهيون ڪرڻ گهران ٿو.

ذات جي حوالي سان عباسي ڪلهوڙا جو سنگم پڻ بحث جو موضوع رهيو آهي. عباسي، ڪلهوڙن ۾ ڪيئن تبديل ٿيا؟ ڪلهوڙن بابت تاريخ جو پيرو کڻندي نهايت دلچسپ معلومات حاصل ٿئي ٿي.

غلام رسول مهر "تاريخ سنڌ ڪلهوڙا دور" (جلد اول) ۾ لکي ٿو: "ڄام محمد چيني خان جي وفات کان پوءِ سندس فرزند محمد مهدي پنهنجي خاندان جو رئيس مقرر ٿيو. محمد مهدي پيءُ جي فوت ٿي وڃڻ کان پوءِ ٿورن ئي ڏينهن ۾ وفات ڪري ويو. تڏهن سندس فرزند محمد ابراهيم ۽ محمد دائود جي وچ ۾ خانداني پڳ تان ڇڪتاڻ شروع ٿي وئي ۽ انهيءَ ڇڪتاڻ اهڙي نازڪ صورت اختيار ڪئي جو محمد دائود خان لاچار ٿي پيو ۽ آخر پنهنجي اباڻي ميراث ڇڏي ٻئي هنڌ وڃي رهائش اختيار ڪيائين. سيني روايتن مان معلوم ٿئي ٿو ته محمد ابراهيم جي وفات کان وٺي خاندان جي هيءَ شاخ ايتري قدر گمناميءَ هيٺ اچي وئي جو نون پيڙهين گذرڻ تائين سندس ذڪر ڪنهن به نه ٻڌو. اهو ئي محمد ابراهيم هو جو "ڪلهوڙا خان" جي لقب سان مشهور ٿيو. جهڙيءَ طرح دائود ثاني جي اولاد پاڻ کي دائودپوٽا ڪوٺايو، اهڙيءَ ريت محمد ابراهيم جو اولاد 'ڪلهوڙا' جي لقب سان سڏبو رهيو. محمد ابراهيم جو نالو 'ڪلهوڙو خان' ڪيئن مشهور ٿيو؟ انهيءَ باري ۾ فقط ٻه روايتون ملي سگهيون آهن.

پهرين روايت ڪتاب "احوالِ سنڌ" جي مرتب سيد محب الله بن سيد احمد شاهه هن طرح بيان ڪئي آهي:

"هن خاندان جو هڪ بزرگ 'ڪلور' نالي هڪ جبل ۾ رهيو جو حيدرآباد جي اتر طرف آهي. انهيءَ ڪري هن جو لقب 'ڪلورو' مشهور ٿيو ۽ پوءِ بگڙي 'ڪلهوڙو' ٿي ويو."

بي روايت حڪيم محمد صادق عباسيءَ هن ريت پيش ڪئي آهي:

”ڪلهو‘ جي معنيٰ سنڌي زبان ۾ اڪيلو يعني تنها آهي. ’ڙو‘ جو لفظ سنڌي زبان ۾ عام طور تصغير ۽ حقارت جي لاءِ استعمال ٿيندڙ آهي. مثلاً مرد کي سنڌيءَ ۾ مڙس چون ٿا ۽ تحقير ۽ تصغير لاءِ مڙسڙو، اهڙي طرح اٺ کي اٺڙو، سير کي سيرڙو، فقير کي فقيرڙو ۽ ڳوٺ کي ڳوٺڙو چئجي ٿو. مطلب ته ڪلهوڙو لقب ابراهيم جي درويشيءَ خاڪساريءَ ۽ دنيا ۽ اهل عيال کي ترڪ ڪري ڇڏڻ تي دلالت ڪري ٿو.“

گويا حڪيم محمد صادق جي نزديڪ ميان ابراهيم جو لقب ’ڪلهوڙو‘ انهيءَ سبب ڪري مشهور ٿيو جو هو دنيا کي ترڪ ڪرڻ ۽ نفس کي مارڻ ۾ ڪمال درجي تي پهچي چڪو هو. سندس هيءَ حيثيت ايترو بلند هئي جو نفس کي پلڻ جي خصوصيت سندس نالي جو لازمي جزو بڻجي وئي ۽ اهو ئي نالو خاندان جي لاءِ فخر جو باعث جاتو ويو.

عباسين جي سنڌ ۾ وارد ٿيڻ جي حوالي سان تاريخن جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو ته اهو مسئلو ڪجهه قدر متنازع آهي.

اعجازالحق قدوسي ’تاريخ سنڌ‘ (جلد ٻيو) ۾ ٻڌائي ٿو ته ”عباسي خاندان ۾ امير سلطان احمد ثاني هڪ رات خواب ۾ حضرت امام زين العابدين جي زيارت ڪئي ۽ کين گذارش ڪئي ته حڪومت جي حصول ۾ منهنجي مدد فرمايو. حضرت امام کيس فرمايو ته سنڌ طرف وڃو.“

بهاولپور گزيٽيئر ۾ لکيل آهي: ”شاهه مزمل جو فرزند سلطان احمد ثاني مصر جي ڇهين عباسي خليفي ابو الفتح المعتضد بالله ابوبڪر جي عهدِ حڪومت (1370ع- 1326ع) ۾ مصر ڇڏي ڪيچ مڪران رستي انهيءَ اميد تي سنڌ آيو ته ڪيس دهليءَ جي درٻار ۾ مانُ ملندو.“

جڏهن ته حڪيم محمد صادق راڻيپوري جي تحقيق مطابق ”قائم ۽ احمد نالي ٻه سڳا ڀائر 873ع ۾ ڪيچ مڪران رستي سنڌ ۾ آيا.“

عباسين جي سنڌ ۾ آمد جي مٿين سالن ۾ پورن پنج سؤ سالن جو فرق آهي. تنهن جو مطلب اهو ٿو نڪري ته سلطان احمد ثاني سنڌ ۾ گهڻو پوءِ آيو، ان کان ڪافي اڳ قائم ۽ احمد عباسي سنڌ ۾ پهچي چڪا هئا. خير اسان جو ان سان بحث ناهي ته سنڌ ۾ ڪير اڳ ۾ ۽ ڪير پوءِ آيو، ليڪن هن خاندان جي جن فردن سنڌ ۾ پنهنجو وڏو نالو ڪڍيو ۽ ڌاڪو ڄمايو تن ۾ ٻه نالا هڪ ميان آدم شاهه ڪلهوڙو ۽ ٻيو سندس پوٽو ميان شاهل محمد ڪلهوڙو سرِ فهرست آهن.

”لبِ تاريخ سنڌ“ جو مصنف خداداد خان ”تحفة الڪرام“ جي حوالي سان لکي ٿو ”سنڌ جا ڪلهوڙا حڪمران اصل ۾ نبي ڪريم ﷺ جن جي چاچي سائين حضرت عباسؓ جي اولاد مان آهن. جيڪي پهريان ئي مڪران ۾ رهندا هئا پوءِ سنڌ ۾ آيا.“

ميان آدم شاهه ڪلهوڙي جو شجرو ڏهن پيڙهين تائين تصديق سان ملي ٿو. جيڪو هن ريت آهي: ميان آدم شاهه بن گجن شاهه بن ميان صاحب بن ميان خان بن ميان طاهر بن ميان راڻو بن ميان شاهه محمد بن ميان ابراهيم (ڪلهوڙو خان) بن ميان محمد بن ڄام چنو جيڪو هن گهراڻي جو مورثِ اعليٰ هو.

مولانا غلام رسول مهر ”تاريخ سنڌ ڪلهوڙا دور“ (جلد پهريون) ۾ ميان آدم شاهه ڪلهوڙي جو دور 1600ع- 1520ع ٻڌايو آهي. ميان صاحب، مير سيد محمد عارف ميران محمد جون پوريءَ کان فيض حاصل ڪيو ۽ پوءِ لاڙڪاڻي جي پرسان هڪ ڳوٺ ’هٽڙي‘ جنهن کي هٽڙي غلام شاهه به سڏبو آهي، ۾ اچي رهيو. ميان آدم شاهه ڪلهوڙي پنهنجي شخصيت، اخلاق ۽ ڪردار سان وڏو نالو ۽ ناموس پيدا ڪيو. روحاني لحاظ کان به هن جو وڏو نالو ڳڻايو وڃي ٿو جنهن جو عملي ثبوت ’تحفة الڪرام‘ مان ملي ٿو. اڪبرِ اعظم جي نون رتنن مان هڪ نواب عبدالرحيم خان خانان هو جيڪو ان دور ۾ سنڌ ۾ اچي نڪتو ۽ ميان آدم شاهه جي روحاني منزلت جي هاڪ ٻڌي سندس خدمت ۾ دعا لاءِ آيو. دعا کان پوءِ هن ميان صاحب کي نذرانو قبول ڪرڻ لاءِ عرض ڪيو. پوءِ نذراني طور ميان آدم شاهه کي چانڊڪا پرڳڻي جي زمينداري حوالي ڪري روانو ٿيو.

ارغونن سان جنگ وقت چانڊين جي سردار ”سريمڻ خان“ سپهه سالار دريا خان جي مدد ڪئي

سياسي، سماجي ۽ ادبي تاريخ ۾ پڻ اهو لٽريچر اهم ترين مواد جي حيثيت رکي ٿو. تذڪرن، ملفوظات ۽ مڪتوبات ۾ سنڌ جي ڪيترن معاصر سياسي واقعن جا اشارا ڏنل آهن ۽ ڪيترن ڳوٺن جي جاگرافي ۽ تاريخ ڄاڻائي ويئي آهي، سماجي صورتحال جا حوالا ملي وڃن ٿا ۽ سنڌ جي ادبي تاريخ جي سلسلي لاءِ بي شمار غير معروف شاعرن جا بيت پڻ آيل آهن. جيڪي ادبي ذخيري جي ڪيترن گمنام گوشن کي روشن ڪن ٿا. مثال لاءِ هيٺ مختلف ڪتابن مان اقتباس ڏجن ٿا، جن مان اندازو ٿيندو ته اسان جو صوفياڻو ادب ڪيتري اهميت جو حامل آهي.(مقدمو فارسي متن- ص- 53-54)"

تاريخي تذڪري کي چڱي طرح پڙهڻ کان پوءِ اسان کي هن ڪتاب ۾ سماجي، ثقافتي، تاريخ ۽ جاگرافيائي واقعا ملن ٿا. ان ڪري مون محسوس ڪيو ته سنڌي ترجمي نگار کان جيڪي ترجمي ۾ غلطيون ٿيون آهن، انهن جي وضاحت ۽ اصلاح ڪريان.

**(1) شيخ ممون:**

فارسي ڪتاب ۾ آهي ته،"خليفه ومريد شيخ جميل گرناري درموضع دندي ملدفن" ص 259.

هن ۾ سنڌي ترجمي نگار پاڻ طرفان اضافو ڪندي لکيو آهي ته، هيءُ بزرگ شيخ جميل گرناريءَ جو مريد ۽ خليفو هو. ڏندي شهر ۾ سندس مزار مشهور آهي-ص- 204.



شيخ ممون ۽ سندس گهرواريءَ جي چوڪنڊي

هيءُ بزرگ "ڏندي شهر" نه پر تاريخي ماڳ "ڊنڊيءَ" جي ويجهو دفن ٿيل آهي. جيڪو ٽنڊي محمد خان کان بلڙي شاهه ڪريم- سجاول روڊ تي بس اسٽاپ حاجي نٿالو جماري ۽ رستي کان اولهه اُتر طرف بلڪل پر ۾ آهي. ٽنڊي محمد خان کان اٽڪل 24 ڪلو ميٽر مفاصلو آهي. اڄ به هن بزرگ جي مزار يعني قبو سلامت آهي ۽ اولهه طرف کان لڳ سندس گهر واريءَ جي چوڪنڊي ٺهيل آهي. هن کي ترجا ماڻهو سگهريو پير يا بزرگ به چوندا آهن. هن جو ساليانو ميلو ملاح برادريءَ جا ماڻهو هر سال شوال جي 21 ۽ 22 تاريخن تي لڳائيندا آهن.

**(2) ڊنڊي:**

جنهن کي ترجمي نگار "ڏندي شهر" طور ڄاڻايو آهي. ڊنڊي سنڌ جو تمام پراڻو ماڳ ڪنهن زماني ۾



ڊنڊي جا پراڻا ڪنڊرات

وڏي اوج-تي هو ۽ منجهس صدر ٿاڻو به هو. ان جي پر ۾ اولهه طرف هڪ تمام پراڻي هڪ تاريخي مسجد اڄ به موجود آهي. ڪنهن زماني سنڌو درياءَ مان هڪڙي ڇاڙ نڪرندي اچي ڊنڊي جي پر مان لنگهندي هُئي. ان جا نشان اڄ به ڦٽل صورت ۾ موجود آهن. ڊنڊيءَ جو پراڻو تاريخي ماڳ ٽنڊي محمد خان کان بلڙي شاهه ڪريم ويندڙ رستي 25 ڪلو ميٽرن تي بس اسٽاپ ڊنڊي اڄ به موجود آهي. هن ڊنڊيءَ جو ذڪر ڊاڪٽر غلام عليٰ الانا "لاڙ جي ثقافتي ۽ ادبي تاريخ" ۾ ڪيو آهي (ص- 10 ) پر ان جا پار پتا ڏيڻ ۾ هن کان به سَهوَ ٿي آهي.ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

ترجمي نگار پنهنجي طرفان "ملا" لفظ لکي شيخ پرڪيي جي ماڳ کي مُنجهائي ڇڏيو. خبر ناهي ته ترجمي نگار"ملا" لفظ ڪٿان آندو؟ هاڻ اسين جيڪڏهن شيخ پرڪيو لاءِ وجون ته ڪٿي وجو؟ جو ته ملاڪاتيار الڳ شهر آهي. هيءُ ديهه ڊنڊ دابو يونين ڪائونسل ملاڪاتيار آهي ۽ هيءُ شهر ٽنڊي محمد خان کان اٽڪل پنجويهه، ٽيهه ڪلو ميٽرن تي اولهه طرف سنڌو درياءَ جي ڪناري تي آهي. جنهن جي اتر ۾ ٽڪر "وسي ملوڪ شاهه" ۽ تاريخي ماڳ آهي. ملاڪاتيار ۾ بزرگ ميين اسحاق جو مقبرو آهي، ۽ هن شهر جي اوپر ۽ ڏکڻ پاسي خيرواهه تي ميون عيسيٰ مدفون آهي. جيڪو شاهه لطيف جو همعصر هو. ۽ وڏو شاعر ۽ بزرگ هو. ملاڪاتيار لڳ ڪوڪرن جو ڳوٺ اڄ به موجود آهي. اُهي ڪوڪر ميين عيسيٰ جا مريد هئا. ميين عيسيٰ جا ٻه ٽي بيت شاهه جي رسالي سُر ڪنيات ۾ موجود آهن. جيڪي "رات سُهائي پون سئين " جي عنوان سان آهن.

بزرگ شيخ پرڪيو ڪاتيار پنهنجي ڳوٺ ۾ مدفون آهي. ٽنڊي محمد خان کان اٽڪل 20، 25 ڪلوميٽر اُتر طرف ڊگ موري ڏي ويندڙ رستي تي آهي، جتان بڪيرا ۽ ٽنڊوالهيار وڃجي ٿو. حيدرآباد چئنل وٽان رستو شيخ پرڪيو ۽ فاران شوگرمل ڏي نڪري ٿو. هن کي يونين ڪائونسل جو درجو مليل آهي، ڪل آبادي 27225 آهي ۽ خود شيخ پرڪيو شهر جي آبادي اٽڪل ڇهه ست هزار آهي. هن ۾ اڪثريت شيخ ذات وارن جي آهي. اتي جي هڪ سڄاڻ استاد عبدالقادر شيخ سان ملاقات ٿي. جنهن فيض محمد نالي هڪ نيڪ بزرگ ۽ مهمان نواز سان ملايو، جنهن اسان کي ڪاري مس سان لکيل هڪ ڪاپي ڏيکاري، جنهن تي شيخ پرڪيو بزرگ جي جمر ۽ وفات جي تاريخ لکيل هئي. ولادت جو مهينو لکيل نه هو، صرف هي اکر هئا:

ولادت تاريخ 15، ڏينهن جمع 891هه.

وفات پهرين رجب المرجب978هه.

عمر 87 سال، پرڳڻو سماوتي قريب هگوراٺي. مون اتي موجود گادي نشين جي پچا ڪئي پر معلوم ٿيو ته اهي حيدرآباد رهن ٿا. ميلي يا خاص ڏهاڙي يعني چنڊ جي پهرئين آچر تي اچن ٿا. جنهن ڪري عام ماڻهن ۾ هيءُ بزرگ، "شيخ پرڪيو آچاري" مشهور آهي. ساليانو ميلو 5 ربيع الاول تي لڳي ٿو. مولانا دين محمد "وفائي" هن بزرگ جي وصال جي تاريخ ڪونه لکي آهي، صرف هيءُ لکيو اٿس ته، "شيخ پرڪيو مخدوم نوحؒ کان ٿورو اڳ پيدا ٿيو آهي" ۽ روايت آهي ته گذاري به اڳ ويو آهي. يعني 978هه ۾، ۽ جڏهن ته مخدوم نوحؒ جي وفات 998هه ۾ ٿي آهي- (ص- 6)

هن سان گڏ ضلعي ٽنڊي محمد خان جو نقشو ڏجي ٿو. جنهن ۾ شيخ پرڪيو ۽ ملاڪاتيار جي ماڳن بابت معلومات آهي. روايت آهي ته هن بزرگ جي شاعري به آهي. پر پوين وٽ ان بابت ڪا به معلومات ناهي. سنڌ جاٺواديب ۽ اسڪالر هيرو ٺڪر جنهن قاضي قادن جو ڪلام دهليءَ مان شايع ڪرايو. اهو جڏهن سنڌ آيو هو، تنهن اهڙي ڳالهه ڪئي ته شيخ پرڪيو جيٰ شاعريءَ بابت جلد ڪتاب اچڻ وارو آهي. بعد ۾ مون وينا شرنگي ۽ شالني ساگرڪان فون نمبر هٿ ڪري هيري صاحب سان رابطو ڪيو ته، چيائين اجا ڪتاب ڪو نه ڇپيو آهي. محترم اميد علي سنيي صاحب "سنيا ذات جوتاريخي ۽ شجرائتي احوال" ۾ آڳي ٻي صفحي نمبر 377 تي شيخ پرڪيي بزرگ جو هڪ ٻِسٽو بيت ڏنو آهي. جيڪو ميين اسحاق ملاڪاتياريءَ جي وڏن بابت آهي:

"سڪريه پرمتريا، چرين چئي لڳن"
(وجي) وج پويان تن، تنين پير پٽون لڳن"

# سنڌي ادبي بورڊ پاران نوان شايع ٿيل ڪتاب




سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گهر - تلڪ چاڙهي حيدرآباد (022-2633679)

وَسَنِ ۽ وِهسَنِ، ڏيهاڙي ڏسَڻَ لَءِ،
ڏسي ڏسي آئِيُون، توءِ تَلاشُون ڪَنِ،
ڍاپِيو نہ ڍاپَنِ، پَسَڻَ مَنجهان پِرِينءَ جي.
(شاھ)



# غلام رباني آگرو

سنڌي ٻولي جو نامور دانشور ۽ داستان گو ليکڪ

# گوشهء رباني

سي پُوچارا پُرِ تِيا، سَمنڊُ سيوِيو جَنِ،
آندائُون عَمِيقَ مان، جوتي جَواهرِ،
لَدائُون، لَطيفُ چَئي، لالُون مان لَهرِ،
ڪانهي قيمَتَ تنِ، مُلهہ مَهانگو اُن جو.
(شاهہ)

گوشهء رباني

## هڪ يادگار تصوير

(1955ع)



غلام رباني آگرو، شيخ اياز ۽ محمد ابراهيم جويو



شيخ اياز

# رباني جو نالو سونهري اکرن ۾ لکيو ويندو

مان رباني لاءِ جيڪو لکندس، ان تي هن لاءِ منهنجي ذاتي محبت ضرور اثر وجهندي، جيتوڻيڪ مون هن جي ٻيهر شايع ٿيل افسانن جي ڪتاب کي بار بار پڙهيو آهي ۽ اها ڪوشش ڪئي آهي ته دوستي کي پاسي رکي، هن جو ادبي مقام جاچي ڏسان. منهنجي نظر ۾، جمال ابڙو ۽ رباني اڄوڪي سنڌ جا ٻه مک ڪهاڻيڪار آهن. جن سنڌي ڪهاڻي تي پنهنجي امر ڇاپ ڇڏي آهي. رباني جون ڪهاڻيون ”غريبن جي جهوپڙي“ ”پن ٻوڙين پاتال ۾“، ”هوندا سي حيات“، ”شيدو ڏاڙيل“ ۽ ”ٻُري هن پنيور ۾“ ٻولي، ڪهاڻي جي اوسر ۽ پڄاڻي، ٻهراڙيءَ جي عڪاسي، سنڌ جي پيڙيل ۽ ڏتڙيل عوام سان گهري دلچسپيءَ ۽ همدردي سبب سنڌي ادب جو لازوال حصو بڻجي چڪيون آهن. رباني مٿين ڪهاڻين ۾ جو ڪجهه لکيو آهي، سو سنڌ جي مظلوم عوام جي باري ۾ صاف ۽ واضح آهي ۽ هن جي روح مان اٿيل نڪتو آهي، جيئن ڪنهن گهري زخم مان گرم خون نڪرندو آهي.

رباني ادبي ڪارڪردگيءَ ڪانسواءِ سنڌ جي صوبائي عليحدگي ۽ سنڌي وچولي طبقي جي سياسي شعور لاءِ جيڪو ڪم ڪيو آهي. ان جو مان اکين ڏٺو شاهد آهيان، هو سنڌ جي انهن امر ڪردارن مان آهي، جن سنڌ جي جدوجهد ۾ نهايت اهم حصو ورتو آهي، جن جي لڳاتار جاکوڙ نئين سنڌ جي انهيءَ تاريخ جي منتظر آهي، جنهن ۾ هن جو نالو سونهري اکرن ۾ لکيو ويندو.



غلام محمد لاکو

# غلام رباني آگرو: شخصيت جو هڪ پهلو

ورهاڱي کان پوءِ ساهتي علائقي (موجوده ضلعو نوشهرو فيروز) ادبي دنيا جي حوالي سان ٽي وڏا نالا پيدا ڪيا. ڊاڪٽر نجم عباسي جنهن 25 آڪٽوبر 1995ع تي وفات ڪئي. غلام رباني آگرو جنهن 18 جنوري 2010ع تي ستهتر (77) سالن جي ڄمار ۾ فاني جهان ڇڏيو. ڊاڪٽر قريشي حامد علي خانائي صاحب، جنهن ڇاهتر (76) سالن جي عمر ۾ 15 مارچ تي دم ڌڻيءَ جي حوالي ڪيو. ٽنهي اديبن ۽ عالمن سان، منهنجو ذاتي توڙي ادبي تعلق رهيو. وفات بعد ٽئي معتبر ماڻهو ۽ ادب جي دنيا جا ساک ڀريا انسان، پنهنجي اباڻي ماڳن ۾ وڃي ابدي آرامي ٿيا. هن مضمون ۾ آءٌ آگري صاحب جي باري ۾ ڪجهه لکندس.

غلام رباني آگرو بنيادي طرح افساني جي دنيا جو ماڻهو هو. ليڪن بعد ۾ خاڪا نگاري ڪيائين ۽ ٻين عنوانن تي به قلم کنيائين. راشدي ڀائرن کان پوءِ موجوده دور ۾ رباني صاحب کي ڀلوڙ نثر نويس تسليم ڪيو وڃي ٿو.

•••

غلام رباني آگرو عملي زندگيءَ جي ابتدا ۾ بورڊ ۾ ڊپٽي (اسسٽنٽ) سيڪريٽري مقرر ٿيو. سنڌي ادبي بورڊ ان وقت ڪراچيءَ ۾ هوندو هو. بورڊ کي بعد ۾ حيدرآباد منتقل ڪيو ويو. آگري صاحب کي 1970ع ڌاري بورڊ جو سيڪريٽري بڻايو ويو. سنڌي ادبي بورڊ جي ملازمت واري عرصي ۾، هن کي وڏن اديبن ۽ عالمن کي ويجهو رهڻ جو موقعو مليو. ۽ وري انهن اديبن جي حوالي سان وقت جي وڏن ماڻهن سان ويجهڙائي پڻ پيدا ٿي. سائين محمد ابراهيم جويو، راشدي ڀائر، عثمان علي انصاري، ڊاڪٽر دائودپوٽو، علامہ آءِ آءِ قاضي ۽ ڪي ٻيا سينيئر بزرگ هئا، جن کان ڪجهه نه ڪجهه سکيائين ۽ انهن جي فڪر جو مٿس اثر پيو. ادبي دنيا کان ٻاهر شڪارپور جي سومرا خاندان سان تعلق پيدا ٿيس، جي وقت ۾

وقت هن کي ڪم آيا ۽ پاڻ به انهن سان آخر تائين سلسلو قائم رکيائين. ان قسم جي معلومات پاڻ پنهنجي خاڪن واري ڪتاب ”جهڙا گل گلاب جا“ ۾ جابجا مهيا ڪئي اٿس.

•••

ليڪن ضروري ڪونهي ته انسان معاصر ڏاهن يا وڏن ماڻهن کان متاثر ٿئي. مطالعي وارو انسان گذريل زماني جي سگهارن ڪردارن کان سکندو به آهي ته اثر به وٺندو آهي. غلام رباني آگري جي زندگيءَ ۾ جهاتي پائڻ سان پتو پوي ٿو ته، سندس هڪ انگريز اسڪالر رچرڊ برٽن جي حياتي ۽ تحريرن سان خاص اُنس هو. برٽن انگريز عملدار هو. هو پيرا سنڌ ۾ آيو ۽ ملڪ کي گهرائيءَ سان ڏٺائين. اهو دور سنڌ ۾ انگريزن جي حڪومت جو شروعاتي دور هو. ذهين ۽ شاطر برٽن، سنڌ جي باري ۾ چار ڪتاب لکيا، جن جي اڄ سنڌ جي مطالعن ۾ خاص اهميت آهي. ڪتابن جا نالا هن ريت آهن:

تاريخ ۽ تمدن بابت ڪتاب گهرائي، هتِ، ڪراچيءَ ۾ پنهنجي گراهڪن کي ٻہ وڪڻندو هو، جن ۾ مکيہ ٽي هئا: هڪ مرحوم ذوالفقار علي ڀٽو، ٻيو مير علي احمد ٽالپر ۽ ٽيونّ سنڌي ادبي بورڊ. ٻيا گراهڪ بہ هوندس پر مون کي انهن جي خبر ڪانهي.

ڪِرين وِچ بڪ اسٽال ۾ ٻيو هڪ Salesman هوندو هو، جيڪو صفدر جو رقيب هو. ڪيس بہ خبر هئي تہ هي هي ماڻهو سنڌ جي تاريخ تي ڪتاب خريد ڪندا آهن. هڪ ڏينهن مان بُڪ اسٽال تي ويس تہ مون کي چيائين تہ، "سنڌ جي تاريخ تي هڪ اڻلڀ ڪتاب آهي. کپئي؟" مون چيو تہ، "ڏيکار". هو ڪتابن جي هڪ شيلف جي هيٺان، ولايت مان آيل گتي جي ڪريٽ مان ڪتاب ڪڍي آيو ۽ مون کي ڏنائين. ڪتاب جو نالو هو:

"Falconry in the valley of Indus".




غالباً ڪرائون سائيز ۾ هو. ولايت جو ڇپيل هو. پڪو جلد سونهري ڇٽن سان هئس. اندر تصويرون بہ ڇپيل هئس. مون پڇيس تہ، "گهڻو وٺندين؟" چيائين تہ، "جيڪي ڏيو". شايد سوا سؤ رپين ۾ ڏنائين. تيسين مون برٽن جو رڳو نالو ٻڌو هو. ڪتاب مليو تہ پڙهيم ۽ وڻيم. پر، تن ڏينهن ۾ انگريزي ڪتاب ايڏا گهڻا ڪو نہ پڙهيا هئم. سو جڏهن ان جا ڪي مضمون سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري "نئين زندگيءَ" ۾ ڇپائڻ جي ڪم ۾ هٿ وڌم، تہ چڱي محنت ڪرڻي پيم. مضمون جو شايع ٿيا، تہ پير صاحب مون کان ڪتاب جي پڇا ڪئي. مون کيس سربستي ڳالھ ٻڌائي. مون کان ڪتاب گهريائين. مون کيس ڏنو. پاڻ وٽ رکي ڇڏيائين.

جڏهن پير صاحب هيءُ جهان ڇڏي ويو، تہ سندس بيڊ روم ۾ حسين شاھ لئبريري ٺاهي. اتي ئي هڪ ڏينهن ڏٺم تہ رکيو هو. تنهن مان سمجهيم تہ پير صاحب نکي قائداعظم يونيورسٽيءَ وارن کي پنهنجي ڪتبخاني جي ذخيري ۾ ڏنو هو، ۽ نہ سنڌالاجيءَ ڏانهن ويل عطيي ۾ ويو. بهرحال، مون ڪتاب کي پير صاحب جي رحلت کان پوءِ هٿ لائڻ مناسب نہ سمجهيو.

هتي هيءُ ٻڌائڻ مناسب ٿيندو تہ "سنڌ ۾ بازن سان شڪار" اصل انگريزي ڪتاب دوباره انگلينڊ مان 1971ع ۾، ۽ سنڌ ثقافت کاتي توڙي آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس ڪراچي پاران، ٽيون ڀيرو 1997ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو آهي.

•••

سائين رباني صاحب ۽ رچرڊ برٽن جو تعلق ٿوَ سال پوءِ وري قائم ٿيو. سنڌي ادبي بورڊ رچرڊ برٽن جي ڪتاب "سنڌ ۽ سنڌو ماٿريءَ ۾ وسندڙ قومون" جو سنڌي ترجمو ڇپرائي پڌرو ڪيو. ترجمو محمد حنيف صديقي مرحوم ڪيو. سال 1971ع ۾ ڪتاب ڇپجي آيو، تڏهن بورڊ جو سيڪريٽري غلام رباني آگرو هو. پاڻ ان حيثيت ۾ پبلشر نوٽ لکيائين، جنهن ۾ برٽن جي خدمتن ۽ عيبن ثوابن تي مختصر مگر خوب روشني وڌائين. ڪتاب جي سنڌي ترجمي مان ڪي ٽڪرا ڪڍيا ويا هئا. ڪتاب جي رونمائي تقريب پاڪستان نيشنل سينٽر حيدرآباد ۾ منعقد ٿي. پير حسام الدين راشدي ڪتاب مان ڪجھ ٽڪرا خارج ڪرڻ تي سخت غصي جو اظهار ڪيو. رونمائي تقريب جي روئداد رسالي "مهراڻ" جي 1971ع جي ٽئين پرچي ۾ ڇپيل آهي.

•••

ويجهو ٿي ويو. پر ان سموري ماجرا ۾ به عزت ۽ جسم جان جي سلامتيءَ سان، سال 1997ع ۾ وري اچي سنڌي ادبي بورڊ کي وَسايائين (رٽائرمينٽ کان پوءِ 1993ع کان 1996ع تائين فيڊرل پبلڪ سروس ڪميشن جو ميمبر پڻ رهيو).

1970ع ۾ ون يونٽ ختم ٿيو ۽ سنڌ صوبو بحال ٿيو. شروع ۾ ثقافت کاتو سنڌ جي تعليم واري کاتي سان گڏ ڪم ڪندو هو. اڳتي هلي سنڌ ثقافت کاتو جداگانه حيثيت ۾ وجود ۾ آيو. ان ريت ٻين ثقافتي ۽ علمي ادارن وانگر سنڌي ادبي بورڊ به ثقافت کاتي جي حوالي ٿيو. عبدالحميد آخوند برجستو عملدار ۽ باصلاحيت انسان آهي. رباني صاحب 1997ع ۾ اسلام آباد ڇڏي، بورڊ جو اعزازي سيڪريٽري بنجي ويو. سائين محمد ابراهيم جويو بورڊ جو چيئرمين هو. جويي صاحب کان پوءِ غلام رباني آگرو 2002ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ جو چيئرمين بڻيو. آخوند صاحب ۽ رباني صاحب ۾ ڪجهه مسئلن تي ڇڪتاڻ پيدا ٿي. محمد ميان سومرو سنڌ جو حاڪم اعليٰ (گورنر) هو. ذاتي لاڳاپن ڪي ڪتب آڻيندي، رباني صاحب بورڊ کي ڪلچر کاتي مان ڪڍي، دوباره تعليم کاتي ۾ شامل ڪرائڻ ۾ ڪامياب ٿيو.

منهنجي مشاهدي، ٻڌ سُڌ ۽ ڄاڻ موجب، سنڌ جي هنن ٻن نهين عملدارن ۽ ڏاهن ۾ هي ٽڪراءُ، برٽن جي عملي زندگيءَ جي حساب سان، هڪ معرڪي جي صورت ۾ سامهون اچي ٿو. سائين جي.ايم.سيد چوندو هو ته ويهين صديءَ جي سنڌ ٽي وڏا انسان پيدا ڪيا، پر ٽئي سنڌ ۽ سنڌي عوام کي ڪم نه آيا. هيءَ هڪ حقيقت آهي ته عبدالحميد آخوند صاحب ۽ رباني صاحب جي ٽڪراءَ، سنڌ کي ثقافتي ۽ علمي حوالي سان فائدي بجاءِ نقصان ڏنو!

•••

سنڌ ۾ برٽن جي ڪتابن جي نئين سر مطالعي جو باني دراصل غلام رباني آگرو آهي. برٽن جا سنڌ تي لکيل چار ڪتاب ويجهڙ ۾ ٻيهر ڇپيا آهن. سنڌ ۾ بازن سان شڪار ۽ ٻيهر سنڌ ۾، نالن وارا ڪتاب عبدالحميد آخوند جي دلچسپيءَ سان ڇپيا آهن. جڏهن ته ٻه ٻيا ڪتاب صفدر مهدي، انڊس پبلشرز پاران ترولر ڪيا آهن. صفدر جو ذڪر مٿي رباني مرحوم جي خط ۾ آيو آهي. ان صاحب ٻيا به ڪوڙ سنڌ تي پراڻا انگريزي ڪتاب ٻيهر ڇاپي وڏي علمي خدمت ڪئي آهي.

سنڌ ۾ بازن سان شڪار، کان سواءِ برٽن جا باقي ٽي ڪتاب سنڌيءَ ۾ ترجمو ٿي چڪا آهن. هڪ جو ترجمو محمد حنيف صديقي مرحوم ڪيو، جنهن جو ذڪر گذريل صفحن ۾ اچي چڪو آهي. ٻيهر سنڌ ۾ (Sindh Revisited)، ۽ سنڌ ڏکويل ماٿري - (Sindh or the unhappy valley) مشهور مترجم عطا محمد ڀنڀري ترجمو ڪيا ۽ سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي شايع ڪيا. ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته ”سنڌ ۾ بازن سان شڪار“ پڻ مڪمل طرح سان ترجمو ڪري ڇپرائجي، جنهن ڪم جو بنياد اڄ کان اڌ صدي اڳ سنڌ جي نامور اديب غلام رباني صاحب رکيو هو!

رچرڊ برٽن سنڌ جي حوالي، سان هڪ وڏو نالو آهي. ذاتي طرح ته هو هڪ وڏو اسڪالر هو. پر هن جي سنڌ متعلق لکيل ڪتابن جي، هر ايندڙ ڏينهن تي اهميت وڌي رهي آهي. سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن بابت برٽن صاحب جو اڀياس انتهائي ڌيان طلب آهي. اڄ اسين جنهن رسم الخط ۾ سنڌي لکون ٿا. ان بابت رچرڊ برٽن ئي سنڌ جو ڪيس وڙهيو. جڏهن ته جارج اسٽئڪ ديوناگري خط جو حامي هو. ان سموري پس منظر ۾ نه رڳو برٽن جي سنڌ متعلق، سڀني ڪتابن کي سنڌي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪري ڇپرائجي. پر بهتر ٿيندو ته خود رچرڊ بابت سنڌي زبان ۾ مختصر مطالعو تيار ڪري شايع ڪجي!

◙



گل محمد عمراڻي

# مقدمي "جهڙا گل گلاب جا" جو نفسياتي ۽ سماجياتي جائزو

اڄ جو جديد علم نفسيات، انسان جي من اندر جي وارتا جي پروڙ، فهم ۽ فراست جي وسعت جو تجزيو ۽ ڇيد ڪرڻ سيکاري ٿو. ساڳي طرح سماجيات يا عمرانيات بہ ادبي ميدان ۾ تنقيدي حوالن سان ليکڪ ۽ سماج جي باهمي رشتن ۽ رابطن جي روشنيءَ ۾ اهو بغور جاچي ٻڌائي ٿو تہ ڪنهن ادبي تحرير پنهنجي ماحول جي جو ڪيترو اثر قبول ڪيو آهي. هڪ جديد تنقيدنگار وِلبر اِسڪاٽ پنهنجي مشهور تنقيدي ڪتاب Five Approaches To Literary Criticism (تنقيد جا 5 رستا) ۾ نفسياتي ۽ سماجياتي ادبي تنقيد کي هم عمر تنقيد نگاريءَ جون 2 اهم روشون ڄاڻايو آهي. اِهي ٻئي رستا مصنف جي اندر يا من جي (نفسيات) ۽ ٻاهر ماحول واتاورڻ (سماجيات) جي عڪاسي ڪن ٿا. مغربي ادب ويهين صدي ۾ ناليوارن ۽ هر دل عزيز مُصنفن، شاعرن، ڊرامہ نگارن ۽ نثري شهسوارن کي نفسياتي ۽ سماجياتي تنقيد جي تيز سراڻ تي گسائي، ٽڪو ڪري، سندن لکڻ جو ڳوڙهو جائزو وٺي، ڪين نج ۽ اصل سَندن ئي لفظن جي سٽائن، ترڪيبن، صرف ۽ نحو جي بيهڪن جي ڇيد ڪانپوءِ، تنقيدي پُلصراط تان گذاري، سندن ذات بابت ڪا حتمي راءِ ڏئي ٿو. ڊي.ايڇ.لارنس، جيمس جُوائس، ورجنيا وُولف ۽ جوزف ڪونراڊ جو من ڇيد ( Analysis Self) ۽ سماجياتي جائزو ( Sociological Evaluation) سندن تنقيدي جائزن ۾ ائين ٿيل آهي. ڄڻ تہ هُو ڪنهن نفسيات جي ماهر ۽ سماج [illegible] جي سامهون، بحيثيت ڪنهن ڪيس اسٽڊي ۾ پيش ٿيا هُجن. ڪيس اسٽڊي (انفرادي تجربو) هڪ ريسرچ جو اصطلاح آهي. هن مضمون ۾ غلام رباني آگري جي نثري شه پاري "جهڙا گُل گلاب جا" جي مقدمي جو اهڙو ئي نفسياتي ۽ سماجياتي جائزو وٺڻ جي ڪوشش ڪنداسون، جنهن سان اسان کي هن منفرد نثرنگار جي سماجياتي ۽ نفسياتي لاڙن ۽ ڪيفيتن جي خبر پئجي سگهي. آگري صاحب پنهنجي من اندر جي اصل وارتا، هڪ سچي ۽ حساس اديب جيان پنهنجي لکيل "مقدمي" ۾ ڪمال خوبصورتي ۽ سنجيدگيءَ سان، بغير رک رکاءَ جي، پڙهندڙ اڳيان پيش ڪئي آهي. سندس هيءُ "مقدمو" اِبن خلدون جي مقدمي وانگر ڪتاب کان بہ وڌيڪ حيثيت ۽ اهميت رکي ٿو، ۽ جيڪڏهن غور سان پڙهجي، تہ شايد ان کي بذات خود بہ پنهنجي جاءِ تي هڪ مڪمل ڪتاب جي حيثيت ڏئي سگهجي ٿي. "جهڙا گُل گلاب جا" سنڌي ادب ۾ تذڪره نويسي جي صنف ۾ هڪ نهايت اهم مقام رکي ٿو. ڇاڪاڻ تہ هن ڪتاب کان اڳ کي ڳاڻ ڳڻيا ڪتاب اسان کي تذڪره نويسيءَ جي موضوع تي ملن ٿا. پير علي محمد راشديءَ جو "اُهي ڏينهن اُهي شينهن" (ٽي جُلد) سائين جي.ايم.سيد جو "جنب گذاريم جن سين،" مولانا دين محمد وفائي جو "تذڪره مشاهير سنڌ" (3 جلد)، مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي جو مشاهير



## قاضي جاويد

# آگري صاحب جون ڪي يادون

فخر زمان دنيا جي ادبي نقشي تي پاڪستان کي سنيءَ طرح ظاهر ڪيو آهي. هن اسلام آباد ۾ بہ پيرا اديبن ۽ دانشورن جون اهڙيون بين الاقوامي ڪانفرنسون ڪرايون آهن جن جهڙيون ترقي يافتہ ملڪن ۾ بہ گهٽ ٿيون هونديون.

پهرين ڪانفرنس 1995ع ۾ ٿي هئي جتي سموري دنيا جي هڪ سؤ ملڪن جي چار سؤ کن اديبن حصو ورتو ۽ ٻي ڪانفرنس ڪي سال پوءِ هن سال يعني 2010ع ۾ ٿي جنهن ۾ چاليهہ ملڪن جا 80 اديب شريڪ ٿيا هئا.

اها ٻي ڪانفرنس مارچ جي وچ ڌاري ٿي. ان ۾ دنيا مان آيل اديبن کي اسلام آباد هوٽل ۾ رهايو ويو هو، پاڪستاني اديب بہ اتيءَ رهيل هئا. ڪانفرنس کان هڪ ڏينهن پهرين ڪيترائي اديب پهچي ويا هئا. هوٽل جي لابي ۾ ڏاڍي رونق هئي. رنگ برنگ جا ماڻهو، رنگ برنگي صورتون ۽ رنگ برنگ جا لباس هئا. هڪٻئي سان سڃاڻپ ٿي رهي هئي، رسمي جملا پئي ٻڌڻ ۾ آيا ۽ ڪٿي ڳالهيون اڳتي پئي هليون، رات جو نوين لڳي جي پهرين ئي ڏينهن ڌڪائتي خبر ملي هئي. ماني کائڻ ۽ پري پري کان آيل اديبن، شاعرن ۽ دانشورن سان ميل ملاقات کان پوءِ جڏهن آءٌ ۽ راحت سعيد هوٽل جي ڪمري ۾ مزيدار ڳالهين ۾ مصروف هئاسين تہ آگري صاحب سان گڏ گذريل وقت جون يادون دل کي لاڳيتو مروٽينديون رهيون.

غلام رباني آگري صاحب سان منهنجي پهرين مختصر ملاقات 1978ع ۾ ٿي هئي، ان وقت هو سنڌ يونيورسٽي ۾ پرو-وائيس چانسيلر هو ۽ شيخ اياز وائيس چانسيلر هو. گرمي وارين موڪلن ۾ پاڪستان فلسفہ ڪانگريس سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ پنهنجو ساليانو جلسو ڪرڻ جو انتظام ڪيو هو. ان ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ سڄي ملڪ مان فيلسوف ۽ فلسفي جا شاگرد حيدرآباد ۾ آيل هئا. ان جلسي جي افتتاحي سيشن ۾ مون ڪيَ مقالو پڙهڻو هو، ۽ فلسفي ۽ سائنس جي سيشن جي صدارت ڪرڻي هئي.

حيدرآباد جي گرمي اسان کي ڏاڍي تڪليف ڏني، وري انتظام جو بہ نالو نشان نہ ٿي نظر آيو. ٿيو هيئن تہ انتظام ڪرڻ وارن ڪاڌي جي دعوت ڏني. اسين سيئي هوٽل جي ڊائننگ هال ۾ وياسون. ڪاڌو کڻي آءٌ دوستن جي ويجهو هڪ ميز وٽ ٿي ويٺس، اتي ڊاڪٽر طاهر تونسوي هو، منير باديني هو جيڪو ڪوئٽہ مان آيل هو، منهنجي ڪاٻي پاسي تاج جويو هو، ڳالهيون ڪندي مون جويي کان پڇيو تہ سائين هن اسان جي آگرو صاحب جو ڇا حال آهي.

’فوت ٿي ويو؟‘ جويي مختصر جواب ڏنو.“

’فوت ٿي ويو؟ ادا ڪير فوت ٿي ويو.‘

”آگرو صاحب فوت ٿي ويو. ڪيترائي ڏينهن ٿيا.
18- جنوري تي وفات ڪيائين. اوهان کي خبر ڪانهي.‘

جويو صاحب کي شايد ڄاڻ نہ هئي، تہ غلام رباني آگرو سان منهنجي ڏيٺ ويٺ پراڻي هئي، نہ تہ هو ڪنهن ٻي طريقي سان هن جي رحلت جو ذڪر ڪري ها. خير، ٽي چار ڏينهن خوش گذارڻ جي ارادي سان اسلام آباد وڃڻ

حسين اداري جي ڪم ڪار بابت ٻڌايو. اداري جي سيڪريٽري تاج جويو سنڌي زبان جي ترقي ۽ نين ادبي ۽ ثقافتي تحريڪن تي روشني وڌي. اوبين هڪ ٻئي سان ڳالهيون ڪيون. چانهه پيئڻ وقت مون آگري صاحب کي ڳوليو، پرهو موڪلائڻ کان سواءِ اتان هليو ويو.

ان کان ٽي سال اڳ به مون هن سان ملڻ جي ڪوشش ڪئي. ان وقت فڪشن هائوس جي هڪ ميڙ ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ اسين حيدرآباد ۾ ويا هئاسين، ان ڀيري به مون آگري صاحب جي گهر فون ڪئي، خبر پئي ته هو ڪراچي ويل هو، سنڌ مان واپس اچڻ کان پوءِ مون کي هن خط لکيو، ان ۾ هن اداره ثقافت اسلاميه سان پنهنجي پراڻي تعلق ۽ اداري جي اڳوڻي چيئرمين واجد علي شاهه صاحب مرحوم سان پنهنجي نيازمنديءَ جو ذڪر به ڪيو هو. هُن اداري کي ترقي وٺائڻ لاءِ پڻ ڪي تجويزون ڏنيون هيون.

آگري صاحب سان آخري ملاقات ڊسمبر 2009ع ۾ ٿي. هو اقبال اڪيڊمي جي بورڊ جي جلسي ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ لاهور آيو هو. هن مون کي فون ڪئي، مون هن کي رات جي ماني گڏ کائڻ جي دعوت ڏني، پر هن مون کي پاڻ وٽ هلي دي ان ۾ اچڻ لاءِ چيو.

ڪلاڪ کان پوءِ آءٌ هن وٽ پهچي ويس. پوءِ ته ڳالهيون ٿينديون رهيون. هو ڏاڍو مِٺ بوليو هو. افسانه نگار هجڻ جي ڪري هو جڏهن ڳالهائيندو هو ته معلوم ٿيندو هو ته ڪو افسانو پيو ٻڌي.

اها هڪ دکهي ڳنڍجاڻي هئي، ان ۾ احمد فراز جو ذڪر ٿيو ته آگرو صاحب چوڻ لڳو ته: ”ماڻهو چون ٿا ته اڪيڊمي ادبيات جي اڳواڻيءَ تان هن کي هٽائڻ لاءِ مون تعليم جي وزير غلام مصطفيٰ شاهه کي چيو هو. پر اهو سچ نه آهي، حقيقت ۾ هنن جا پاڻ ۾ اختلاف هئا. جيئن ئي فراز جي عمر سٺ سال ٿي ته شاهه صاحب هن ڏانهن رٽائرمينٽ جو حڪم نامو موڪلي ڏنو، منهنجو ان ۾ ڪوبه دخل نه هو.“

ان ئي محفل ۾ ڊاڪٽر اينميري شمل جو ذڪر نڪتو جو آگرو صاحب هن جو مداح هو. مون هن کان پڇيو ته مڪليءَ جي قبرستان ۾ هن جي دفن ٿيڻ جي خواهش ڇو نه پوري ٿي. آگرو صاحب مرڪندي ورائيو ته گلن ۽ نهرن جي ديس مان اچي مڪليءَ جي ريگستان ۾ ڪير دفن ٿيڻ گهرندو. هوءَ سياڻي ماڻهو هئي. وري آگرو صاحب پير حسام الدين راشدي ۽ ڪن ٻين سان ڊاڪٽر شمل جي معاملن جي ڳالهه ڪئي.

هو راشدي صاحب کي پنهنجو مهربان سمجهندو هو، هو راشدي صاحب جي نظرداريءَ هيٺ سنڌي ادبي بورڊ ۾ ڪم ڪري چڪو هو ۽ چيائين ته راشدي صاحب جو مٿس گهڻو ڀروسو هو ۽ هر معاملي ۾ صلاح ڪندو هو، هنجا مون تي وڏا احسان آهن.

سنڌي ادبي بورڊ جو ذڪر آگرو صاحب فخر سان ڪندو هو، اتي هو اسسٽنٽ سيڪريٽري ٿي آيو ۽ چيئرمين جي عهدي تي پهچي ويو. هو ايترو عرصو بورڊ جي خدمت ڪرڻ سبب سمجهندو هو ته بورڊ جي ڪاميابيءَ ۾ هن جي پنهنجي محنت جو به وڏو حصو آهي.

اهي ڳالهيون ڪندي هن شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جا شعر به ٻڌايا ۽ چيو ته سندس هڪ بزرگ مخدوم عبدالله نالي هوندو هو جيڪو شاهه ڀٽائي“ جو دوست هو. مشهور آهي ته شاهه ڀٽائي جڏهن به مخدوم عبدالله جي ڳوٺ وٽان لنگهندو هو ته ساڻس ضرور ملڻ ايندو هو.

مخدوم عبدالله جو ذڪر مير عليءِ شير قانع ٺٽوي پنهنجي مشهور ڪتاب ’تحفة الڪرام‘ ۾ ڪيو آهي. مخدوم جو هڪ فرزند مخدوم محمد دائود آگرو به پنهنجي وقت جو مشهور عالم هو. آگرو صاحب پنهنجي انهن بزرگن جو ذڪر عزت ۽ احترام سان ڪندو هو. هن نوابشاهه جي ويجهو سنڌو درياهه جي ڪناري آباد ڳوٺ ’آگرو‘ کي به نه وساريو جتي هو پيدا ٿيو هو. اهو هڪ ننڍڙو ڳوٺ هو. هن ساروڻي ساريندي چيو، ”خالص سنڌي نموني جو ڳوٺ ڪڏهن ڪڏهن سوچيندو آهيان ته شموري حياتي جيڪر اتي گذري ها ته شايد اڄ مون کي وڌيڪ آرام ۽ سک هجي ها.“

رات وڌيڪ ٿڌي ٿيڻ لڳي، يارهين وڳي مون موڪلايو. هوٽل جي دروازي وٽ موڪلائڻ وقت هن چيو هو ته اداره ثقافت اسلاميه جي بورڊ جي گڏجاڻيءَ ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ هو لاهور ضرور ايندو.

اسان مان ڪنهن کي ڪو احساس ئي نه هو ته موت اهو وعدو وفا ڪرڻ نه ڏيندو.

◈

ڪن ٿا، پر ان کي به وڌيڪ سندس تحريرون سنڌي ادب لاءِ "آبِ حيات" کان گهٽ ڪونه هيون. سندس شاهڪار تخليق "جهڙا گل گلاب جا" کان وٺي "سنڌ جا برَ، بَحر ۽ پهاڙ" توڙي مهراڻ ۾ ڇپجندڙ مقالن ۽ سفرنامن تائين بس اهو اونو رهندو هو ته آگري صاحب جي قلم جي چاشني چکجي ٿي چکجي...... سندس زندگيءَ جي آخري تحرير جيڪا مهراڻ ۾ ڇپي آهي، ان جي به ڇا ڳالهه ڪجي...... سندس فڪر جو انداز تعميري ۽ نظر ڊگهي هوندي هئي، هجوَ ۽ مذاق تحرير جو خاصو هوندي هئي. سفرنامن ۾ وري اهڙي ته منظرڪشي ڪندو هو جو پڙهندڙ کي به تصور ئي تصور ۾ پاڻ سان گڏ گڏ وٺي هلندو هو. ڪڏهن ڪڏهن سندس قلم جو گهوڙو ذاتيات ۽ شخصيات ۾ به ڪاهي پوندو هو، پر هو پنهنجي تحرير جي ذريعي نئين غير ملڪي تهذيب جون بڇڙايون بيان ڪندي سنڌين کي پنهنجن قديمي تهذيبي ليڪن لتاڙڻ ۽ اباڻي ريت وسارڻ کان به روڪيندو رهيو. اهو هڪ قسم جو وڏو ڪشالو هو، جنهن جو مقصد هو ته نون تهذيبي ۽ تمدني طوفانن جي عين وچ ۾ سنڌ کي ۽ سنڌي ماڻهن توڙي سنڌي ادارن کي پنهنجي اصلي ۽ حقيقي محور تي قائم رکيو اچجي. سنڌي نوجوانن کي مغربي تهذيب جي سيلاب ۾ لڙهي وڃڻ کان بچائڻ ۾ آگري صاحب جي تحريرن جو وڏو هٿ آهي. هونئن به آگري صاحب جي تحريرن ۾ شاعرائيون جهلڪيون ايتريون هونديون هيون جو مون هڪ دفعو کيس چئي ڏنو هو ته: "سائين! اوهان يا ته جوءِ مائل شاعر آهيو يا هاڻي ڪڏهن نه ڪڏهن شاعر بڻبؤ، سندس لکڻين ۾ تشبيهون ايتريون ته خوبصورت ۽ نيون نيون استعمال ٿيل هونديون هيون جو پڙهندڙ حيرت ۾ اچي ويندو هو. آگري صاحب زندگيءَ ۾ ڪڏهن به پنهنجي خيالن ۾ اظهار کلئي نموني نه ڪيو، هميشه حالتن کي ڏسي اهڙي نموني لکندو هو ته "نانگ به مري ۽ لٺ به بچي." اهڙو مثال حسين شاهه راشدي مرحوم جيڪو سنڌ جي اردي شخص پير علي محمد راشدي جو پٽ هو ۽ سندس چاچي پيرحسام الدين راشديءَ جو گود ۾ پليو هو. آگري صاحب جو لکيل خاڪو جيڪو سندس حياتيءَ ۾ ڇپيو، ان ۾ ٻولي ٻي استعمال ٿيل هئي ۽ هاڻي جڏهن ٻئي هن جهان ۾ ڪونهن ته تازي مهراڻ ۾ راشدين لاءِ آگري صاحب جا ريمارڪس به پڙهڻ جهڙا آهن، اڪثر ليکاري بنا مهل موقعي جي ڳالهه ڪري نه صرف ٻين لاءِ مسئلا پيدا ڪندا آهن پر پاڻ به انهن ۾ اُلجهي پوندا آهن، پر آگرو صاحب ماڻهو ڏسي، ماحول ڏسي، ماڻهن جي سوچ ۽ عقل جو پيمانو ماپي پوءِ ڳالهه ڪندو هو، اهوئي سبب هو جو هو ڪڏهن به ڪنهن لاءِ متنازعه نه رهيو. آگرو صاحب ڪتاب دوستيءَ سان گڏ ڀٽائي، رومي، حافظ ميران ٻاٽي، ڪبير ۽ صوفي شاعرن جو مشتاق هوندو هو، موسيقي ٻڌڻ ۽ ان کي انجواءِ ڪرڻ سمجهڻ ۽ پروڙڻ پڻ سندس جستجو ۾ شامل هئي، تڏهن ته کيس پنجابي، سرائڪي، سنڌي ۽ اردو جا رڪارڊ ڏاڍا وڻندا هئا، خاص ڪري نصيبو لعل ۽ ريشما جي ڪلامن تي ته عاشق هوندو هو.

سانون عشق دا ول جدون آيا
سجڻ پرديسي هوگئي......

باربار جهونگاريندو رهندو هو. سندس روح ۾ استاد منظور علي خان، سونو خان، ڪنور ڀڳت ۽ انهن جهڙن ٻين ڪلاسيڪل ڳوين جو آواز رچيل هوندو هو، آخري ايامن ۾ آءٌ هڪ دوست سان گڏجي سندس قاسم آباد واري بنگلي تي وياسين، جيڏي مهل ٻاهر نڪري آيو ته مون کي سندس چهري ۾ مايوسيءَ جا آثار ڏسڻ ۾ آيا، چيائين: "حافظ صاحب! ديدار ڪرائڻ ۾ ڏاڍيون ديرون ٿا ڪيو...... ڪهڙي دنيا ۾ آباد آهيو؟" چيم! "سائين پيا زندگي جا پَساهه پورا ڪيون". "اڄ ڪيئن نڪري پيا آهيو؟" ورائيم ته: "سائين! اوهان جيڪو ڪتاب "سنڌ جا بَر بَحر ۽ پهاڙ" لکيو آهي، ان ڪتاب جا شروعاتي 80 صفحا سنڌ جي عظيم صوفي باصفا عالم حضرت پير محمد راشد

# مهراڻ البم



ڪابي ڪان، مسٽر ڪهه لان چيني ميزبانُ، غلام رباني آگرو،
مرزا اديب ۽ چيني ڪار ڊرائيور ديوار چين جي اڳيان



غلام رباني آگرو، ائنيمري شمل ۽ جرمنيءَ جي سفير سان گڏ
چترال ۾.

# البم



غلام رباني آگرو، جميل الدين عالي، فاطمہ ثريا بجيا ۽ مشهور صحافي غازي صلاح الدين.



غلام رباني آگرو ۽ سرحد جو مشهور شاعر غني خان

# مہراڻ البم



ساڄي کان ٻيو نمبر غلام رباني آگرو، ساڻس گڏ مظهر يوسف،
جاويد شاهين ۽ زيتون بانو، ارومچي ايئرپورٽ تي.



غلام رباني آگرو پاڪستان جي اديبن جي وفد جي نمائندگي
ڪندي، چيني ميزبانن سان گڏ.

# البم



غلام رباني آگرو، اردوءَ جي نامور شاعر سيد ضمير جعفري ۽
ٻين اديبن سان گڏ.



غلام رباني آگرو، نثار احمد ميمڻ سان گڏ.

# مبا البم



آگرو صاحب ۽ سنڌ جو مشهور عالم سراج الحق ميمڻ خوشگوار موڊ ۾.



حسين شاهه راشدي، غلام رباني آگري جي عيادت ڪندي، پٺيان
نفيس احمد شيخ ويٺل.

# مبا البم



غلام رباني آگري جي عالمن جي سرتاج علام غلام مصطفيٰ قاسميءَ
سان هڪ يادگار تصوير.



غلام رباني آگرو ، مظهر يوسف ۽ سيد غوث علي شاھ اڪيڊمي
ادبيات جي تقريب ۾.

چڏيا. نتيجو اهو نڪتو تہ رات ڏينهن ماسترن جا لڏا اسان جي اوطاق ۾ لٿا پيا هجن. بابي سائينءَ جو نياپي مٿان نياپو گهر پهچي تہ پهريائين پنجن ماسترن لاءِ ماني موڪليو، پوءِ ستن ماسترن لاءِ چانور چاڙهيو ۽ پٽاٽا تريو، سڄو ڏينهن اسان جي گهر چلهہ تان دانگي نہ لهي........ ماڻهو ماٺحتن مان ڪاڻيندا آهن. بابا ڪين ڪارائيندو هو. سندس پڳهار ماسترن کي ماني کارائڻ ۾ ئي پوري ٿيندي هئي. سندس يار دوست ۽ مهمان ان کان علاوه ايندا هئا. مهمان آيو تہ سندس ڪاڻ ڄڻ تہ عيد ٿي ويندي هئي......

اوطاق ۾ مانيءَ کان پوءِ ڪچهري ٿيندي هئي. بابا سائين محفل تي ڇانيو رهندو هو. سندس ٻڌا ٻڌا ٽهڪ پري کان ٻڌڻ ۾ ايندا هئا.... ..(ص 176 کان 178)

بابا سائينءَ کي ڪتابن پڙهڻ جو ڏاڍو شوق هوندو هو. اڪثرَ ڪري سنڌي ڪتاب خريد ڪندو هو. بعضي بعضي فارسي ڪتاب بہ وٺندو هو. سندس هڪ فارسي ڪتاب 'شرح گلستان' اڃا تائين مون وٽ يادگار آهي. سنڌ مسلم ادبي سوسائٽيءَ جو ميمبر هو ۽ ادبي رسالن جو ساليانو خريدار هو...... (ص 180-181)

بابا سائين پابنديءَ سان پنج وقت نماز پڙهندو هو ۽ روزو قضا نہ ڪندو هو. چاچا سائين تہ ختمي درود جو بہ خيال رکندو هو. اُسرَ جو اٿي مٺي آواز سان ذڪر ڪندو هو. آخري عمر ۾ حج بہ ڪيائين. مون بابا ۽ چاچا جي نشست برخواست ۾ برصغير جي مسلم-فارسي ڪلچر جو هلڪو رنگ بہ ڏٺو. چاچا پنهنجي ذاتي ذوق سان سڪندر نامي تائين ۽ بابا يوسف زليخا تائين فارسي پڙهيو. سندن ڪتابن مان سعديءَ جو گلستان ۽ زيب النساء جو 'ديوان مخفي' مون وٽ اڃا محفوظ آهن...... (ص- 71)

بابا سائين پنهنجي پيءُ ڏاڏي جي مسلڪ موجب پورو پورو مذهبي ماڻهو هو. پر، مذهبي ڪٽرپڻي کان بلڪل آجو هو...... مون کي قرآن مجيد پاڻ پڙهايائين......... غريبن سان ايڏي تہ دل هيس جو وَسُ پڄيس ها تہ سڄي دنيا جي دولت غريبن ۾ ورهائي ڇڏي ها...... مان سڄي عمر غريبن جو حمايتي رهيس سو ان ڪري جو مسڪينن سان محبت پيءُ ڏاڏي کان ورثي ۾ مليم (ص 183-184).

ڪتاب ۾ ڪيترين ئي جاين تي پنهنجي ڏاڏي جو ذڪر بہ ڪيو اٿس. اچو تہ پڙهون تہ ڏاڏا سائينءَ لاءِ ڇا ٿو لکي:

"منهنجي ڏاڏي کي بہ پيغمبر سان حب هوندي هئي. سندس نالو بہ محمد هو. پر حاجي محمد نالي مشهور ٿي ويو، سو ان ڪري جو ٻارنهن حج ڪيا هئائين. ان زماني ۾ سفري سهوليتون ڪونہ هونديون هيون.......

ڪنڊياري تعلقي ۾، پنهنجي ڳوٺ مان پيادل نڪرندو هو. وسنديون ۽ ويرانا، صحرا ۽ ريگستان، ٻوڻا ۽ پهاڙ پار ڪري، مديني ۾ پيغمبر جي چائنٺ چمندو هو....... سفر ۾ ڪيس پورو سال لڳي ويندو هو. ڳالهہ ڪندو هو تہ...... ست حج پيا دل ڪيم. پوءِ اگبوٽ ايجاد ٿيا. چار حج انهن جي وسيلي ڪيم" (ص- 68)

"ڏاڏا سائين ترجو مجيل حڪيم ۽ وڏيءَ دل وارو انسان هو. اسان جي ڄمڻ کان اڳ ئي هيءُ جهان ڇڏي ويو هو. پر، هنتين ماڳين سندس سخاوت جي هاڪ هئي." (ص- 71)

"مهمان نوازي سندس مزاج ۾ سمايل هئي. اسان جي ڳوٺ ۾ جيڪو بہ مسافر ايندو هو، ان کي ڏاڏا حاجي ماني کارائيندو هو. غريب غربي کي دل کولي خيرات ڏيندو هو. ڪڏهن ڪڏهن تہ بدن تان لٽا لاهي بہ ڏيندو هو ۽ پاڻ گوڏ ٻڌي گهر پهچندو هو. پوين ڏينهن ۾ ڳوٺ کان ميل پنڌ تي مڪي رستي تي مسجد تعمير ڪيائين. اها مسجد اڃا بيٺي آهي. اتي اٽو، چانور، دال پٽاٽا ۽ رڌ پچاءَ جا ٿانوَ وڃي رکيائين. رستي جي عام راهگيرن ۽ مسافرن کي پاڻ ماني پچائي ڪارائيندو هو......" (ص — 177 )

سو، ٻاراڻي وهيءَ کان ئي ادا ربانيءَ کي اهڙي ماحول ۾ تربيت ملي، جنهن ۾ علم حاصل ڪرڻ جو شوق، الله ۽ رسول ﷺ سان محبت، غريبن سان

لکيائين. چيائين تہ سنڌي ادبي سنگت افسانن جي چٽاڀيٽي ڪرائي آهي. مون چيس تہ مان بہ لکان؟ چيائين تہ ڀلي لک. مون افسانو لکي ڪيس ڏنو، جو پنهنجي افساني سان گڏ سنگت جي سيڪريٽري عبدالغفور انصاريءَ کي ڏيئي آيو. هفتي کن کان پوءِ انصاري مون کي ميس (Mess) ۾ مليو. چيائين تہ سڄي سنڌ مان تقريباً پنجاهہ کن افسانا آيا آهن. هفتي کن کان پوءِ نتيجو ظاهر ٿيو تہ منهنجي ئي افساني کي ججن پهريون نمبر انعام ڏنو. ان کان اڳ مان ڪتاب ۽ رسالا تہ پڙهندو هوس، پر لکڻ ڏانهن توجهہ ڪونہ هو. ادبي سنگت جي انعام مون ۾ لکڻ جو شوق پيدا ڪيو. سنڌ، ماهنامي 'نئين زندگيءَ' جي ايڊيٽر مولانا عبدالواحد سنڌيءَ مون کي ڳولي لڌو ۽ رسالي لاءِ افسانو گهريو. ٻئي طرف جويي صاحب انعام يافتہ افسانو 'مهراڻ' ۾ شايع ڪيو. ائين مون سنڌي ادبي سنگت جي گڏجاڻين ۾ وڃڻ شروع ڪيو.
(ص 616-617)

ادا ربانيءَ جي افساني کي جن ججن پهريون نمبر ڏنو، سي ڪل ٽي جج هئا، جن جا نالا ص 249 تي هن طرح ڏنا اٿس:

(1) بيگم زينت عبدالله چنا (2) عثمان علي انصاري ۽ (3) پير حسام الدين راشدي.

ان کان پوءِ جڏهن پاڻ لکڻ شروع ڪيائين تہ ڪيئن ڪيائين، تنهن جي باري ۾ ٻڌائي ٿو (ص 383)

"جڏهن مون خود ادبي رسالن ۾ لکڻ شروع ڪيو، تڏهن شروعاتي زماني ۾ پاڻ کي غلام رباني "سنڌي" لکندو هوس. "سنڌي" لفظ جو اضافو شيخ صاحب جي شخصيت کان متاثر ٿي ڪيو هوم، جو پاڻ شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ جي نالي سان لکندو هو."

سنڌ سيڪريٽريٽ مان نوڪري ڇو ڇڏيائين ۽ پوءِ ڪاڏي ويو؟ تنهن بابت ادا رباني ٻڌائي ٿو (ص 458)

"سنڌي ادبي سنگت ڪراچيءَ منهنجي افساني کي پهريون نمبر انعام ڏنو. اهو ٻڌي مولوي (عبدالواحد سنڌي) مون کي ميئارلر هاسٽل ۾ ڳولي لڌو— مولوي صاحب مون کان رڳو نئين زندگيءَ لاءِ افسانا ڪو نہ ورتا، پر سنڌ سرڪار جي نوڪري ڇڏرائي، پاڻ وٽ نئين زندگيءَ جي آفيس ۾ ملازمت وٺي ڏني. پوڻا بہ سال گڏجي ڪم ڪيو سون. جڏهن سنڌي ادبي بورڊ وارن ڇڪيو ۽ ڪانئس موڪل گهريم تہ اجازت تہ ڏنائين پر دل مان ڪونہ ڪيائين—"

ماهنامي نئين زندگيءَ کي ڇڏي سنڌي ادبي بورڊ ۾ نوڪريءَ جي شروعات ڪيئن ڪيائين، تنهن بابت ادا رباني ٻڌائي ٿو (ص 620).

"1957ع ۾ جڏهن پاڻ (محمد ابراهيم جويو) سنڌي ادبي بورڊ جو سيڪريٽري هو، تڏهن وٽس اسسٽنٽ سيڪريٽريءَ جو عهدو خالي ٿيو. سنڌ سڄي ڪانہ هئي، پر سندس نظر انتخاب مون تي ئي پئي...."

سنڌي ادبي بورڊ ۾ اسسٽنٽ سيڪريٽري مقرر ٿيڻ کان اڳ ماهنامي نئين زندگيءَ ۾ نوڪريءَ دوران پاڻ ادبي رسالن لاءِ جيڪي افسانہ لکيائين، تن جو مجموعو "آب حيات" نالي ڇپايائين ۽ انهيءَ ڪتاب جو انتساب اظهار ڪاظميءَ صاحب ڏانهن ڪيائين، جو نوشهري فيروز ۾ سندس استاد ٿي رهيو ۽ ساڻس بيحد عقيدت هئس. انهن افسانن مان ڪي بعد ۾ انگريزي، چيني ۽ جرمن زبانن ۾ بہ ترجمو ٿيا ۽ اهي ملڪن ۾ بيحد پسند ڪيا ويا.

پنج سال کن سنڌي ادبي بورڊ جي آفيس ڪراچيءَ ۾ گذاريائين. جنهن بعد سن 1962ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ جون آفيسون ڪراچيءَ مان "امين منزل" گاڏي کاتي حيدرآباد ۾ ڪچي آيون.

اهو ئي دور - هو جنهن ۾ ون يونٽ خلاف سنڌ ۾ تحريڪ زور تي هئي. سنڌي اديب، شاعر، دانشور سنڌي زبان ۽ سنڌ صوبي جي اصلوڪي حيثيت بحال ڪرڻ لاءِ رات ڏينهن مصروف هئا. ادا رباني بہ انهن جذباتي نوجوانن مان هڪ هو. انهيءَ سلسلي ۾ هڪ پريس بيان تيار ڪيو ويو تہ سنڌ جي نامور شخصيتن کان صحيحون وٺي سرڪار کي موڪلجي. ڪراچيءَ مان صحيحون وٺي اچڻ جو ڪم ادا ربانيءَ تي رکيائون، جنهن انهيءَ بيان تي شيخ عبدالمجيد سنڌي، امير حيدر شاهہ، رئيس غلام مصطفيٰ ڀرڳڙي، پيرزادي عبدالستار ۽ اي.ڪي بروهيءَ کان صحيحون ورتيون. انهيءَ پريس بيان تي حڪومت ڪاوڙجي پئي، جنهن بعد سنڌ يونيورسٽي اولڊ ڪيمپس جي بند

پڇيومانس تہ ”ڪاڏي هلون؟“ چيائين تہ ”واڌو واهہ واري رستي سان راڻي باغ ڏانهن ٿا هلون.“ جڏهن راڻي باغ جو موڙ آيو تہ چيائين ”هوٽل انڊس.“ جڏهن هوٽل انڊس ۾ پهتاسين تہ مون اتي ڪنهن بہ دعوت جو اهتمام ڪونہ ڏٺو. مون کي سڌو وٺي وڃي ڊائننگ هال ۾ وهاريائين ۽ پوءِ مانيءَ جو آرڊر ڏئي دنيا و مافيها جي ڳالهين ۾ اچي پيو. انهيءَ هال ۾ ٻہ سنڌي ليکڪائون بہ ڪنهن ٽيبل تي اڪيليون ماني کائي رهيون هيون. اچي انهن تي ڪُليو پوءِ تہ ڏاڍو کِلايائين پاڻ بہ کلندو رهيو ۽ ساڻس انهن جي ملاقاتين جا احوال بہ ڏيندو رهيو. منهنجي لاءِ سڀ نيون ڳالهيون هيون، رات جا ٻارنهن ٿي ويا. جڏهن مون کيس چيو تہ هاڻي گهر هلون، دير ٿي وئي آهي، تہ چيائين ”ادا غفار! زندگي الائي ڪيتري، اچا بہ ويهہ تہ ڪي قرب جون ڳالهيون ڪريون.“ ۽ پوءِ نوشهري مدرسي ۾ پنهنجي ننڍائپ جون ڳالهيون شروع ڪيائين. ڏاڍي مُوڊ ۾ پنهنجي منڙي امڙ، پنهنجي والد بزرگوار ۽ ڀائرن جون ڳالهيون بہ ڪيائين.

زماني جي بي ثباتيءَ جي ڳالهہ ڪندي چيائين تہ ”ماڻهوءَ جي محبت کي جنت جو جام سمجهيم. دوستن کي اڻ ميو قرب ڏنم. پر اڻ گهرئي قرب جو قدر ڪي مون جهڙا فقير ئي ڪندا، نہ تہ ٿيو خير.“

اها منهنجي ساڻس (Last Supper) آخري رات جي ماني هئي، جنهن جو سواد ئي ڪجهہ ٻيو هو. واپسيءَ ۾ کيس گهر ڇڏي آيس. وچ ۾ ٻي ڏينهن گذريا، چوٿين ڏينهن يعني 18- جنوري 2010ع تي محترم ناشاد جي فون آئي تہ ”رباني جو روح پرواز ڪري ويو.“ ٻڌڻ سان ئي جسم شل ٿي ويو، اکين مان نار وهي هليا، اِناللہ ۽ پوءِ ڪجهہ هيئن ياد پيو...

ٿيا شاهہ سڪندر، دارا،
جن جوڙيا تخت هزارا،
سڀ خان وڃائي ويا وارا،
هيءَ دنيا آهي فاني،
ڪنهن سان نہ نڀائي جاني.

اهڙي ياد جي جدائي ڏاڍي ڏکوئيندڙ آهي. شال جنت الفردوس ۾ هوندو.

◙

# غلام رباني آگري جي ڪتاب مان ڪنيل

سنڌ عيسوي ويهينءَ صديءَ ۾ ٻہ وڏا اديب ۽ دانشور پيدا ڪيا، ٻئي غريب گهرن ۾ پيدا ٿيا ۽ پنهنجي غربت تي ناز ڪيائون. سڄي عمر غريبن جا حمايتي ٿي رهيا ۽ ڪڏهن بہ اميرن سان سودو نہ سليائون. نہ وري ڪنهن خاڻ خاڻ جي پٽ جي پرواهہ ڪيائون. محنت ۽ اورچائي سان اهڙو تہ نالو پيدا ڪيائون جو تاريخ جي صفحن تي مهر هڻي ڇڏيائون. پهريون ويهين صدي جي پهرئين اڌ ۾ سنڌ جي آسمان تي اُڀريو ۽ ٻيو اڌ ۾. پهرئين جو نالو هو- ميرزا قليچ بيگ ۽ ٻئي جو محمد ابراهيم جويو. ميرزا قليچ بيگ لاءِ منهنجي بي پناهہ محبت ڏسي، هڪ دفعي ڪنهن دوست حسرت سان مون کي چيو هو، افسوس آهي تہ تو قليچ ڪونہ ڏٺو.

مون کيس جواب ڏنو هو. هائو، پر مون کي خوشي آهي تہ مون محمد ابراهيم جويو ڏٺو.

[صفحہ 627، جهڙا گل گلاب جا].

ڪيترن ئي مقبول مزاحيہ ڪتابن جو ليکڪ شفيق الرحمان، اڪيڊمي ادبيات ۾ منهنجو چيئرمن هو. مون کي سندس اندر ۾ هڪ انتهائي سنجيدو ۽ بردبار شخص نظر آيو. وضعدار ۽ بي انتها ايماندار. جيڪڏهن مون کان پڇيو وڃي، تہ سڄيءَ زندگي ۾ ڪيئي ننڍا وڏا عملدار ڏٺا، انهن ۾ ڪو سورنهن آنا ايماندار شخص بہ ڏٺئي؟ تہ مان بي دڙڪ شفيق الرحمان جو نالو وٺان ۽ سندس شخصيت هنن لفظن ۾ بيان ڪريان تہ:

He was a Perfect gentleman.

[صفحہ 634، جهڙا گل گلاب]

چونڊ. نصير مرزا



سيد زوار نقوي

# صفحن ۾ منظر

آءٌ ڪتابن خريد ڪرڻ ۾ ڏاڍو سست آهيان، يا وري ائين به آهي ته منهنجون مالي حالتون مون کي ائين ڪرڻ جي ڪجهه گهڻ اجازت ڏين ٿيون. هونئن به سنڌيءَ ۾ شايع ٿيندڙ ڪتاب گهڻي ڀاڱي مروج روايت موجب بين جيان مون کي به اعزازي ڪاپيءَ جي صورت ۾ ملندا آهن. جيڪي ڪتاب خريد ڪري ڪونه سگهندو آهيان ۽ اعزازي ڪاپيءَ جي صورت ۾ نه به ملندا آهن، سي وري دوستن وٽان پڙهڻ لاءِ ڪٺي ايندو آهيان. ڪجهه ڪتابه ڪڏهن ڳاڏي ڪاتي وٽان مٽيندي، ڳاڏڙن تي پيل رديءَ مان سستي اگهه تي حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيندو آهيان. ائين پنهنجي پڙهڻ واري خواهش جي پورائي ڪندو رهندو آهيان.

علم حاصل ڪرڻ لاءِ درپيش انهن سڀني مسئلن کان پوءِ به مون وٽ پنهنجي ذاتي لائبرريءَ ۾ چڱن چوکن ڪتابن جو تعداد موجود آهي ۽ ڪافي دوست حوالي لاءِ گهربل ڪتاب منهنجيءَ لائبرريءَ مان حاصل ڪندا آهن، جيڪي آءٌ ڪين ڏيڻ ۾ سرهائي محسوس ڪندو آهيان. آءٌ ان راءِ جو آهيان ته علم کي وڌ کان وڌ علم دوستن تائين پهچڻ گهرجي. ان جي باوجود به آءٌ سمجهان ٿو ته مون ته اڃا علم جو اڀياس ڪيو ئي نه ڪونهي. پر، پوءِ به پنهنجي مطالعي کي پنهنجي اندر جي نقاد آڏو رکندي، آءٌ ائين چئي سگهان ٿو ته اڄڪلهه جي انيڪ "ناميارن نالن" کان مڙئي ڪجهه وڌيڪ لاڀ حاصل ڪري سگهيو آهيان. شايد اهوئي سبب آهي جو مون کي تمام گهڻ ليکڪن جون لکڻيون متاثر ڪري سگهيون آهن، يا انهن لکڻين لاءِ آءٌ ائين چئي سگهان ٿو ته انهن سنڌي ادب کي زرخيز ڪندي، پنهنجن پڙهندڙن جي ذهني تربيت ڪئي آهي، باقي ڪجهه ليکڪن جون لکڻيون يا ته منهنجي معيار کان مٿانهون آهن! يا ته وري منهنجو معيار انهن کان مٿانهون آهي! سو، آءٌ ڪوشش ڪري ان ڪتاب جو مطالعو ڪندو آهيان، جنهن مان مون کي اميد هجي ته پڙهڻ کان پوءِ منهنجي شعوري سگهه ۾ اضافو ٿيندو.

تازو مون برادرم الطاف حسين آگري کان غلام رباني آگري صاحب جو لکيل ڪتاب "جهڙا گل گلاب جا" پڙهڻ لاءِ ورتو. ڪتاب ملڻ وقت آءٌ نوجوان شاعرن ارم محبوب، احمد سولنگي، منظور سولنگي، آسي زميني، مصطفيٰ نانگراج، علي اظهار سومري ۽ اختر رند جي شاعري تي اڀياس لکي رهيو هئس. اڀياس لکڻ کان فارغ ٿيندي ئي مون مٿي ذڪر ڪيل ڪتاب ٻن ڏينهن ۾ پڙهي پورو ڪيو. اتي اها ڳالهه ياد رکڻ گهرجي ته ڪتاب 688 صفحن تي پکڙيل آهي ۽

اها ليکڪ جي خوبي آهي، جنهن ڪتاب مڪمل ٿيڻ تائين ان کي پڙهڻ لاءِ مون کي اُتساهيو.

مقدمي پڙهڻ کان پوءِ خواهش پيدا ٿي ته اهو ڪتاب خريد ڪري لائبرريءَ ۾ رکجي. پر، ڪتاب جي ملهه پڙهڻ کان پوءِ اها خواهش مڪمل ٿيڻ کان اڳ ختم ٿي وئي.

ڪتاب ۾ مختلف شخصيتن تي خاڪا لکيل آهن جن ۾ علامه آءِ.آءِ.قاضي، عبداللطيف آگرو، ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽو، پير حسام الدين راشدي، سيد ميران محمد شاهه، عثمان علي انصاري، شيخ عبدالمجيد سنڌي، غني خان، مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي، محمد ابراهيم جويو، مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ، سيد غلام مصطفيٰ شاهه، مولانا غلام محمد گرامي، مولانا عبدالواحد سنڌي، ٻيڙو فقير ڪنيار، رشيد ڀٽي، صديق سالڪ، ايچ.ٽي.لئمبرڪ ۽ ٻيا شامل آهن. ليکڪ انهن شخصيتن کي جيئن ڏٺو، ٻڌو ۽ پڙهيو آهي، انهن تي هن پنهنجي پوريءَ علمي قابليت ۽ فني سگهه سان خاڪا لکيا آهن.

رباني صاحب جي لکڻيءَ جي اها وڏي خصوصيت آهي، جو هو جيڏيءَ مهل مولانا عبدالواحد سنڌيءَ جي سنڌالاجيءَ ۾ ڪيل آخري تقرير جو عڪس چٽي ٿو ته اکين ۾ پاڻي تري اچي ٿو، ۽ وري جيڏي مهل رشيد ڀٽيءَ سان ڪيل ڪل پوڳ جو ذڪر ڪري ٿو ته پڙهندڙ پنهنجي منهن مسڪرائڻ لڳي ٿو.

اهو لکڻ جو فن ۽ ليکڪ جي قابليت آهي، جو پڙهندڙ سندس لکڻي پڙهڻ وقت ائين ٿو محسوس ڪري ته هو اکر نه پڙهي رهيو آهي پر ڪتاب جي صفحن ۾ اهي منظر ڏسي رهيو آهي.

ڪتاب ۾ جن شخصيتن تي خاڪا لکيا ويا آهن انهن جي پڙهڻ کانپوءِ انهن شخصيتن، ساڻن لاڳاپيل واقعن ۽ ان دور جي تاريخ پسمنظر جي چڱي ريت پروڙ پوي ٿي، پر اصل ۾ ڪتاب جو "مقدمو" وڏي علمي حيثيت رکي ٿو، جنهن ۾ محترم ليکڪ مختلف تاريخي واقعن، حوالن ۽ مشاهدن جي صورت ۾ لاڀ حاصل ڪرڻ جهڙو بحث ڪيو آهي.

سنڌي ٻوليءَ ۾ شخصيتن تي لکيل ڪتاب ڪي گهڻا نه آهن: سائين جي.ايم.سيد جو ڪتاب "جنب گذاريم جن سين"، عبدالقادر جوڻيجو جو ڪتاب "شڪليون"، طارق اشرف جو ڪتاب "جيل گهاريل جن سين" يا هڪ اڌ ٻيو ڪتاب آهي، جيڪي سنڌي ادب ۾ شخصيتن تي لکيل خاڪن تي مشتمل آهن.

آءٌ سمجهان ٿو ته جيڪڏهن سنڌي ادب ۾ شخصيتن تي خاڪا لکيا وڃن ته هڪ طرف انهن شخصيت جي گڻن ۽ اوگڻن جي ڇنڊڇاڻ ڪري سگهبي، ته ٻئي طرف اسان کي هڪ جيئري جاڳندي تاريخ ملي پوندي، ۽ ان سلسلي ۾ اسان جي اڄ جي ٽهيءَ کي آڏو اچڻ گهرجي. ان طرف خصوصي طور تي تاج جويو، انعام شيخ، نصير مرزا ۽ طارق عالم کي توجهه ڏيڻ گهرجي، جن جا مختلف شخصيتن تي جاندار خاڪا پڻ لکيل آهن.

## غلام رباني آگري جي ڪتاب مان ڪنيل

محمد امين خان کوسو... علامه قاسمي صاحب کي 'علم جو سمنڊ'ڪوٺيندو هو. سنڌ جي اڳوڻن عالمن ۽ علمي مرڪزن جو ڪو منجهائيندڙ مسئلو هجي يا تاريخ ۽ تذڪري جي ڪتابن سان وابسته ڪو معاملو ٻئي ڪنهن هنڌان جواب نه ملي، ته قاسمي صاحب وٽان پڪ ئي پڪ ملي ويندو. قاسمي صاحب واقعي علم جو بحربيڪنار هو. پر مون کي جنهن ڳالهه متاثر ڪيو، سو آهي سندس اعليٰ اخلاق.

[صفحه 646، جهڙا گل گلاب جا]

چونڊ: نصير مرزا

صاحب کي مهمان خاص ڪري گهرايو. اُتي ٻه رباني صاحب پنهنجي صدارتي تقرير ۾ ٻارن جي گهڻي حوصلا افزائي ڪئي ۽ ڪين اڳتي وڌڻ ۽ ادبي ميڙاڪا منعقد ڪرڻ جي صلاح ڏني، جيئن اڄوڪو ٻار رُلڻ بجاءِ علمي، ادبي تنظيمن ذريعي پاڻ کي اُجاري قوم جو سينگار ثابت ڪري.

ماهوار "گل ڦل" جي پرچي ۾ هر مهيني ٻاراڻي ادب جي مختلف تنظيمن جي سرگرمين جا احوال ايندا هئا.

رباني صاحب جون تحريرون ادب ۾ هڪ روشن راهه جي حيثيت رکن ٿيون، جيڪي اسان جن لئبررين ۾ محفوظ آهن، جيڪي اڄ به ڪيس امر ڪن ٿيون ۽ اسان جي رهنمائي ڪن ٿيون.

سائين منهنجي آخري ملاقات 8 ڊسمبر 2009ع تي سنڌ لئنگئيج اٿارٽيءَ ۾ ٻارن جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي ملهايل ڪنوينشن ۾ ٿي. سائين ملي مون کي اهو 42 سال وارو پراڻو دؤر ياد آيو، جنهن ۾ ٻارڙن جا وڏا وڏا ڪنوينشن مرتب ڪندا هئاسون ۽ سنڌ جي نامور اديبن ۽ دانشورن کي دعوتون ڏئي گهرائيندا هئاسون، جيڪي اسان کي نصيحتون ڪري سنڌي علم و ادب طرف مائل ڪندا هئا پر افسوس اُهي شخصيتون اڄ اسان ۾ موجود ناهن پر انهن جون ڏسيل نصيحتون اسان لاءِ روشن راهن جي حيثيت رکن ٿيون.

اڄ نہ اوطاقن ۾، طالب تنوارين،
آديسي اُٿي ويا، مڙهيون مون مارين،
جي جيءَ کي جيارين، سي لاهوتي لڏي ويا.
(لطيف)

## غلام رباني آگري جي ڪتاب مان ڪنيل

پوين ڏينهن ۾، شيخ عبدالمجيد سنڌي جو ساٿي شيخ صاحب جو لکڻ هوندو هو. ڪيس اڪيلوئي اڪيلو حيدرآباد جي سڙڪن تي پيادل هلندو ڏسي منهنجي دل ڀرجي ايندي هئي. هيءُ ساڳيو ئي ماڻهو هو. جنهن جي تعريف ۾ علي برادران جهڙين هستين 'سولجر آف اسلام' جي عنوان سان مضمون لکيا هئا ۽ جڏهن سکر جي جيل ۾ بند هو تہ جيل جو طواف ڪندي "شيخ عبدالمجيد سنڌي زنده باد" جا نعرا هنيا هئائون. سنڌ جيئري ئي ڪيس وساري چڪي هئي. سنڌ جي بي رحم معاشري ۾ هر بااصول ۽ ايماندار انسان جو گذران ڏاڍو ڏکيو آهي.

[صفحہ 402، جهڙا گل گلاب جا]

شو مارڪيٽ ڪراچيءَ ۾ رهندو هوس تہ ڪنهن دوست "رم" جو شيشو تحفي طور ڏنو. ڪمري ۾ لڪائي رکيم مولوي عبدالواحد سنڌي، (ايڊيٽر نئين زندگي) جڏهن صبح جو راڻي باغ وٽ پنهنجي گهر کان ايندو هو تہ ٻئي ڄڻا صبح مرداني گلاس گلاس پي، مست ٿي آفيس ويندا هئاسين. اٿڻ مهل مولوي صاحب ڪلي چوندو هو "زوراور متان ڪنهن کي خبر پئي."

[صفحہ 469، جهڙا گل گلاب جا]

چونڊ: نصير مرزا

هڪڙو خط وڏي اهميت جوڳو ۽ سوچڻ تي مجبور ڪندڙ آهي.

## خط

ياءُ امام!

اڄ اوهان جو 11- سيپٽمبر 1994ع وارو خط پهتو. ڪنهن زماني ۾ سائين حسام الدين شاهه ڪي دل جو دورو پيو هو. علاج لاءِ منيلا ويو هو، جتي وڏو ڀاڻس سفير هو. اتان مون ڪي ڊگها ڊگها خط لکندو هو. ٽيهن ٽيهن صفحن جا.

هڪ دفعي مون ڪيس محبت ڀريو خط لکي موڪليو ۽ اهو خيال رکي ته بيمار آهي، ڪيس خوش ڪرڻ لاءِ اهڙيون ڪي ڳالهيون لکيم جو پڙهي خوش ٿئي. جواب ۾ جيڪو خط لکيائين، ان جو آغاز سچل جي هڪ بيت سان ڪيائين. اهو بيت هاڻي ته وسري ويو اٿم، پر ان ۾ سائينءَ جي دل جو ان وقت جو عڪس هو. شروعاتي اکر اهي هئا ته "اي پڪيڙا تون جو مون وٽ دوست جو سنيهو کڻي آيو آهين، سو اڄ ته تنهنجي ڳچيءَ ۾ موتين جي ڳاني پايان ۽ تنهنجي پَرن کي هيرن جواهرن سان سينگاريان."

ادا سائين!

ماڻهوءَ تي مَهلون اينديون آهن. اوهان ڪڏهن جُهڙاليءَ منڊ ۾ ميداني علائقي جو سفر ڪيو آهي؟ هونئن ته ميدان ۾ اُس هوندي آهي، پر ماڻهو واٽ وٺي هلندو رهندو آهي ته ڪنهن مهل ڪو ڪَڪَرُ مٿان ايندو آهي ته ڇانوَ ٿي ويندي آهي. مزو اچي ويندو آهي.

زمانو به ائين آهي. ماڻهو ڪڏهن ڀريءَ ۾ ته ڪڏهن ڀاڪر ۾ آهي. ڏک ۽ سُک به اس ۽ ڇانوَ وانگر هڪ ٻئي پٺيان اچن ٿا.

هڪڙا انسان ٻين کان وڌيڪ حساس ٿين ٿا. نوڊ تي ڪو اثر ڪو نه ٿيندو آهي. رڍ ڇا ڄاڻي رباب مان، جنهن جي ٻولي آهي- "ٻي"!

حساس انسان لاءِ ڪک سَهڻ به ڏکيو آهي. سندس من ڪومائجي وڃي. پوءِ اُداس اکڙين سان پيو هيڏي هوڏي ڏسي ته من ڪٿان قرب جو سهارو ملي! دنيا ۾ اڪثريت آهي حرامين جي، تن کي اهڙو شڪار الله ڏياري! سڀ ماڻهو هڪجهڙا ڪونهن. ٿي به نٿا سگهن. هر ڪنهن جي شخصيت يا سوليءَ سنڌيءَ ۾ ائين چئجي ته سندس سياءَ جو سانچو سندس آسپاس جي حالتن مان ٺهي ٿو. ان ۾ سندس خانداني حالتن جو سندس ذهن تي وڏو اثر پوي ٿو.

روس ۽ چين ۾ سوشلزم جي تجربي اها ڳالهه غلط ثابت ڪئي آهي، جو ماحول مٽائبو ته سندس سياءُ به ڦري ويندو. هر جاندار ۾ پنهنجي بچاءَ جي وصف بنيادي آهي. ماڻهو به جاندار آهي. پنهنجي بچاءَ ۽ مفاد کي ترجيح ڏئي ٿو. ٻئي جو سورُ ڪير پنهنجو ڪندو؟ پوءِ اهڙيءَ دنيا ۾ ڪيئن هلجي؟ اهڙي اٿائي سفر ۾ وک اڳتي ڪيئن کڻجي؟ اهو جواب انهن اعليٰ انسانن ڏنو آهي، جن کي اسان پيغمبر ڪوٺيون ٿا. هنن ڳالهه کي ڳِٺي کان ورتو آهي.

سوال آهي ته هن دنيا ۾ انسان جي حياتي دائمي آهي ڇا؟ جي نه- ڪن ڪلاڪن، ڪِن ڏينهن، ڪِن سالن جو سفر آهي ته ان لاءِ اوڻ به اوتري ئي ڪرڻ گهرجي.

تون تاج محل ڪنهن لاءِ جوڙائين ٿو؟ جن هزارن ماڻهن کي ماري،سندن رت سان لنباوَت ڪري، مصر ۾ احرام ناهيا، تن جو حشر ڏٺو اٿيئي؟ ڪيڙا ماڪوڙا سندن ماس کائي ويا. هڏا خاڪ ۾ ڳري ويا. پوءِ باقي سندن خرمستي ڇا تي هئي؟

تازو پياري پيغمبر حضرت مُحَمَّد ﷺ جي هڪ حديث پڙهيم. ڏاڍو لطف آيو. ڪا ڳالهه آهي! فرمايو اٿن:

"هن دنيا جي حياتي هڪ ڏينهن وانگر آهي ۽ اسان اهو ڏينهن روزي ۾ گذارڻ جو فيصلو ڪيو آهي."

زندگيءَ جي سمورين حسرتن ۽ خواهشن تي ڪنٽرول جي جرئت به ڏِسُ ۽ اهو به جاچ ته هيءَ ڳالهه اهو عظيم انسان ڪري رهيو آهي، جنهن دنيا جي بي ثباتيءَ کي خيال ۾ رکي، دنيا ۾ دلچسپي نه ورتي، زندگي روزي ۾ گذاري، تاهم جيڪي ڪجهه چيائين يا ڪيائين، تنهن دنيا جو نقشو ۽ تاريخ جو وهڪرو هر ايندڙ دور لاءِ بدلائي ڇڏيو!

سندن وصال کان چوڏنهن سؤ سال پوءِ اڄ دنيا جي سپر پاور آمريڪا لاءِ چين جيترو مٿي جو سُور

آهي، ان ڪان وڌيڪ مسئلو ”مسلمانُ“ آهن. چين ته ڏي وٺ تي راضي ٿي ويندو. پر، سچو مسلمان ته ڳالهه ئي هڪ ٿو ڪري چوي ٿو ته ”مُحَمَّدﷺ“ جي نالي تي سِرُ ڪٽائڻ لاءِ تيار آهيان.“

تون ۽ مان عقيدي جا ايڏا پختا نه آهيون. سر ڪٽائڻ ته ڇا ڇُهنڊڙي سهڻ جي طاقت به ڪو نه ٿا رکون. پر هڪڙو ڪم ته ڪري سگهون ٿا. پنهنجي پيغمبر ﷺ سان پيارُ ڪري سگهون ٿا. سندس حياتيءَ تي لکيل مستند ڪتاب ته پڙهي سگهون ٿا. من سندس ڳالهين مان ڪنهن تي عمل ڪرڻ جي خدا توفيق ڏئي.

جيڪب آباد ضلعي ۾ هڪ شخص آهي سردار نظام الدين ڪوسو، غريب ماڻهو آهي. ڪتابن جو شوقين آهي. سندس پاڻ وڏو همت وارو ماڻهو هو. نالو هوس- محمد امين خان ڪوسو.

مون کي اهو به اوهان وانگر قربائتا خط لکندو آهي. ڪڏهن موقعو ملي ته ڪچهريءَ لاءِ وٽس هليا وڃو. اوهان جي دل کي قرار ايندو. خط لکڻ لاءِ ائڊريس هيءَ اٿس.

پوسٽ آفيس انڙ واهه
تعلقو ٺل، ضلعو جيڪب آباد

مان ڪڏهن ڪنهن حال ۾ آهيان ته ڪڏهن ڪنهن ۾. مڙئي يارن دوستن سان ٿورو گهڻو نڀائڻ جي ڪوشش ڪندو آهيان. توهان لاءِ به دعائون آهن.خدا اوهان جا ڏکڙا ڏور ڪري. رحمت ۽ رهبريءَ سان نوازي. پاڻ سچي ڳالهه ته اِها آهي ته،

”جب تک بکانہ تھا،تو کوئی پوچھتا نہیں“

سڪ سان
غلام رباني
اسلام آباد 14-9-1994 ع

رباني صاحب جو هڪ جُهونو دوست نظام الدين ڪوسو به هو. ان سان به منهنجي خط وڪتابت هئي. ان کان علاوه شڪارپور جي ڳوٺ ڪرن شريف جو رهندڙ حاجي غلام مصطفيٰ پيو سان پڻ رباني صاحب جي خطن لکڻ جو سلسلو رهندو آيو. پيو صاحب، سائين حسام الدين راشديءَ جو دوست هو. راشدي صاحب کيس اڪثر خط لکندو هو. اهي خط مرحوم پيو صاحب مون کي ڏئي ويو، جيڪي مون ترتيب ڏئي رکيا آهن. انهن خطن ۾ به رباني صاحب جو ذڪر ٿيل آهي. انهن ترتيب ڏنل خطن جي هڪ ڪاپي آگري صاحب کي پيش لفظ لکڻ لاءِ ڏني هيم. پر خبر ناهي چو پيش لفظ به ڪو نه لکيائين ۽ ڪاپي به واپس نه موڪليائين.

غلام رباني آگري صاحب ڪجهه وقت لاءِ سنڌي ادبي بورڊ جي رسالي ”گل ڦل“ جي ادارت به سنڀالي هئي، رباني صاحب بنيادي طور تي افسانه نگار هو. هُن پهريون افسانه 23 سالن جي عمر ۾ لکيو. سندس افسانن ۾ سنڌي سماج ۾ ٿيندڙ براين ۽ ناانصافين خلاف آواز اُٿاريل آهي. پر، هن جي بهترين سُڃاڻپ مضمون نگاري ۽ خاڪا نگاري آهي. رباني صاحب تاريخ جو تسلسل ڪٿي ڳالهه جي تهه تائين پهچي ويندو. پاڻ قلم جو صاحب هو. سندس قلم هميشه سنڌ جي پاسداري ڪندو رهيو. هن جا ڪتاب ”جهڙا گل گلاب جا“ ۽ ”سنڌ جا بَر، بحَر ۽ پهاڙ“ سنڌي ادب ۾ ڪلاسڪ جو درجو رکن ٿا. ”جهڙا گل گلاب جا“ جو مقدمو ته شاهڪار تخليق آهي. رباني صاحب جو مطالعو ۽ مشاهدو تمام وسيع هو. وڏو خوش نصيب ليکڪ به هو، جو کيس سُٺا ترجمي نگار به مليا. پاڪستان جي چند اديبن ۾ شمار ٿيندڙ هِن اديب جون لکڻيون دنيا جي ٻين ٻولين ۾ به ترجمو ٿيون. کيس سنڌيءَ ۾ نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جي سيرت پاڪ تي معياري ۽ مستند ڪتاب لکڻ جو ارادو هو. دنيا جا چڱا ملڪ گهمي آيو. جتي به ويو اتان جي علمي ادارن جا دَرَ کُلي پئي ويا. هُو ادبي سفير بڻجي پنهنجو ڪردار نڀائيندو رهيو. دنيا جي لاتعداد عالمن ۽ اديبن کي سنڌ جو ديدار ڪرايائين. سنڌ هُن جي جِند هئي، سنڌ سان بي حد پيار به ڪيائين ته سنڌ به هُن سان پيار ڪيو. اڄ هُو سندس هَنج ۾ سُتل آهي.

◘

# يادگار مشاعرو



اسحاق سميجو، ادل سومرو، حسن درس، مختيار ملڪ، ”پروڊيوسر“ سميع بلوچ، تاج جويو، رخسانہ پريت چنڙ، ماهين هيسباڻي،
روبينہ ابڙو، طارق عالم ابڙو، اياز گل

(4 - اپريل پي ٽي وي ڪراچي)


TASSCO
The Shining Star Of Private Seed Sector In Pakista
The First Research Based Seed Company In Pakista
One Of The Biggest Seed Company In Pakista
The Name Of Trust In Pakista
Tassco seed farm
Tassco Seed Focused on a Common Goal of Reliable, Productive, Highqualiety, High Yielding Seeds of Cotton, Wheat, Cauliflower, Barassica And Rice Crops.
BRASSICA
TSB - 202
TASSCO SEED CORPORATION
Deluxe
TASSCO
PADDY SEED
TASSCO SEED CORPORATION
Classic
COTTON SEED
FH-1000
TASSCO SEED CORPORATION
Nett: 50 Kg.
WHEAT SEED
KIRAN-95
TASSCO SEED CORPORATION
®TASSCO SEED CORPORATION
PH: 022-3890422 MOBILE: 0300-3086370
E-mail: tasscoseeds@yahoo.com web: www.tasscoseeds.itgo.com